# چونڊ مضمون

## رسول بخش پليجو

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

# ستاءُ


| مضمون | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| 1 | پاڻيءَ جي تڪرار جي منصفاڻي نبيري لاءِ غيرجانبدار بين الاقوامي ٽربيونل جي ضرورت | 03 |
| 2 | پال وولفووٽز، عالمي بينڪ ۽ ڪالاباغ ڊيم | 14 |
| 3 | ڪالاباغ ڊيم ـ پاڻي تي ڌاڙي جو منصوبو | 24 |
| 4 | سچو پچو مڙس ماڻهو ڪهڙو ٿيندو آهي؟ | 30 |
| 5 | چٽيءَ ۾ ويندڙ نياڻيون، قبائلي نظام ۽ پريمي جوڙا | 42 |
| 6 | ڪمزور جمهوريت جون پاڙون | 54 |
| 7 | قومي آجپي جي نالي ۾ ڏنل ڪامياب دوکو | 62 |
| 8 | قومي عوامي جمهوري انقلاب | 67 |
| 9 | گڏيل مفادن ۽ انصاف جي بنيادن تي پاڪ ـ هند ناهه ضروري آهي | 72 |
| 10 | دنيا جي تاريخ جا ٻه وڏا خالق | 76 |
| 11 | اصل لانگ مارچ! | 87 |
| 12 | سپر پاور! سپر پاور! | 100 |
| 13 | ڪاش! سنڌ ۾ هيئن ٿئي | 108 |
| 14 | وڏيرڪي راڄ جي ڪوڙهه | 114 |
| 15 | خوشيءَ جهڙي خوراڪ | 120 |
| 16 | سنڌ جي عظيم ثابت قدم ڌيءَ زرينه بلوچ | 123 |

# پاڻيءَ جي تڪرار جي منصفاڻي نبيري لاءِ غيرجانبدار بين الاقوامي ٽربيونل جي ضرورت

سازش سٽي هٿراڏي پيدا ڪيل هند پاڪ پاڻي تڪرار جي نبيري لاءِ عالمي بينڪ جي سهاري هيٺ مارچ 1952ع ۾ ڳالهيون ٻولهيون شروع ڪيون ويون. جنهن ۾ ٻهريان ئي سنڌ سميت سيني صوبن جا نمائندا شريڪ ٿيا. سنڌ جي نمائندي مسٽر ايم ـ ايس قريشي (سابقہ وي ـ سي سنڌ يونيورسٽي) سنڌ سرڪار کي رپورٽ ڪري دانهن ڏني تہ واشنگٽن ۾ پاڻيءَ جون ڳالهيون هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ ڳالهين بدران پنجاب ۽ سنڌ جي وچ ۾ جهيڙو بڻجي ويون آهن. پنجاب جي چيف انجنيئر مسٽر حميد بهاولپور جي نمائندي کي سنڌو نديءَ مان بهاولپور رياست لاءِ پاڻي ڏيڻ جي رشوت آڇي، ڪيس سنڌو مان پنجاب لاءِ لنڪ ڪئنال ڪڍڻ جو حمايتي بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن عالمي بينڪ اڳيان پيش ڪيل پاڪستان واري تجويز ۾ ڪوڙا انگ اکر ڏيئي اهو بيان شامل ڪرايو تہ سنڌوءَ جي نون بئراجن کي نہ رڳو اپريل مئي ۾ پاڻي ملي ويندو پر ان مان پنجاب اندر وڏيڪ بئراج ۽ واهہ کوٽائڻ لاءِ پاڻي بچي ويندو. هن سنڌ سرڪار کي ٻڌايو تہ مسٽر حميد پاڪستان جي پاڻيءَ کي پنهنجي ذاتي ملڪيت سمجهي ٿو، جيڪو پاڻي سنڌ کي تاريخي طرح الاٽ ٿيو آهي، تنهن کي سندس سيڪريٽري مسٽر خليل الرحمان اجايو زيان سڏي ٿو ۽ چوي ٿو تہ نيٺ سنڌ کي ان پاڻيءَ تان هٿ ڪڍڻو پوندو. (ابرار قاضي، ”ڪالاباغ ڊيم“ ص:29)

”سندس سيڪريٽري مسٽر خليل الرحمان ۽ پاڻ چون ٿا تہ هيءَ حڪومت بيڪار آهي. اها ڪوبہ فيصلو نہ ڪندي. بهتر ائين آهي تہ فيصلو واشنگٽن ۾ ٿئي. (ساڳيو ڪتاب ـ ص:30) تان جو 15 آڪٽوبر 1955ع تي سنڌ ۽ ٻين صوبن جو وجود ختم ڪري ون يونٽ مڙهيو ويو ۽ ان جو ناجائز فائدو وٺي پنجاب ڪانسواءِ ٻين سيني صوبن جي ميمبرن کي پاڪستان پاران عالمي بينڪ سان پاڻيءَ جون ڳالهيون هلائيندڙ وفد مان تڙي ڪڍيو ويو ۽ ست ئي ميمبر پنجابي مقرر ڪيا ويا. يعني معين الدين (اهو ساڳيو مٿي ذڪر ڪيل مسٽر حميد الدين) چيف

انجنيئر پنجاب، خليل الرحمان، ايس ڪرماني، ايس آر محبوب، اي ڪي ايم نياز ۽ الطاف حسين (ساڳيو ڪتاب ـ ص:32)

هاڻ پنجاب سرڪار عملي طرح پاڪستان جي سمورن پاڻين ۽ سنڌ ـ سرحد جي وارث ۽ والي بنجي ويهي رهي ۽ ڳالهيون عملي طرح پاڪستان ۽ دنيا جي ملڪن جي وچ ۾ نـہ پر پنجاب سرڪار ۽ دنيا جي ملڪن جي وچ ۾ هليون. (1) ٿورن ڏينهن کان پوءِ مارشل لا مڙهائي مرڪز مان سنڌي وزير بـہ ڪڍي ڇڏيا ويا. (2) پاڪستان جو نمائندو آمر جنرل ايوب خان ٿي وينو، جنهن کي سنڌ سان ڪوبـہ واسطو نـہ هو ۽ عملي طرح پنجاب صوبي جي نمائندگي جي ڊيوٽي پئي ڏنائين. سندس صلاحڪار سڀ جا سڀ پنجابي هئا، جيڪي مـٿس حڪـم هلائيندا هئا. (3) انهن پنجابي صلاحڪارن ايوب خان کي نڪ ۾ نوڙي وجهي ڪيس پنجاب جي پاڪستان دشمن مفادن لاءِ ايجنٽ طور ڪتب آٽي، ننڍين مغربي صوبن خاص ڪري سنڌ کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ لاءِ هڪڙو شاهي منصوبو ايوب خان کان منظور ڪرائي ورتو. (4) ان ظالماڻي سنڌ دشمن منصوبي ۾ (الف) پنجاب جي طرفان هٿ سان وڪيل ندين جي ڪري پنجاب ۾ پيدا ٿيل ڪوٽ پاڪستان ٺهڻ جي ڏينهن بدران گهٽو پوءِ جي حساب سان ڏيکاري ۽ انهن جي بوڏن جي زماني ۾ سمنڊ ڏانهن فضول وهي ويندڙ پاڻيءَ کي بـہ پنجاب کي رسيل نقصان ۾ شامل ڪري، پنجاب کي رسيل ڪوٽ ۽ ان لاءِ گهربل پاڻيءَ جو انگ گهٽو چاڙهي (ٽن ڪان ڇئن سالن واري فارمولي مطابق 2.14 ماف ربيع 15 ماف خريف بدران ڪل 12.12 ماف) ان جي پورت لاءِ بندوبست جي گهر ڪئي ويئي. (ب) ناجائز طرح وڪيل ندين مان جيڪو ساليانو پاڻي سنڌ کي ملندڙ هو، ان جو ۽ ان ڪوٽ جي پورت ڪرڻ جو حساب منصوبي ۾ شامل نـہ ڪيو ويو. (ت) سنڌ جي حقيقي گهرجن ۽ ان لاءِ تاريخي طرح منظور ٿيل پاڻيءَ جو انگ هٿراڏو گهٽائي ڇڏيو ويو. (ٿ) نديون وڪڻڻ کان اڳ پنجاب جي پنجند ۽ تريمو واهن کي پاڻي اوپر جي هٿراڏو وڪاڻل ندين مان ڪونـہ ملندو هو، تنهنڪري انهن واهن جو پاڻي ڪوٽ جي پورت لاءِ گهربل پاڻيءَ ۾ شامل نٿي ٿي سگهيو. پر هنن انهن واهن کي ڪوٽ ۾ آيل واهه ڏيکاريو. تان جو اڄ اهي پنجاب جا هميشہ پنجابي ندين مان پاڻي کڻندڙ واهه اسلام واهه سان گڏ هر سال سنڌ جي 33000 ڪيوسڪن جو ڌاڙو هڻي سنڌ کي سُڪائي رڻ پٽ ۾ بدلائي رهيا آهن.

# سنڌ خلاف سازش جي ڪٿئي مان هندستان کي بہ ڪيڏو ڏؤ ڪرايو ويو!

هندستان کي سنڌو (طاس/بيسن) واري علائقي ۾ آباديءَ لاءِ زمين ڪل زمين مان 9 سيڪڙو ۽ ان مان واهن تي آباد ٿيندڙ زمين فقط 6 سيڪڙو هئي، پر هندستان سان سازش مطابق ان کي ان سازش سان ناجائز فائدي جي حصي طور سندس 6 سيڪڙو زمين جي لاءِ سنڌو درياهہ جي نظام جو ٽيڻ کان بہ وڌيڪ يعني سڄو سارو 20 سيڪڙو پاڻي يعني 33 ملين ايڪڙ فوٽ ڏنا ويا.

"سنڌوءَ جي ٿالهہ جي پاڻيءَ بابت تڪرار بابت ڳالهين ٻولهين، سهولت پيدا ڪرڻ ۽ اولهہ پاڪستان جي مختلف يونٽن (صوبن) جي وچ ۾ صورتحال چٽي ڪرڻ لاءِ آءٌ ان ڳالهہ جي تصديق ٿو ڪريان تہ (صوبن طرفان) مرڪزي سرڪار کي پلي کهڙو بہ مواد مهيا ڪيو وڃي ۽ ڪٽي هندستان سان ناهہ جي ڳالهين ٻولهين ۾ مرڪزي سرڪار کهڙا بہ دليل پيش ڪري، مواد تيار ڪري ۽ موقف اختيار ڪري تہ بہ ان جو ڪنهن بہ يونٽ (صوبي) جي قانوني حقن تي ڪوبہ اثر ڪونہ پوندو. قومي مفاد لاءِ اهو لازمي آهي تہ پاڪستان طرفان جيڪو نقطي نگاهہ پيش ڪيو وڃي، سو نهڪندڙ ۽ هڪ سارو هجي. جي (ائين ڪندي) ڪن يونٽن (صوبن) جي وچ ۾ تڪراري نڪتو پيدا ٿي پيو تہ اهو واجبي ۽ مناسب نموني حل ڪيو ويندو ۽ ضرورت پئي تہ مرڪزي سرڪار ان لاءِ ڪا غير جانبدار ڪميشن مقرر ڪندي." (حڪومت پاڪستان جي صنعت کاتي جي سيڪريٽري جو 6 نومبر 1954ع تي سڀني صوبن ڏانهن لکيل ڊي او ليٽر نمبر سيڪريٽري (انڊ) 54/8735)

1980ع ۾ انوارالحق ڪميشن جي سربراهہ چيف جسٽس مسٽر انوارالحق انهيءَ حقيقت جي هنن لفظن ۾ تائيد ڪئي. "هندستان سان (پاڻيءَ جي تڪرار جي نبيري جي ڳالهين ۾ پاڪستان طرفان) ڪٽي ڪهڙو بہ موقف اختيار ڪيو ويو هجي، پر ان جو صوبن جي حقن تي ڪوبہ نقصانڪار اثر نہ پوندو. ان معاملي بابت مون جيڪو نتيجو ڪڍيو آهي سو اهو آهي. هندستان سان ڳالهين ۾ ماٺهو ڪيئن موقف اختيار ڪري سگهي ٿو." (پنجابي جسٽس مسٽر جسٽس انوارالحق جو اپريل 1980ع ۾ پاڻيءَ جي تڪرار بابت سنڌ جو ڪيس ٻڌڻ مهل تبصرو، ڏسو ابرار قاضيءَ جو ڪتاب "ڪالاباغ ڊيم" جو ص:73)

”پاڪستان طرفان عالمي بينڪ ۾ قرض ڏيندڙ ڌرين جي اڳيان جيڪو منصوبو پيش ڪيو ويو، سو هندستان کان وڌ ۾ وڌ معاوضو وٺڻ ۽ ٻين ڌرين کان وڌ ۾ وڌ قرض وٺڻ لاءِ ناهيو ويو هو. (سنڌ ڪيس ص:124)

”اسان کي خاطري ڏني ويئي ته سنڌوءَ جي ٿالهه جي پاڻيءَ بابت صلاحڪار بورڊ (اباب) جي رٿيل منصوبي ۾ جيڪي به ڪم شامل پئي ڪيا ويا، سي رڳو ڌارين کي ٻڌائي انهن کان قرض وٺڻ لاءِ هئا . . . . . مغربي پاڪستان وزارت جي 13 نومبر 1955ع تي ٿيل اجلاس ۾ انهن خاطرين کي بار بار ورجايو ويو. ان اجلاس جي ڪاروائيءَ جي ڪاپي نثي ڏني وجي. اسان کي هميشه چيو ويو ته تربيلا ڊيم سنڌ جي لاءِ آهي.“ (وهاب شيخ ”سنڌ ڪيس“ جلد پهريون ص:17) عالمي بئنڪ سنڌوءَ تي تربيلا ڊيم مڙهڻ جي خلاف هئي، ”عالمي بئنڪ جي تجويز ۾ ڪوبه تربيلا ڊيم ڪونه هو. ان ۾ تجويز هئي منگلا جي (4.75 ماف) ۽ روهتاس جي (2.1 ماف ڪل 6.85 ماف) (”سنڌو پاڻي ڪميٽيءَ اڳيان سنڌ جو ڪيس جي پيشڪش“ حصو پهريون ص:55)

”عالمي بئنڪ ٽيم جنهن جي اڳواڻي صدر يوجين بلئڪ پئي ڪئي، تنهن اسان کي منگلا ڊيم، کي هيڊ ورڪ ۽ مٿيل ۽ لنڪ ڪئنال آڇيا. انهن جهلم جي ويجهو روهتاس وٽ هڪڙو ڊيم به آڇيو.“ (ايوب خان: ڪتاب ”آقا نه پر دوست“ ص:109) ”. . . . اسان جي ٽيڪنيڪي ماهرن ۽ منتظمن (سڀ پنجابي ـ ر.ب.پ) سان منهنجو جيڪو ٽڪر ٿيو، تنهن جو ذڪر ڪرڻ گهران ٿو. مون کي محسوس ٿيو ته هو مون کان اها گهر ڪري رهيا هئا ته آءٌ ڪين آسمان تان تارا لاهي ڏيان . . . . هو مون تي حڪم هلائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا . . . . ڪي 30 يا 40 ڄڻا اچي لاهور جي گورنمينٽ هائوس ۾ ڪٺا ٿيا هئا . . . . “ (ساڳيو مٿيون ڪتاب ـ ص:109)

”منهنجي ٽيڪنيڪي صلاحڪارن جو اهو مضبوط رايو هو ته جهلم نديءَ تي منگلا ڊيم ڪانسواءِ سنڌو نديءَ تي تربيلا وٽ به ڊيم ٺهڻ کپي جو سنڌو نديءَ ۾ ضرورت کان وڌيڪ پاڻي آهي. ان مان نه رڳو ڪوٽ جي پورٽ ٿيندي پر وڌيڪ آبادي ڪرڻ ۽ خاص ڪري سنڌ جي واهن لاءِ پاڻي ملي سگهندو.“ (ساڳيو ڪتاب ـ ص:110)

ايوب خان به صاف لکيو آهي ته تربيلا هند پاڪ جنگ جون ڌمڪيون ڏيئي مڙهيو ويو ۽ اهو پنجاب جي ڪوٽ وارن واهن (پنجند، تريمو ۽ اسلام) کي پرڻ

لاءِ نہ نهرايو ويو هو. ”مون کي خبر هئي تہ جڏهن عالمي بئنڪ جو صدر اها (سنڌوءَ تي تربيلا ڊيم ٺاهڻ جي) ڳالهہ ٻڌندو تہ وجي چت سان لڳندو. هو وجي لڳو بہ . . . . پر مون کيس چيو تہ جي اسان کي اڄ ۽ ٻڪ مرڻو آهي تہ پوءِ هو چاهين ٿا تہ اسين وڙهندي مرون. مون کي چون ٿا تہ اسان کي وڙهندي مرڻ جو موقعو ڏي . . . جيستائين اسان کي (پنجاب جي) ڪوٽ پوري ڪرڻ ڪانسواءِ پنهنجي وڏيڪ ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ پاڻي نہ ملندو تہ ملڪ ۾ انتشار ڦهلجي ويندو.“ (ايوب خان: ڪتاب ”آقا نہ پر دوست“ ص:109)

## ڏاڙيل واهن جو سنڌوءَ جي تربيلا مان ڪنيل پاڻي منگلا مان ڪٽڻو آهي

رڪارڊ ۾ خود پنجاب جي انجنيئرن جا چٽيل بيان شاهد آهن تہ خود پنجابي انجنيئرن طرفان سنڌ جي انجنيئرن جي پرپٺ، ون يونٽ ۾ مارشل لا جي ڏنڊن جي زور تي ڪيل غيرقانوني ۽ غيرآئيني پاڻي جي ورهاست موجب بہ پنجاب جي هٿ سان پيدا ڪيل ڪوٽ جي پورت سان سنڌوءَ تي زبردستي، غيرقانوني ۽ غيرآئيني طور مڙهيل تربيلا ڊيم جو ڪوبہ واسطو ڪونہ رکيو ويو هو. سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي بين الاقوامي ناهہ موجب ڪوٽ جي پورت لاءِ گهربل انجنيئري ڪمن جي مڪمل ٿيڻ لاءِ ٽن سالن جو مدو ڏنل هو. انهن ڪمن لاءِ قرض هندستان ۽ ٻين ملڪن ڏنا هئا ۽ ڪم پاڪستان کي پورا ڪرڻا هئا. مدي اندر ڪم نہ ٿيڻ جي حالت ۾ پاڪستان طئي ڪيل ڏنڊ ڀري ڪم پوري ڪرڻ لاءِ وڌيڪ مهلت وٺي سگهيو ٿي پر پاڪستان مدي اندر ڪم پورو ڪيو ۽ ڏنڊ ڀري مهلت نہ ورتي. ان مان ثابت ٿيو تہ ان وقت جيڪي ڪم پاڪستان مڪمل ڪيا، پنجاب جي ڪوٽ لاءِ اهي ئي ڪم ڪرڻا هئا ۽ نہ ڪي ٻيا. ٻين لفظن ۾ پنجاب جي ڪوٽ لاءِ اهي ئي مقرر ڪيل هئا جيڪي مقرر مدي اندر مڪمل ٿي چڪا هئا ۽ نہ ڪي ٻيا. ان مدي اندر ڊيمن مان فقط منگلا ڊيم نهي راس ٿي چڪو هو. سنڌوءَ وارو تربيلا ڪوٽ جي پورت وارن ڪمن جي مڪمل ٿيڻ جي تاريخ تائين اڃا شروع ئي مس ٿيو هو، جو تہ پنجاب جي ڪوٽ جي پورت لاءِ جهلم وارو منگلا ڊيم مقرر ٿيل هو ۽ نہ سنڌوءَ وارو تربيلا. ان ڪري ڏنل مدي اندر اول منگلا کي مڪمل ڪرڻو هو ۽ نہ تربيلا کي.

”سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي ناهه ۾ (ڪوٽ جي پورٽ لاءِ گهربل) سڀ ڪم پورو ڪرڻ جي آخري تاريخ (31 مارچ 1970ع) مقرر ڪيل هئي. ان ڪان ٻه سال اڳ جهلم ڪان اوپر طرف هڪ ارب سورهن ڪروڙ ڊالرن جي خرچ سان ڪوٽ جي پورٽ ڪرڻ وارن بندوبستن جو ڪم مڪمل ٿي چڪو هو ۽ پاڪستان ايرندين ندين ۾ هندستان جي گڙٻڙ جي خوف کان آزاد ٿي پنهنجن پيرن تي بيهجي چڪو هو.“ (پنجاب جي چيف انجنيئر مسٽر ڪرماني جو P.B.I 265 ۾ ص:14 تي ڪيل تبصرو: ڏسو سنڌ ڪيس ص:135)

ظاهر آهي ته جيڪڏهن ٽن ندين جي وڪري ڪان متاثر ٿيل واهن پنجند، تريمو ۽ اسلام ۾ پيدا ٿيل ڪوٽ جي پورٽ منگلا بدران تربيلا مان ڪرٽي هجي ها ته پاڪستان تيستائين وڏيڪ مدو وٺي ها جيستائين تربيلا نهي وجي ها، پر ائين نه ڪيو ويو چو ته تربيلا جو پنجاب جي واهن جي هٿ سان پيدا ڪيل ڪوٽ پوري ڪرڻ سان واسطو ئي ڪونه هو. ان دؤر جي پنجابي وزيراعظم پاڪستان سر فيروز خان نون پنهنجي زندگيءَ جي يادگيرين جي ڪتاب ۾ اها تصديق ڪئي آهي ته منگلا ڊيم ٽن وڪاٽل ندين جي ڪوٽ ڪان متاثر واهن (پنجند، تريمو ۽ اسلام) جي پورٽ لاءِ آهي ۽ نه پنجاب جون نيون زمينون آباد ڪرڻ لاءِ. ”جڏهن ماڻهو منگلا ڊيم سائيٽ تي وجي ٿو ۽ انجنيئرن جو طاقتور ڪارنامو هلندو ڏسي ٿو، تڏهن ماڻهوءَ ڪي پاڻ ڪي ياد ڏيارڻو پوي ٿو ته هيتري سموري رقم (پنجاب جي) نين زمينن ڪي آباد ڪرڻ تي نه پر فقط (ٽن وڪرو ڪيل ندين جي) پاڻيءَ کان محروم ٿيل زمينن ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ آهي.“ (سر فيروز خان نون سابق چيف منسٽر مغربي پنجاب ۽ وزيراعظم پاڪستان جو ڪتاب ”يادگيرين مان“ ص:264)

ان ڪري سنڌ جو ٿيهن سالن کان اهو اصولي موقف پئي رهيو آهي ته تربيلا جو هٿ سان پيدا ڪيل ڪوٽ وارن واهن جي پورٽ ڪرڻ سان ڪوبه واسطو ڪونهي. ”اسين سنڌوءَ مان تريمو، پنجند ۽ اسلام ڪي نه پاڻي ڏئي سگهون ٿا ۽ نه ڏيڻ سان متفق ٿيون ٿا.“ (وهاب شيخ جو مئي 1973ع ۾ سنڌ واٽر ڪميٽي اڳيان موقف: سنڌ ڪيس ص:126)

ٿيهن سالن کان پنجاب چشمه ـ جهلم ۽ تونسه ـ پنجند ڏاڙيل واهن ذريعي هر سال هر روز 33 هزار ڪيوسڪ پاڻيءَ جا تربيلا (سنڌوءَ) مان ڏاڙا هڻي ڪڻيو

وجيو تريمو، پنجند ۽ اسلام هيڊ ورڪس کي پهچائي ۽ سنڌ کي رڻ پٽ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو اٿس.

## ڏاڙيل واهه ڪڏهن وهائڻا هئا؟

(1) بي قاعدي مڙهيل ڊيم تربيلا مان بي قاعدي ڪڍيل بـه ڏاڙيل واهه (لنڪ ڪئنال) چشمہ ـ جهلم ۽ تونسہ ـ پنجند لاءِ طئي ٿيل هو تہ اهي تڏهين ۽ اوترو وهايا ويندا جڏهن ۽ جيترو (الف) پنجاب جي هٿ سان پيدا ڪيل ڪوٽ جي پورت لاءِ پنجاب جو پنهنجو جر جو پاڻي ۽ واڌو (ب) چناب ۽ جهلم جو وهندڙ پاڻي ۽ واڌو (ت) منگلا ڊيم ۾ گڏ ڪيل پاڻي بـه ناڪافي ٿي پوندو ۽ واڌو (ج) جڏهن ۽ جيترو سنڌوءَ جو پاڻي سنڌ جي بئراجن جون سموريون ضرورتون پوريون ڪرڻ کان بچي پوندو.

(2) پر پنجاب منگلا ڊيم کي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻڻ بدران ان کي نت نيون غيرآباد زمينون آباد ڪرڻ لاءِ ڪتب پيو آڻي.

(3) 3 جولاءِ 1973ع تي پاڪستان سرڪار، گورنمينٽ پنجاب، مرڪزي وزيرِ ماليات، پنجاب ۽ سنڌ ايريگيشن کاتن جي وزيرن ۽ بين اعلىٰ عملدارن جي گڏجاڻيءَ ۾ ايڊهاڪ فيصلو ٿيو تہ چشمہ لنڪ فقط 1973ع جي جولاءِ مهيني ۾ عارضي طرح ۽ هڪڙي مخصوص ٽيڪنيڪي ضرورت جي پورائي لاءِ کوليو ويندو. وري تڏهن کوليو ويندو جڏهن سنڌوءَ جي وهڪري ۾ گڙٻڙ ٿئي ۽ پنجاب سنڌ جي وزيراعلىٰ کي هي لنڪ کولڻ لاءِ اهڙي درخواست ڏئي ۽ هو اها منظور ڪري، پر ٽن مهينن کان پوءِ گورنر پنجاب لکي موڪليو تہ اهو لنڪ واهه ٻارهوئي وهندو.

## ۽ پوءِ جنرلن زوريءَ وجي ڏاڙيل واهه کولي ڇڏيا

(4) 1985ع تائين لنڪ کولڻ لاءِ سنڌ سرڪار کان اڳواٽ اجازت وٺبي رهي. 1986ع ۾ پنجاب جي فوجي گورنر غلام جيلاني ۽ چيئرمين واپڊا صفدر بٽ سرزمين تي وجي زوريءَ لنڪ کولي ڇڏيا ۽ ان ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين اهي زبردستيءَ سنڌ کي سڪائي تباهه ڪري رهيا آهن.

# سمورا سنڌ دشمن فيصلا غيرقانوني، غيرآئيني، رد ۽ باطل آهن

مٿين حقيقتن مان جيڪا اخلاقي ۽ سياسي حساب سان توڙي ملڪي ۽ بين الاقوامي قانون ۽ دستور مطابق پوزيشن نروار ٿئي ٿي سا هيءَ آهي تہ (1) ورهاڱي جي ڪري 1947ع ۾ سنڌوءَ جي پرتي ڪندڙ ندين جي پاڻيءَ جي هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ورهاست جي سوال سان سنڌ هڪ تاريخي ۽ قانوني واسطيدار ڌر هئي ۽ ان جو هڪ صديءَ کان اڳوٽي گڏيل پنجاب ۽ ان وقت جي ورهايل بنهي پنجابن سان ان پاڻيءَ جي ورهاست بابت تڪرار هلندڙ هو. پاڪستان طرفان هندستان سان ڳالهين ڪرڻ ۾ بنهي پنجابن سان گڏ سنڌ کي بہ شرڪت جو بنيادي حق هو. مغربي پنجاب ۽ مرڪزي سرڪار طرفان سنڌ کي انهن ڳالهين کان پري رکڻ وارو قدم بدنيتي وارو، غيرقانوني ۽ غيرآئيني قدم هو. نتيجي طور سنڌ جي پرپٺ بنهي پنجابن جيڪي اڳ هڪ صدي هن تڪرار ۾ پاڻ ۾ گڏ سنڌ خلاف ڌر بڻيل هئا، تن جوڙين پيچين پاڻ ۾ جيڪي ڳالهيون ڪيون سي بي قاعدي ۽ غيرآئيني هيون ۽ سندن ڳجها توڙي پڌرا فيصلا سنڌ لاءِ ڪابہ قانوني حيثيت نٿا رکي سگهن. (2) 1948 ـ 1947ع ۾ ان وقت جي مغربي پنجاب ۽ مرڪز جي سرڪارن جيڪي هندستان سان سازباز ڪري بي ڪميٽي ۽ ٽياڪڙ ٽربيونل مان واهن جي پاڻي نہ روڪڻ بابت منع نامي جي درخواست ڳجهہ ڳوهہ ۾ واپس ورتي، هندستان هٿان هٿراڌو پاڻي بند ڪرائي جيڪو هٿراڌو بين الاقوامي پاڻيءَ جو تڪرار ڪڙو ڪيو، سي قدم سياسي بداخلاقي وارا غيرقانوني ۽ غيرآئيني هئا ۽ انهن جي نتيجي ۾ جيڪي سنڌ جي پرپٺ سنڌ جي حقن کي نقصان رسائيندڙ فيصلا ڪيا ويا، تن جي اڄ ڏينهن تائين ڪابہ قانوني حيثيت نٿي ٿي سگهي. (3) عالمي بينڪ سان ڳالهين ۾ سنڌ کي شريڪ نہ ڪرڻ جو قدم ۽ ان جي وسيلي جيڪي بہ سنڌ جي پرپٺ هينيان ۽ بيا اهڙا فيصلا ڪيا ويا، سي غيراخلاقي، غيرآئيني ۽ بين الاقوامي قانون، وهنوار ۽ دستور جي خلاف هئا ۽ سنڌ انهن کي مڃڻ لاءِ هرگز ٻڌل ڪانهي.

(1) پاڪستان جو ايرندين ندين کي هندستان سان وڪڻي ڇڏڻ. (2) عالمي بينڪ سان ڳالهين جي سلسلي ۾ پاڪستان طرفان پنهنجي نقصانن ۽ گهرجن بابت پيش ڪيل ڪيس ۾ سنڌ کي ايرندين ندين جي وڪري مان پهچندڙ نقصان

۽ ان جي تلافي جي ضرورت ۽ مطالبي کي شريڪ نہ ڪرڻ. (3) سنڌ ۾ سم ۽ ڪلر ۽ بين لاڳاپيل مسئلن ۽ انهن جي تدارڪ جي ضرورت جو ڪوبہ ذڪر نہ ڪرڻ ۽ رڳو پنجاب جو اهڙو ذڪر ڪرڻ. (4) پنجاب ۾ برسات ۽ جر جو پاڻي پنجاب وٽ موجود پاڻي جي وسيلن ۾ شامل نہ ڪرڻ. (5) عالمي بينڪ جي تجويز تي جهلم تي روهتاس ڊيم ناهڻ بدران زبردستي سنڌوءَ تي تربيلا ڊيم مڙهڻ. (6) پاڪستاني ندين جي پاڻيءَ جا گهٽ وڌ ۽ ڪوڙا انگ اکر پيش ڪرڻ. (7) سنڌوءَ تي بي قاعدي مڙهيل تربيلا ڊيم مان چشمہ ـ جهلم ۽ تونسہ ـ پنجند بہ ڏاڍيل واهہ کڍڻ. (8) پنجاب طرفان پنهنجي هٿ سان پيدا ڪيل ڪوٽ جي پورت جي چٽي سنڌ ۽ سنڌو نديءَ تي وجهي ان ڪوٽ جي پورت لاءِ خاص طرح نهرايل منگلا ڊيم کي ناجائز طرح استعمال ڪري پنهنجون لکين ايڪڙ غيرآباد زمينون آباد ڪرڻ. (9) چشمہ ـ جهلم ۽ تونسہ ـ پنجند ڏاڍيل واهن کي بارهوئي فل وهائي سنڌ کي رڻ پٽ بنائڻ. (10) ڪالاباغ ڊيم ناهڻ، چشمہ ـ جهلم ڏاڍيل واهن کي ويڪرو ڪري ننڍو درياهہ بنائڻ ۽ ٿل پروجيڪٽ جا نوان ڪئنال سنڌوءَ مان ڪڍڻ. (11) منگلا ڊيم مان سنڌ کي سندس پتيءَ جو پاڻي نہ ڏيڻ جا ملڪي توڙي بين الاقوامي قانونن ۽ دستورن خلاف منصوبا ناهڻ بلڪ فتنا ڪڙا ڪرڻ ۽ انهن کي سياسي بداخلاقيءَ سان ۽ پاڪستان جي جمهوري ۽ وفاقي آدرشن جي خلاف ڏاڍائيءَ سان مڙهڻ جي منصوبي تي عمل شروع ڪرڻ وغيره. انهن سمورن قدمن جي ڪابہ قانوني ۽ آئيني حيثيت ناهي ۽ اهي ملڪي توڙي بين الاقوامي قانون ۽ دستور جي نظر ۾ رد ۽ باطل آهن.

## گهرجي پرامن، گڏيل، قومي عوامي جدوجهد

سنڌ جي غدار وڏيراشاهيءَ جي پيٽ پرستي ۽ نااهليءَ جي حالت کي ڏسندي، اهو سنڌي عوام کي حق آهي ۽ ان جو ئي فرض آهي تہ گذريل اڌ صديءَ ۾ انهن غيرقانوني ڪاپاري ڌڪن لڳڻ ڪري سنڌ ۽ سنڌي عوام کي جيڪو اٿاهہ تاريخي نقصان رسيو آهي، ان جي سلسلي جي خاتمي ۽ رسيل نقصان جي اثرائتي عيوضي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪڙي متحده، ثابت قدم، ڊگهي ۽ اڻٿڪ پرامن عوامي جمهوري جدوجهد هلائين ۽ سنڌ ۽ سنڌي عوام کي نيست ۽ نابود ڪرڻ جي ڊگهي، گهڻ طرفي ۽ گهري تاريخي سازش کي ناڪام بنائين. انهيءَ سلسلي ۾ اسان جي فوري مکيہ گهر اها هئڻ گهرجي تہ هن زندگي ۽ موت جي

مسئلي جي ترت ۽ انصاف پرئي حل جي لاءِ سيني ڌرين جي لاءِ قابل قبول ٽربيونل مقرر ڪيو وڃي، جنهن جو سربراهه ڌرين لاءِ قابل قبول بين الاقوامي شهرت جو مالڪ جج هجي ۽ بيا ميمبر پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان مان هڪجيتري تعداد ۾ هجن.

## پاڻيءَ جي باري ۾ سنڌي عوام جي مطالبن ۾ هيٺيون ڳالهيون شامل آهن:

(1) 1948ع ۾ جهڙيءَ ريت پنجاب سرڪار ننڍي ڪري ۽ مرڪزي سرڪار پنهنجن اختيارن جو ناجائز استعمال ڪري سنڌ جي پرپٺ هندستاني پنجاب ۽ ڀارت سرڪار سان سنڌ خلاف سازباز ڪري، ٻي ڪميٽيءَ کان اوچتو منع نامي جي درخواست واپس وٺي هندستان هٿان پاڪستاني واهن جو پاڻي هٿ سان بند ڪرائي 1945ع واري ٻنهي ڌرين لاءِ قابل قبول سنڌ پنجاب پاڻيءَ جي ناهه موجب ورهاست جي جاءِ تي نئين هڪ طرفي، سنڌ دشمن ورهاست ڪري، هڪڙيون ٽي نديون هندستان کي تحفي ۾ ڏنيون ۽ سنڌوءَ سميت ٻين ٽن ندين تي پنجاب قبضو ڪري ورتو. تنهن جي ڌرين لاءِ قابل قبول ڪنهن عالمي شهرت رکندڙ ايماندار ۽ غيرجانبدار بين الاقوامي اعليٰ جج ۽ پاڪستان جي سمورن صوبن جي هڪجيترن ججن تي مشتمل اسپيشل ٽربيونل هٿان جاچ ڪرائي ڏوهاري وزيرن، عملدارن ۽ ٻين واسطيدارن کي سزائون ڏنيون وڃن ۽ پنجاب سرڪار ۽ مرڪزي سرڪار کان ان مجرماڻي ڪاروائيءَ جو سنڌ کي عيوضو ڏياريو وڃي.

(2) پنجاب صوبو مرڪزي سرڪار جي ناجائز واهر سان جيڪي سموري پاڪستان جي ڪنڌي تي ٻين واسطيدار صوبن جي زمينن جي سڌاري لاءِ اربين ڊالر قرض وٺي اڪيلو پاڻ کائي ويو، انهن رقمن مان سنڌ کي پنهنجي زمين جي بچاءَ ۽ سڌاري لاءِ پنهنجي پتيءَ جي رقم پنجاب صوبي ۽ مرڪزي سرڪار کان عيوضو وٺي ڏياري وڃي، ۽ ان رقم مان سنڌ جي زمين ۾ گهربل سڌارا ڪيا وڃن.

(3) سنڌ جي اجازت بنا، هٿ سان وڪيل ٽن ندين مان پنجند وٽان جيترو پاڻي سنڌ کي دستوري طرح ملندو هو اوترو پاڻي سنڌ کي منگلا ڊيم مان ڏياريو

وجي، جيڪو ٺاهيو ٺي انهن ٽن ندين جي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ هو ۽ نہ پنجاب جون نيون غيرآباد زمينون آباد ڪرڻ لاءِ، جيئن هاڻي ڪيو پيو وڃي.

(4) منگلا ڊيم جو اهو غيرقانوني استعمال بند ڪري پنجند، تريمو ۽ اسلام کي پاڻي ان ڊيم مان ڏنو وڃي ۽ نہ تربيلا مان، جيئن هاڻ بہ قاعدي ڪيو پيو وڃي.

(5) چشمہ ـ جهلم ۽ تونسہ ـ پنجند ڏاڙيل واهن کي قطعي بند ڪري تربيلا مان سنڌ کي پاڻي ڏيئي سنڌ جي هلندڙ تباهيءَ ۽ برباديءَ جو سلسلو بند ڪيو وڃي.

(6) ڪوٽڙيءَ کان ڪيترو پاڻي هيٺ گهربل آهي، تنهن جي تخميني لڳائڻ لاءِ جيڪا رقم عالمي بئنڪ ڏني هئي ۽ اها واپڊا اڄ سوڌو ان ڪم تي خرچ نہ ڪئي ۽ لاڙ جي زمينن کي برباد ڪري ڇڏيو، تنهن کان اها رقم وياج ۽ ڏنڊ سميت پرائي سنڌ کي ڏيئي، گهربل پاڻي هيٺ وهايو وڃي.

(7) مرڪزي سرڪار ۽ واپڊا گذريل سالن ۾ سنڌ کي سندس پتيءَ جي پاڻيءَ کان محروم ڪري، سنڌ جي فصلن کي اربين روپين جو ڌڪ هڻي سنڌ ۾ هٿ سان ڏڪار ۽ تباهيءَ جي صورتحال پيدا ڪئي آهي، تنهن لاءِ پنجاب ۽ مرڪزي سرڪارون سنڌ کي پهرين قسط طور ڏهہ ارب روپين جو معاوضو ڏين ۽ باقي رقم معاملي جي آخري نبيري بعد ڏني وڃي.

# پال وولفووٽز، عالمي بئنڪ ۽ ڪالاباغ ڊيم

1947ع ۾ پاڪستان نهڻ شرط لياقت علي خان جي حڪومت پاڪستان جي ندين جي پاڻيءَ جي حصيدارن جي لسٽ مان اڌ پائيوار سنڌ جو نالو ڪاٽي، ڇهه ئي درياهه پنجاب جي ملڪيت ڄاڻائي، انهن جي پاڻيءَ جي هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ورهاست جو اڪيلي سر اختيار، پاڪستان جي (ان وقت جي) مغربي پنجاب صوبي جي سرڪار کي ڏيئي ڇڏيو.

فيبروري 1948ع ۾ پنجاب سرڪار پنهنجي پائيبند اوير پنجاب سرڪار سان جلنڌر ۾ ڳجهو ناهه ڪري، ٽي درياهه (راوي، بياس ۽ ستلج) ڦلن مٿ تي ساڻن وڪڻي، هندستان هٿان، صلاح سان، هتراڏو پاڻي روڪرائي وني رڙورڙ مچائي تہ هندستان اسان سان ظلم ڪري پاڻي روڪي ڇڏيو آهي، اسين مرون ٿا. انت ڳالهه جو تہ هڪڙي ڏکهي، گهڻن مرحلن واري ڊرامي وسيلي پاڪستان جي مرڪزي سرڪار ۽ پنجاب جي صوبائي سرڪار پاڻ ۾ ساز باز ڪري، عالمي بئنڪ کي وچ ۾ آڻي، سنڌ جي پرپٺ 1960ع جو هند پاڪ پاڻي جو هڪ طرفو، سنڌ مخالف ناهه ڪرائڻ جي ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ جڻ هڪڙي ئي ڌڪ سان، سنڌ جي پتيءَ جو اسي سيڪڙو پاڻي کسي، پنجاب سرڪار جي حوالي ڪرڻ جو بندوبست ڪري ورتو. ان سنڌ دشمن ڌنڌي ۾ بين سان گڏ ان وقت جي صدر ايوب خان مرڪز پاران مکيہ هٿ نوڪيو ڪردار ادا ڪيو. سالن جي ريڙهہ پيڙهہ دوران عالمي بئنڪ ٻيو سپ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي هئي پر سنڌو ندي تي ڪو ڊئم ناهي ان جي پاڻيءَ جو ڪو ڦڙو بہ پنجاب جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هئائين.

ان باري ۾ عالمي بئنڪ سان ڪيل ڳالهين جو ذڪر ڪندي پاڪستان جي نمائندگي ڪندڙ ڪميٽي ”IBAB“ (اباب) پنهنجي رپورٽ ۾ لکيو:

”(عالمي) بئنڪ بہ ڊيم ڏنا آهن. منگلا 4.75 ملين ايڪڙ ۽ روهتاس 2.1 ملين ايڪڙ. سندس چوڻ آهي تہ پاڪستان جي موجوده توڙي آئنده جي ضرورتن (Reclamation and Development) لاءِ ايترو پاڻي ڪافي آهي.“ (رپورٽ جو صفحو 13، فقرو 13)

پر پنجاب جا حڪمران حلقا مرڪزي سرڪار جي مڪمل هشيءَ سان، اڄ وانگر ان وقت به، باهه ٻاريو ويٺا هئا ته ڪيئن به ڪري سنڌوءَ جي پاڻيءَ تي قبضو ڪري، ان کي ڦٻائجي. ”IBAB“ پنهنجي رپورٽ ۾ لکيو: ”(سنڌوءَ مٿان) تربيلا ڊيم هر حالت ۾ گهرجي پوءِ ڀلي روهتاس في الحال نه به نهي، اهو سولو آهي. اهو پوءِ به ناهي ونبو.“ ( مٿين رپورٽ جو فقرو 17(ڊ) )

ايوب خان پنهنجي ڪتاب ”آقا نه پر دوست“ ۾ لکي ٿو، ”عالمي بئنڪ اسان کي منگلا ڊيم . . . جي آڇ ڪئي، هنن جهلم ويجهو روهتاس جي به آڇ ڪئي. منهنجي پنهنجي ٽيڪنيڪل ماهرن ۽ منتظمين سان چڪري تي . . . منجهانئن ڪي ٽيهه چاليهه ڄڻا (سڀ پنجابي ـ ر.ب.پ) گورنمينٽ هائوس لاهور ۾ اچي گڏ ٿيا . . . سيني جي مضبوط راءِ هئي ته سنڌوءَ جو بچي پوندڙ پاڻي ڪٺڻ لاءِ تربيلا وٽ ڊيم ناهڻ گهرجي . . . مون کي خبر هئي ته (عالمي بئنڪ جي ان وقت جي صدر) يوجين بليڪ سان اها (تربيلا ڊيم واري) ڳالهه ڪبي ته وجي ڇت سان لڳندو . . . واقعي اها ڳالهه ٿي“ (يعني هن ناراض ٿي صفا جواب ڏيئي ڇڏيو). (مٿين ڪتاب جو صفحو 110 ـ 108)

پوءِ ايوب خان هڪڙي عجيب حرڪت ڪئي. هن عالمي بئنڪ جي صدر کي چيو ته جيڪڏهن تربيلا ڊيم نه نهيو ته پاڪستان کي هندستان تي حملو ڪرڻو پوندو!

هو لکي ٿو ”پر مون کيس چيو ۽ مون کي اڄ به ياد آهي، ته مون کيس چيو، هندستان طرفان پاڻي روڪڻ ڪري جن علائقن جو پاڻي بند ٿيو آهي، سي مون گهمي ڏٺا آهن. ماڻهن مون کي صاف صاف چئي ڏنو آهي ته جي اسان کي اڃ ۽ بک وگهي ئي مرڻو آهي ته پوءِ ان کان بهتر آهي ته جنگ ڪندي مرجي ۽ مون کان اها اميد ٿا رکن ته آءٌ کين جنگ ڪندي مرڻ جو موقعو ڏيندس. اسان جي فوجي جوانن ۽ ٻين ماڻهن جو به اهو ئي خيال آهي. سو جي توهان اسان (دراصل پنجاب جي حڪمران ٽولن جي ـ ر.ب.پ) اها ڳالهه نه مڃي ته پوءِ هي ملڪ هٿي پاڻ کي ماري اڏائي ڇڏيندو. (مٿيون حوالو)

اڄ وري به مرڪزي ۽ پنجاب سرڪاريون پاڻ ۾ سانڙيون ڳانڙيون ٿي، ساڳيو ئي آدمخوريءَ وارو ڊرامو رچايو ويٺيون آهن، پر هن ڀيري عالمي بئنڪ کنهن به قسم جي مخالفت ۽ مقابلي ڪرڻ بدران اوچتو ئي اوچتو ڄڻ ازخود ئي سنڌو نديءَ تي اڃا به ٻيا تباهه ڪندڙ ڊيم اڏڻ ۽ سنڌي قوم جي مڪمل نسل

ڪشي ڪرائڻ لاءِ پير ٻڌيو تيار ٿيو بيٺي آهي. دنيا حيران آهي تہ عالمي بئنڪ طرفان ان 180 ڊگرين جي پلٽي جو سبب ڪهڙو آهي؟ ان حيرت انگيز سبب جو نالو آهي، جناب پال وولفووٽز جنهن بنهہ هينئر، امريڪا طرفان عالمي بئنڪ جي صدر طور چارج ورتي آهي.

هي صاحب دنيا جي نئين اڪيلي سپرپاور امريڪا جي نئين عالمي جارحانہ حڪمت عملي ناهيندڙن ۽ ان تي عمل ڪرائيندڙن جي پهرين صف جو اڳواڻ آهي. اهو جناب پال وولفووٽز ئي هو، جنهن جي (Officer for Special plans) اعلان ڪيو تہ امريڪي سي آءِ اي جون اهي رپورٽون غلط آهن تہ ڪو صدام وٽ خوفناڪ هٿيار ڪونہ آهن. هنن امريڪي سرڪار ۽ دنيا کي يقين ڏياريو تہ صدام وٽ عام تباهيءَ جا بي پناهہ هٿيار موجود آهن ۽ عراق تي فورن حملو ٿيڻ گهرجي ۽ ان جي بنياد ۾ اعلان جي اوٽ ۾ هزارين ماڻهو مارجي ويا آهن ۽ پيا مرن پيا. جناب پال وولفووٽز پولينڊ جي هڪڙي يهودي خاندان جو چشم چراغ آهي. پولينڊ جا لکين يهودي خاندان هٽلر جي بربريت ۽ وحشانيت جو شڪار ٿي ويا. پر هي خاندان 1920ع ۾ هٽلر جي پولينڊ تي قبضي کان گهٽو اڳ باهر نڪري ويو ۽ امريڪا ۽ اسرائيل ۾ آباد آهي. پال جي ڀيڻ اسرائيل ۾ رهي ٿي.

پال پاڻ 22 ڊسمبر 1943ع تي نيويارڪ ۾ ڄائو. سندس والد جيڪب ڪارنيل يونيورسٽيءَ ۾ شماريات جو پروفيسر هو. مسٽر وولفووٽز 1965ع ۾ ڪارنيل يونيورسٽيءَ مان رياضيءَ ۽ ڪيمسٽريءَ ۾ بي اي ۽ شڪاگو يونيورسٽيءَ مان ايم اي ۽ پي ايچ ڊي پوليٽيڪل سائنس ۽ اڪنامڪس ۾ ڪئي، هو 73 ـ 1970ع ۾ ييل يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر، 2001 ـ 1994ع ۾ جان هاپڪنس اسڪول آف ائڊوانس اسٽڊيز جو ڊين ٿي رهيو. جيمس مئن پنهنجي ڪتاب ”ولڪنن جو ايرڻ“ ۾ لکيو آهي تہ (وولفووٽز جو والد) جيڪب وولفووٽز سڄي عمر هڪڙو عقيدتمند صيهوني (Zionist) (يعني اسرائيل جو حامي) ٿي رهيو.“ هو الينائي يونيورسٽي ۾ مذهبي خطبا ڏيندو هو، جن ۾ پنهنجو عَيال بہ وٺي ويندو هو. 1957ع ۾ جڏهن وولفووٽز 14 سالن جو هو تڏهن پٽس جيڪب بارن ٻچن سان اسرائيل ويو، جتي هو هڪ سال صيفہ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر ٿي رهيو. وولفووٽز گذريل ٽيهن سالن کان مختلف صدرن جي ماتحت حڪومت جي پاليسي ناهيندڙ ادارن ۾ نهايت سرگرم رهيو آهي.

ٻي جنگ عظيم ۾ مغربي اتحادي فوجن جو سپريم ڪمانڊر جنرل آئزن هاور ان جنگ عظيم کان پوءِ امريڪا جو صدر چونڊيو ويو. پنهنجي صدارت جي دور ۾ صدر آئزن هاور عوام کي چتاءُ ڏنو هو تہ سندن جمهوري نظام کي اينڊڙ وقت ۾ امريڪا جي فوجي ڪارخانيدار اتحاد (Military Industrial Complex) مان سخت خطرو ٿي سگهي ٿو. گذريل ڪيترن ڏهاڪن کان امريڪي توڙي سڄي دنيا جي سياست تي امريڪا جو هڪڙو انتهاپسند جنگباز ۽ شهنشاهيت پرست نظرياتي سياست ڪندڙ گروهہ ڇانيل آهي، جيڪو درحقيقت ان فوجي ڪارخانيدار اتحاد جو ترجمان ۽ نمائندو آهي، جنهن جي خلاف جنرل آئزن هاور امريڪي عوام کي خبردار ڪيو هو.

اهو گروهہ نئون قدامت پرست (New Conservatives) يا (New-Con) سڏجي ٿو. حڪومتن ۽ حڪمرانن جي سفارتڪاريءَ واري ٻولي، عام ٻوليءَ کان مختلف ۽ خاص قسم جي مرنجان مرنج ۽ گول مول قسم جي هوندي آهي. امريڪا جي نئين قدامت پسند حاڪم طبقي سفارتڪاري واري ٻوليءَ ۾ پنهنجن مقصدن بابت جيڪي اظهار ڪيا آهن، انهن کي جيڪڏهن عام ۽ سولي سنڌيءَ ۾ بيان ڪجي تہ سندن مقصدن جو تت ڦري گهري وڃي ڪجهہ هيٺين پنجن نڪتن وارو نڪرندو:-

(1) امريڪا کي هٿيار گهٽائڻ بدران نت نوان طاقتور کان طاقتور هٿيار ناهڻ گهرجن، سڄي دنيا ۾ ۽ خاص ڪري وچ اوڀر، جي مسلمان ملڪن جي وچ ۾ پنهنجا جنگي اڏا قائم ڪرڻ گهرجن ۽ ضرورت پوڻ تي دنيا جي ڪنهن بہ علائقي ۾ روايتي توڙي هيٺين سطح جي ايٽمي هٿيارن سان لڙايون ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي.

(2) امريڪا جي سڄي دنيا مٿان بالادستي قائم ٿيڻ گهرجي.

(3) اسرائيل جي عرب دنيا مٿان بالادستي قائم رهڻ گهرجي.

(4) دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ کي ۽ خاص ڪري ڪنهن بہ عرب ملڪ کي اهڙو اسرڻ نہ ڏيڻ گهرجي جو اهو امريڪا جي سڄي دنيا مٿان شهنشاهيت ۽ اسرائيل جي عرب دنيا مٿان بالادستيءَ ۾ ڪا رڪاوٽ وجهي سگهي.

(5) عراق، ايران، چين، اتر ڪوريا، ڪيوبا جهڙن ملڪن تي حملو ڪري انهن جون موجوده حڪومتون ڊاهي انهن تي پنهنجي مرضيءَ جون حڪومتون مقرر ڪرڻ گهرجن.

ان گروهه جو روحاني پيشوا امريڪا جو مشهور جرمن يهودي فيلسوف ليو اسٽراس (Leo Straus) هو جيڪو شڪاگو يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيندو هو. ڪارنيل يونيورسٽيءَ ۾ مسٽر وولفووٽز فلسفي جي پروفيسر آلن بروڪ کان بيحد متاثر ٿيو، جيڪو ليو اسٽراس جو پوئلڳ هو. جڏهن پوءِ مسٽر وولفووٽز شڪاگو يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي، تڏهن اتان ليو اسٽراس رٽائر ٿيڻ جي تيارين ۾ هو، پر سندس ٻيو پوئلڳ پروفيسر البرٽ ووهلسٽيٽز اتي موجود هو، جنهن مٿي ذڪر ڪيل پنهنجن انتهاپسند متن جو زور شور سان پرچار پئي ڪيو. وولفووٽز ان کان بيحد متاثر ٿيو. امريڪا کي دنيا جو فاتح بنائڻ لاءِ 1989ع ۾ نئين قدامت پسند گروهه طرفان حملو ڪندڙ ميزائيلن کي ناس ڪرڻ جي نظام ٺهرائڻ جي مهم شروع ڪئي وئي. پروفيسر ووهلسٽيٽز جي چوڻ تي، مسٽر وولفووٽز ان مهم ۾ زور شور سان شرڪت ڪئي ۽ اهڙا تحقيقاتي مقالا لکي ورهايا تہ اهو نظام امريڪا جي بقا ۽ سربلندي لاءِ ڇو لازمي آهي. ان ڪانپوءِ ان قسم جو جنگ پسند تحقيقاتي ۽ نظرياتي ڪم سندس مکيہ ڪم، مکيہ سجاڳي ۽ مکيہ تمغو بڻجي ويو.

1972ع ۾ صدر نڪسن جي دور ۾، پروفيسر ووهلسٽيٽز جي سفارش تي، مسٽر وولفووٽز کي امريڪا ۽ روس جي وچ ۾ ٿيل هٿيار گهٽائڻ جي سالٽ معاهدي خلاف مواد تيار ڪرڻ جي ڪم سان لڳايو ويو. ان سال هن ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي، جنهن جو موضوع هو، ”وچ اوڀر (عرب ملڪن) ۾ ائٽمي هٿيارن ڦهلجڻ جو خطرو.“

ان وقت صدر نڪسن جي استعيفيٰ، نائب صدر فورڊ جي صدر ٿيڻ ۽ صدر بش جي والد وڏي بش جي سي آءِ اي سربراهه ٿيڻ جو فائدو وٺي، پروفيسر ووهلسٽيٽز وزير خارجہ ڪسنجر تي الزام هڻڻ شروع ڪيا تہ ڪسنجر جو سوويت يونين ڏانهن رويو اجايو نرم آهي، هو ساڻس اجايا ناهه پيو ڪري ۽ سي آءِ اي جو ادارو سندس اثر هيٺ غلط رپورٽون پيو ڏي. ان ڪري امريڪا جي جنگي تيارين کي نقصان پهتو آهي.

سي آءِ اي جي نئين سربراهه بش سينيئر جي هدايتن مطابق وولفووٽز، سي آءِ اي جي رپورٽن کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ مواد تيار ڪري ڏنو. مسٽر وولفووٽز جي سوانح حيات لکندڙ مسٽر مان (Mr. Mann) جو چوڻ آهي تہ ”مسٽر وولفووٽز پاڻ کي خيالن جي ميدان ۾ هينري ڪسنجر جو مخالف ۽ حريف سمجهڻ لڳو.“

چيو وڃي ٿو تہ مسٽر وولفووٽز پنهنجي چنڊچاڻ ۾ سي آءِ اي جي رپورٽن کي گهٽ وڌ ڪري انهن کي اهڙو رنگ ڏنو جو سوويت يونين سان سرچاءَ ۽ ٻنهي ڌرين طرفان هٿيار گهٽائڻ واري پاليسي امريڪي عوام جي نظر ۾ خوار خراب ٿي وئي. ان وقت امريڪا جو صدر ريگن هو ۽ بچاءَ جو سيڪريٽري ڊونالڊ رمسفيلڊ هو. اها رپورٽ ٻنهي جي پسند وٽان هئي ۽ وولفووٽز کي بہ نوان اتحادي ملي ويا. هٿيار گهٽائڻ واري ڳالهہ امريڪي هٿيارن جي وڪرو ڪندڙن لاءِ موت جو پيغام ۽ هٿيار وڌائڻ واري ڳالهہ انهن لاءِ آب حيات هئي. وقت جو حڪمران طبقو هٿيارن جي واپارين سان ويجهڙائپ رکندڙ هو.

1977ع ۾ صدر جمي ڪارٽر جي دور ۾ مسٽر وولفووٽز کي بچاءَ کاتي جو ڊپٽي اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو ۽ کيس اهو ڪم ڏنو ويو تہ تحقيقات ڪري تہ ٽين دنيا ۾ امريڪا لاءِ ڪهڙا خطرا لڪل آهن. مسٽر وولفووٽز ۽ ٻين اسرائيلي حامين کي عراق جي وڌندڙ طاقت اسرائيل لاءِ خطرناڪ نظر ٿي آئي. مسٽر وولفووٽز رپورٽ ڏني تہ عرب دنيا ۾ روس جي عمل دخل ڪري اتي امريڪا لاءِ وڏو خطرو آهي. خاص ڪري عراق کان. عراق جي اثر رسوخ وڌڻ ڪري ٻيا امريڪا جا چئي ڪار ملڪ بہ ساڻس نهي ويندا. تنهن ڪري ڪويت، سعودي عربيہ ۽ امريڪا کي عراق کان بچائڻ لاءِ عرب علائقن ۾ فوجون رکيون وڃن. اڳتي هلي ان رپورٽ جي اثر هيٺ امريڪا طرفان گلف جي علائقي ۾ امريڪا جي مرڪزي فوجي ڪمان (Cent. Com.) قائم ڪئي وئي. جنهن 1991 ۽ 2003 وارين عراق تي چڙهاين ۾ مرڪزي ڪردا ادا ڪيو.

ان وچ ۾ جڏهن امريڪا ايران خلاف عراق جي مدد پئي ڪئي تڏهن بہ مسٽر وولفووٽز عراق جي سخت مخالفت ڪئي ۽ پڻ ان ڳالهہ جي مخالفت ڪيائين تہ ڪي فلسطين سان ڪنهن بہ قسم جون ڳالهيون ڪيون وڃن يا سعودي عرب کي بچاءَ لاءِ اواڪ (Awacs) جهاز وڪرو ڪري ڏنا وڃن. مسٽر مان جو چوڻ آهي تہ ”مسٽر وولفووٽز پاڻ کي ريگن سرڪار اندر اسرائيل جو سڀ کان طاقتور حامي پڌرو ڪيو.“ پر ان دور ۾ مسٽر وولفووٽز جي سڀ کان وڏيڪ قابل ذڪر ڪاروائي اها هئي تہ هن امريڪا طرفان چين سان ڪنهن بہ قسم جي نرمي واري پاليسي اختيار ڪرڻ جي سخت مخالفت ڪئي. هن چيو تہ امريڪا کي چين جي ڪابہ ضرورت ڪانهي. الٽو چين کي امريڪا جي ضرورت آهي. تنهن ڪري چين جيڪو تائيوان کي وڌيڪ امريڪي هٿيار ڏيڻ جي مخالفت پيو ڪري، تنهن جي

ڪابہ پرواھ نہ ڪرڻ گھرجي. انھيءَ ڳالھ تان سندس ان وقت جي وزير خارجہ هيگ سان سخت اڻ تڻ ٿي پئي. عام طرح سمجھيو ويو تہ مسٽر وولفووٽز ڪي نوڪري ڇڏڻي پوندي، پر نوڪري وزير خارجہ اليگزينڊر هيگ کي ڇڏڻي پئي ۽ مسٽر وولفووٽز کي پاڻ ترقي ملي ۽ هو ٿوري ئي عرصي ۾ نوان اتحادي بنائي ايشيائي ملڪن بابت امريڪي پاليسين جو ڪرتا ڌرتا بڻجي ويو.

1991ع ۾ عراق خلاف پھرين لڙائي بعد صدام کي ڇڏي ڏنو ويو تنھن ڳالھ تي مسٽر وولفووٽز سخت ناراض ٿيو. ان جنگ بعد مسٽر وولفووٽز جنگي رٿابندي جا رهنما اصول نالي هڪ مطالعو امريڪي سرڪار اڳيان پيش ڪيو. ان ۾ ڏنل تجويزون ايڏيون اڳرائي واريون هيون جو چيف آف جنرل اسٽاف ڪولن پائول ۽ خود صدر بش سينيئر، ڊڪ چيني تي ڪم رکيو تہ ان مطالعي کي سڌاري ٻيھر پيش ڪري.

1997ع ۾ نئين قدامت پسند ٽولي پنھنجو منشور شايع ڪيو. جنھن جو نالو رکيائون "نئين امريڪي صديءَ لاءِ پروجيڪٽ". ان منشور جو مکيہ نقطو اهو هو تہ امريڪا فوجي طاقت ذريعي سڄي دنيا مٿان راڄ ڪري، ان منشور تي ڊڪ چيني، رونالڊ رمسفيلڊ، جيب بش (جارج بش جو ڀاءُ)، رچرڊ پرل، وليم ڪريسٽل، رابرٽ ڪاگن ۽ وولفووٽز صحيحون ڪيون.

ٻئي سال مسٽر وولفووٽز ۽ سندس مٿي ڄاڻايل ساٿارين تاريخ 24 جنوري 1998ع تي ان وقت جي امريڪي صدر بل ڪلنٽن کي خط لکي مطالبو ڪيو تہ عراق ۽ ايراني نار جي علائقي جي ٻين "اڳرائي ڪندڙ" ملڪن تي ڪاھ ڪئي وڃي، چاھي دنيا جا ٻيا ملڪ ان ڪاھ جي پٺڀرائي ڪن يا نہ ڪن.

چئن مھينن ڪانپوءِ 29 مئي 1998ع تي هنن وري امريڪي هائوس جي اسپيڪر نيوٽ گنگرچ ۽ سينيٽ جي اڳواڻ ٽرينٽ لاٽ کي خط لکي مطالبو ڪيو تہ عرب علائقي ۾ فوجي اڏا قائم ڪيا وڃن ۽ صدر صدام تي ڪاھ ڪري کيس لاٿو وڃي.

سن 2000ع ۾ ان ٿنڪ ٽئنڪ طرفان 90 صفحن جو هڪڙو تجويزنامون پيش ڪيو ويو تہ سڄي دنيا جي مک مرڪزن تي امريڪي فوجي اڏا قائم ڪيا وڃن. عراق، چين، اتر ڪوريا ۽ ايران تي ڪاھون ڪري انھن جي حڪومتن کي ڊاٿو وڃي. عالمي ميزائيل ٽوڙ نظام قائم ڪيو وڃي تہ جيئن امريڪا سان ڪوبہ ملڪ منھن اتڪائي نہ سگھي. امريڪا هٿيارن گھٽائڻ جو ڪو معاهدو نہ ڪري.

ٻيا بہ اهڙا مطالبا ڪيا ويا جيڪي خاص طرح اسرائيل جي انتهاپسند لڪئڊ پارٽي جي پروگرام جو حصو هئا. 11 سيپٽمبر وارو واقعو ٿيو تہ مسٽر وولفووٽز ۽ سندس ٻين ڪيترن ئي ساٿين مطالبو ڪيو تہ افغانستان سان گڏ هڪدم عراق تي بہ حملو ڪيو وڃي.

سن 2001ع ۾ مسٽر وولفووٽز کي بش انتظاميہ ۾ بچاءَ کاتي جو ڊپٽي سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو ۽ بعد ۾ سي آءِ اي جي عراق بابت ڏنل خبرن ۽ اطلاعن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ لاءِ هڪڙي خاص رٿائن جي ڪميٽي ناهي مسٽر وولفووٽز ۽ سندس ساٿارين کي انهن جو انچارج مقرر ڪيو ويو. امريڪي سياسي نيوز ليٽر ڪائونٽر پنچ (Counter Punch) جي 19 جولاءِ 2003ع واري پرچي ۾ تجزيہ نگار جيسن ليو پولڊ (Jason Leo Pold) جي لکڻ مطابق امريڪي سينيٽ جي ٽن سينيٽرن ٻڌايو تہ سي آءِ اي جي ان وقت جي ڊائريڪٽر جارج ٽينٽ سينيٽ جي انٽيليجنس ڪميٽيءَ کي ٻڌايو تہ عراق وٽ موتمار هٿيار هجڻ بابت صدر بش ۽ ٻين کي جيڪي غلط ۽ بي بنياد اطلاع مليا تن لاءِ ذميوار سي آءِ اي نہ پر خاص رٿائن جي آفيس (Office of Special Plans) وارا عملدار آهن. جن سي آءِ اي جي ڏنل اطلاعن کي ڦيرائي ابتي نموني پيش ڪري ڇڏيو ۽ حڪومت کي گمراهہ ڪيو، اهي عملدار هئا بچاءَ جو ڊپٽي سيڪريٽري پال وولفووٽز، بچاءَ جو اسسٽنٽ سيڪريٽري ڊگلس فيٿ ۽ ٻيا وڏن عهدن وارا جنگ پسند.

ليو پولڊ لکيو آهي، ”ٽينٽ، انٽيليجنس ڪميٽيءَ کي ٻڌايو تہ سي آءِ اي ۾ منهنجن جاسوسن اهو طئي ڪيو تہ هنن جيڪا عراق بابت معلومات گڏ ڪئي هئي تنهن مان ڪچ جيتري معلومات مان اهو ثابت نہ ٿي ٿيو تہ ڪو عراق امريڪا لاءِ ڪو فوري خطري وارو ملڪ آهي. نڪو وري اها ثابتي ٿي ملي تہ ان کي ڪيميائي ۽ حياتياتي هٿيار گڏ ڪري لڪائي رکيا آهن. پر خاص رٿائن واري آفيس وارن عراقي نيشنل ڪانگريس جي ڀاڄوڪڙن جي اطلاعن جا حوالا ڏئي سي آءِ اي جي خبرن کي بدلائي، ائين لکي ڇڏيو تہ عراق وٽ موتمار هٿيار گڏ ٿيا رکيا آهن.“

اهڙا هٿيار ظاهر آهي تہ نہ هئا ۽ نہ هٿ آيا ۽ وولفووٽز ۽ سندس ساٿاري سڄي دنيا ۾ بدنام ٿي ويا تہ هنن من گهڙت ڪهاڻيون ناهي عراق تي حملو ڪرايو ۽ بش جي سرڪار کي امريڪي عوام توڙي دنيا اڳيان خوار خراب ڪري

ڇڏيو آهي ۽ هاڻي ڪين عزت آبرو سان عراق مان ٻاهر ڪڍڻ جو گس ئي نہ ٿو لڀي.

26 آڪٽوبر 2003ع تي مسٽر وولفووٽز بغداد جي دوري تي ويو تہ سندس هوٽل تي راڪيٽن جو حملو ٿيو، جنهن ۾ 18 ڄڻا مري ويا پر هو بچي ويو.

جنوري 2005ع ۾ مسٽر وولفووٽز کي عالمي بئنڪ جو صدر نامزد ڪيو ويو. ان نامزدگيءَ جي امريڪا جي وال اسٽريٽ جنرل اخبار تعريف ڪندي چيو تہ، ”مسٽر وولفووٽز اختياريءَ وارن اڳيان سچ ڳالهائڻ لاءِ تيار آهي . . . دنيا جي غريبيءَ لاءِ دنيا جا ڊڪٽيٽر جوابدار آهن. جيڪڏهن ڪو ماڻهو دنيا جي رابرٽ موگابين سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ تيار آهي تہ اهو، اهوئي ماڻهو آهي، جيڪو صدام حسين سان سينو ساهڻ لاءِ تيار آهي.“

وڪي پيڊيا انسائيڪلوپيڊيا جي لکڻ مطابق جميعت اقوام جي اقتصادي ۽ سماجي ڪائونسل ۾ تقرير ڪندي، جڳ مشهور امريڪي اقتصادي ماهر جيفري سيچس (Jeffery Sachs)، مسٽر وولفووٽز کي عالمي بئنڪ جو صدر بڻائڻ جي فيصلي جي سخت مخالفت ڪئي. هن چيو تہ ”ٻيا اميدوار جن کي ترقيءَ جو تجربو آهي، تن جي ميدان ۾ اچڻ جو وقت آهي. هي اهو عهدو آهي جنهن تي ڪروڙين اربين ماڻهن جي زندگيءَ جو دارومدار آهي. اچو تہ ڄاڻو ۽ تجربيڪار ماڻهن جي صحيح رهنمائي حاصل ڪريون.“

هن مقرريءَ تي تبصرو ڪندي، عالمي بئنڪ جي اڳوڻي چيف اڪانامسٽ ۽ نوبل پرائيز کٽندڙ عالمي اقتصادي ماهر، مسٽر جوزف اسٽگلٽز (Joseph Stigltz) چيو آهي، ”عالمي بئنڪ هڪ ڀيرو وري نفرت جو نشانو بڻجي ويندي. سڄي ترقي ڳهرندڙ دنيا ۾ هن جي مقرريءَ ڪري گهٽين ۾ احتجاج ۽ ويڙهاند پيدا ٿي سگهي ٿي.“

ڪيترا تجزيہ نگار مسٽر وولفووٽز جي مڪ سڃاڻپ سندس ”اسرائيل جي پرجوش ۽ جذباتي وڪالت ۽ عراق خلاف 2003ع ۾ حملي جو علمبردار“ هجڻ سمجهن ٿا. ٻيا ڪيس بش انتظاميہ جي جنگ پسندن جو نظرياتي رهبر ليکين ٿا.

جن ماڻهن اخبارن ۾ اها خبر پڙهي هوندي تہ پاڪستان جي ذري گهٽ سٺ ڪن سالن جي سموري حياتيءَ ۾ سندس سمورين سرڪارين اسرائيل بابت جيڪا پريرو رهڻ جي پاليسي قائم رکي هئي تنهن کي رات وچ ۾ ختم ڪري، اسان جي اعتدال پسند حڪمرانن، اسرائيلي حڪمرانن سان، جيڪو قرب جو شرف

حاصل ڪرڻ جي ڪاميابي ماڻي آهي ۽ جن ڪي ان ڳالھ جي ڄاڻ سان گڏ عالمي بئنڪ جي نئين يھودي نزاد امريڪي صدر صاحب جي پرجوش اسرائيل نوازيءَ جي بي پناھ جذبن جي بہ خبر ھوندي، تن کي ان ڳجھارت پچڻ ۾ ڪابہ ڏکيائي ڪانہ ٿيندي، تہ اھي بہ تاريخي واقعا ڄڻ اک چنبڀ ۾ ھڪ ٻئي پويان ڪيئن ٿي ويا. اھڙيءَ طرح جنرل مشرف طرفان لبنان ۾ صابره ۽ شتيلا جي فلسطيني مھاجر ڪئمپن ۾ ڪوس ڪرائيندڙ اسرائيلي دھشتگرد حاڪمن ڏانھن نوڙت ۽ جي حضوريءَ جي انعام طور عالمي بئنڪ پنھنجي نئين اسرائيل پرست صدر صاحب جي اشاري تي اوچتو ئي اوچتو، 180 ڊگرين جو پلٽو ھڻي، سنڌ کي رڻ پٽ ٻٽائڻ ۽ سنڌين جي نسل کي ختم ڪرڻ لاءِ بنايل، ڪالاباغ ڊيم ۽ ٻين ڊيمن اڏڻ جھڙن ظالماڻن منصوبن واسطي اربين ڊالر قرض ڏيڻ لاءِ پير ٻڌي ويھي رھي آھي. سنڌيءَ ۾ ان ڪري ئي چوندا آھن تہ، ”منڙا ڳھُر، تہ ڳھرانءِ!“

( ماھوار ”ڪاپڙي“ حيدرآباد، نومبر 2005 ع )

# ڪالاباغ ڊيم ـ پاڻي تي ڌاڙي جو منصوبو

پاڻي جي ڪوٽ جو دائمي سبب پنجاب طرفان پاڻي زبردستي ڪٽي وڃڻ آهي. پر پنجاب جي زبردستي پاڻي ڪٽڻ جو مسئلو هڪڙو دائمي ۽ لاعلاج مرض بنجي چڪو آهي. پنجاب طرفان سنڌو نديءَ جي اسان واري پتيءَ جي پاڻيءَ تي ڌاڙو هڻڻ جو قصو اڄوڪو يا ڪالهوڪو ڪونهي، اهو دراصل پاڪستان بنجڻ کان ذري گهٽ هڪ صدي اڳ انگريزن جي دور جو آهي. ڌاڙن جي ان سلسلي جون پاڙون تاريخ ۾ اونهيون ڪتل آهن. انهن پاڙن جي اونهائيءَ ۾ وڃي انهن کي جاچي ڏسڻ ۽ انهن جو تدارڪ ڪرڻ کان سواءِ ڪالاباغ ڊيم جهڙن ارڙ نانگن مان جند ڪانہ ڇٽندي ۽ سنڌ سگهو ساهہ کڻي نہ سگهندي، اڄوڪي صحبت ۾ پاڻ انهن پاڙن جو جائزو وٺنداسين.

هندستان جا اڪثر حاڪم جهڙوڪ مرهٽا، حيدر علي ٽيپو، نظام سراج الدولہ وغيره وغيره انگريز سامراجين سان وڙهيا. پنجاب جو حاڪم رنجيت سنگهہ انگريزن جو جوڙيوال بنجي ويو ۽ ائين انهن سان گڏجي افغانستان تي ڪاهي ويو. جيئن سڪندر اعظم جي ڪاهہ وقت پنجاب جا راجا اميي ۽ پورس سڪندر جا گماشتا بنجي ٻين ملڪن تي ڪاهي ويا.

پنجاب جو حڪمران ۽ مڊل ڪلاس سدائين انگريز سامراج جا پيرا ۽ سندس سلطنت جا دل گهريا پڳهاردار فوجي محافظ بنيا رهيا، جن هلي وڃي 1857ع واري هندستان جي جنگ آزادي کي پٺ ۾ خنجر هڻي ڪيرايو. کين خوش ڪرڻ لاءِ انگريز پنجاب کي دنيا جو بهترين واهن جو نظام قائم ڪري ڏنو، جنهن جو سمورو نقصان هيٺئين علائقي يعني سنڌ کي پهتو.

## 1859ع کان پاڻي تي ڌاڙا شروع!

سي کان پهرين 1859ع ۾ پنجاب جا حڪمران ٿولا سنڌو نديءَ کي پرتي ڪنڌڙ راوي ندي تي اپر باري دوآب ڪئنال ڪوٺي راويءَ جو ڪافي پاڻي مٿان

ئي مٿان ڪٽي ويا، سنڌ کان پڇيائون ئي ڪونہ. تنهن کان پوءِ 1885ع کان 1901ع جي وچ واري عرصي ۾ سرهند جو واهہ، هيٺين چناب وارو واهہ ۽ هيٺين جهلم وارو واهہ 1908ع ۾ پهاڙپور، 1914ع ۾ اپر سوات واهہ، 1915ع ۾ ٽرپل ڪئنال پراجيڪٽ قائم ڪيائون ۽ جهلم ڪئنال، اپر چناب ڪئنال ۽ لوئر باري دوآب ڪئنا ناهي اجا وڏيڪ پاڻي ڪڍڻ لڳا ۽ سنڌ جي پتي جو پاڻي اجا بہ گهٽائي ڇڏيائون. 1919ع ۾ پنجاب جي حاڪم طبقن ستلج ماٿري وارو پراجيڪٽ شروع ڪيو، جنهن مطابق هڪڙي ڏک سان 11 واهہ ۽ 4 هيڊورڪ ناهي ستلج جي پاڻي کي پڪو ٻرو تي ڏنائون. يتيم سنڌ جي سرپرست بمبئي سرڪار پهريون دفعو هندستان جي مرڪزي سرڪار اڳيان پنجاب سرڪار خلاف سنڌو نديءَ جي پاڻي تي ڌاڙو هڻڻ جو باقاعدي فرياد داخل ڪيو. مرڪزي هند سرڪار مسٽر ڪاٽن جي اڳواٽي هيٺ هن دانهن جو داد ڪرڻ لاءِ "ڪاٽن ڪميشن" مقرر ڪئي. پنجاب سرڪار اهو موقف اختيار ڪيو تہ سنڌو درياهہ جي پاڻي مان سنڌ جو فقط اوتري پاڻي تي حق آهي، جيترو پاڻي سنڌ ۾ اچي ٿو. سنڌوءَ جي مٿين حصي يا سندس ڀرتي ڪنڌڙ ندين مان پنجاب ڪيترو بہ پاڻي ڪڍي اهو ان جو حق آهي، ڪاٽن ڪميشن پنجاب جو اهو موقف رد ڪري فيصلو ڪيو تہ سنڌ جو سموري سنڌو ندي ۽ ان جي ڀرتي ڪنڌڙ ندين جي پاڻي تي حق آهي. ان وچ ۾ سنڌ سرڪار هٽي هٽي مس مس وڃي سکر بئراج جو پراجيڪٽ تيار ڪري منظوري لاءِ موڪليو. پنجاب سرڪار هڪدم جواب جي ڪارروائي ڪري سکر بئراج خلاف اعتراض داخل ڪيو. حالانڪ سکر هيٺ هو ۽ مٿي پنجاب کي ان مان نقصان رسڻ جو تصور بہ ممڪن ڪونهي.

## ايندرسن ڪميٽي

هند سرڪار جي مرڪزي سرڪار وري بہ معاملو نبيرڻ لاءِ هڪڙي ڪميٽي مقرر ڪئي. ان ايندرسن ڪميٽي پنهنجي رپورٽ سيپٽمبر 1935ع ۾ گورنمينٽ آف انڊيا اڳيان پيش ڪئي ۽ گورنمينٽ آف انڊيا ڪميٽي جي سفارشن مطابق 30 مارچ 1937ع تي پنهنجا آرڊر جاري ڪيا. هند سرڪار سکر بئراج لاءِ پاڻي منظور ڪيو ۽ ان سان گڏ پنجاب سرڪار لاءِ بہ پاڻي منظور ڪيو ويو. پر پنجاب سرڪار اتي بہ بس نہ ڪئي. ان سنڌو ۽ سندس ڀرتي ڪنڌڙ ندين

جي پاڻي تي ڏاڙن جاري رکڻ لاءِ روز ٻئي ڏينهن کو نہ کو نئون منصوبو ناهي، مرڪز اڳيان اپي ٿي بيني هئي، تہ هاڻ هن پاڻي ڪٽڻ جي منصوبي جي منظوري ڏيو، پئسا بہ ڏيو ۽ پاڻي بہ ڪٽڻ ڏيو.

## وري باڪڙا ڊئم!

سنڌو نديءَ جي پاڻي تي نئون ڌاڙو هڻڻ جي سندن نئين شاهڪار منصوبي جو نالو هو باڪڙا ڊئم ۽ پراجيڪٽ! آڪٽوبر 1939ع ۾ سنڌ گورنمينٽ قائم ٿي چڪي هئي، جنهن باڪڙا ڊئم پراجيڪٽ تي سخت اعتراض ڪيو. گورنمينٽ آف انڊيا ان مسئلي جي حل لاءِ ڪلڪتي هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس مسٽر رائو جي اڳواڻي هيٺ انڊس ڪميشن قائم ڪئي. ڪميشن پنجاب سرڪار تي بندش وڌي تہ اها باڪڙا ڊئم پراجيڪٽ تي آڪٽوبر 1945ع تائين ڪنهن بہ قسم جو ڪوبہ قدم نہ کڻي. انهي وچ ۾ ٻئي سرڪارون پاڻ ۾ ڳالهائين ۽ ڪنهن نتيجي تي پهچن. تيستائين سنڌو ندي جي پاڻي سان ڪنهن بہ قسم جي هٿ چراند ڪرڻ جي پنجاب تي بندش وڌي وئي. هندستان سرڪار جي هدايتن هيٺ پوني جي سينٽرل ايرگيشن ۽ هائڊرو ڊائنلاڪ ريسرچ جي ڊائريڪٽر سر ڪلاڊ اينگس جي رهنمائي هيٺ سنڌ ۽ پنجاب جا چيف انجنيئر پاڻ ۾ مليا. پنجاب سرڪار هند سرڪار جي سخت رويي مان سمجهيو تہ مرڪزي سرڪار پنجاب سرڪار طرفان سنڌ جي پاڻي مان وڌي هٿ چراند برداشت نہ ڪندي، تنهن ڪري هنن سنڌ سان ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪئي.

## 1945ع وارو سنڌ پنجاب ٺاهہ

نيٺ 28 سيپٽمبر 1945ع تي سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ سنڌو ندي جي ايگريمنٽ ڪيو ويو. جنهن تي ٻنهي صوبن جي چيف انجنيئرن صحيحيون ڪيون. انهن ڪي 1945ع وارو ڊرافٽ ايگريمنٽ سڏيو وڃي ٿو، ان ايگريمينٽ مطابق غازي گهاٽ وٽ سنڌو ندي جي پاڻي مان پنجاب کي هڪڙي پتي ڪٽڻي آهي ۽ سنڌ کي ٽي پتيون ڪٽڻيون آهن. تنهن ڪان سواءِ ايگريمينٽ جي فقري 8 مطابق اهو طئي ٿيو تہ آئنده پنجاب سنڌ جي اجازت کان سواءِ سنڌو ندي يا ان

جي درياهن تي ڪوبہ ڊيم نہ ٺاهيندو، نڪي ڪي واهہ ڪڍندو، ان ايگريمينٽ مطابق پنجاب طرفان سنڌ کي پئسا ملڻا هئا. پنجاب اهي ڪونہ ڏنا، تنهن ڪري فيصلي جي صوبائي سرڪارين طرفان تصديق رهجي وئي. ان هوندي بہ 1970ع تائين پاڻيءَ جي ورهاست جو بنياد اهو ئي ايگريمينٽ رهيو.

## هاڻ هلو تہ هلون، جهان خان وٽ

ان وچ ۾ ٻن سالن کانپوءِ پاڪستان جدا ٿي ويو. هندستان جي مرڪزي سرڪار جيڪا سنڌ ۽ پنجاب جي معاملن ۾ غيرجانبدار هوندي هئي. اها ويئي هلي ۽ سپ پاور مليا پنجاب جي حڪمران طبقن کي، جيڪي پاڪستان جا جهان خان بنجي ويا. غلام محمد ۽ چوڌري محمد علي جهڙن ڪٽر تعصبي حڪمرانن اڻ سان ئي پاڻي جي معاملي ۾ ڏک اهو هنيو جو سنڌ کان پڇڻ کان سواءِ، واگها بارڊر کان ميل اوريان جلو جي پرسان B.R.B. واهہ کوٽي ڪڍيائون. چي، ”اها فوجي ضرورت آهي، ان سان ٻي ڪنهن جو واسطو ئي ڪونهي.“

## هندستان جي جوابي ڪارروائي

جوابي قدم طور اپريل 1948ع هندستاني پنجاب جي حڪومت پاڪستاني پنجاب کي پاڻي ڏيڻ وارا اپر باري دو آ بہ ۽ فيض پور هيڊروڪس مان جيڪي واهہ نڪتا ٿي، سي بند ڪري ڇڏيا ۽ پاڪستاني پنجاب جا ڪجهہ ضلعا متاثر ٿيڻ لڳا. پنجاب جا ٽي چڱا مڙس وزير خزانہ غلام محمد، مغربي پنجاب جو وزير ميان ممتاز خان دولتانہ ۽ سردار شوڪت حيات خان ويا هندستان ڳالهائڻ ۽ اهو تسليم ڪري لکي ڏئي آيا تہ سنڌو ندي کي پرتي ڪنڌڙ ستلج، بياس ۽ راوي ندي تي هندستان جو حق آهي، ان ڪارروائي ۾ بہ نڪو سنڌ کان پڇيائون نڪو سرحد کان.

# پاڻي جو هندستان سان وڪرو

وري ايوب خان جڏهن اقتدار تي قبضو ڪيو. تڏهن عالمي بئنڪ کان 47 ڪروڙ ڊالرن جو واعدو وٺي بياس، ستلج ۽ راوي ندين ڪي وڪڻي ڇڏيائون. ڪروڙ ڊالرن جو واعدو وٺي بياس، ستلج ۽ راوي ندين ڪي وڪڻي ڇڏيائون. ان معاهدي کي سنڌطاس معاهدو سڏجي ٿو. انهن درياهن جي پاڻي تي سنڌ جو حق هو، پر ايوب خان سنڌ کي ڪنگيو بہ ڪونہ. سنڌو طاس معاهدي جي نتيجي ۾ پاڪستان جي ربيع جي فصل لاءِ اٺ ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ڪٽي پيو. ان مان 2.8 ملين ايڪڙ فوٽ جيتري پاڻي جي ڪوٽ سنڌ ۾ ٿي. بقول حفيظ پيرزادي جي پارت سنڌ جي حصي کي ڪٽل پاڻي يعني 2.8 ملين ايڪڙ فوٽ جيترو پاڻي جمع ڪرڻ جي بندوبست ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو هو. پنجاب جي حڪمران ٽولي اها ڳالهہ قبول ڪانہ ڪئي. نتيجو اهو نڪتو تہ جيڪي ٿي اوپر جا درياهہ يعني راوي، بياس ۽ ستلج هئا، تن مان ان کان پوءِ سنڌ کي هڪڙو ڦڙو بہ ڪونہ مليو. انهي دوران هنن منگلا ڊئم ۽ ٻيا ڊئم ناهي ورتا پر بس پوءِ بہ نہ آين، اهي ڪم هليا پئي تہ پاڻي تہ ڏاڙا هٽنڊڙ ڊئم ساز مافيا وچان نئين وڏي ڏاڙي جي تياري بہ ڪري ورتي ۽ پنهنجي نئين ڏاڙيل سازش جو نالو رکيائون "ڪالاباغ ڊئم منصوبو". سنڌ جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ چيائون تہ، هي منصوبو رڳو ملڪ جي بجلي جي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ آهي. پاڻي جو هڪڙو ڊڪ بہ اسان تي حرام آهي.

11 مارچ 1985ع تي ضياءُ الحق 1973ع وارو آئين ترميمن سان بحال ڪيو. 23 مارچ 1985ع تي محمد خان ڪي وزير اعظم ڪيو ويو ۽ 12 جولاءِ 1985ع تي پاڻي ۽ بجلي جي وزير مير ظفر الله جماليءَ کان اعلان ڪرايو ويو تہ ڪالاباغ ڊئم رٿا تي ڪم هلي رهيو آهي ۽ اهو 1994ع ۾ مڪمل ٿيندو. وزير موصوف انڪشاف ڪيو تہ ڪالاباغ ڊيم رٿا ون يونٽ ٺهڻ واري سال 1954ع ۾ تيار ڪئي وئي هئي ۽ 1984ع ۾ اها رٿا وفاقي وزارت کي پيش ڪئي وئي آهي.

ڪميشن مقرر ڪرڻ جو سلسلو سدائين جاري رهيو ۽ اختر حسين ڪميٽي، پاڪستان انڊس واٽر ڪميٽي، انوارالحق ڪميٽي، حليم ڪميٽي وغيره ڪميٽيون ٺهيو، پر پنجاب جي بالادست قوتن جي اڳيان ڪنهن جي بہ ڪانہ هلي. تان جو ڄام صادق عليءَ نواز شريف جي دٻڙ ڏونس واري پاڻيءَ جي

ٿاهه تي صحيح ڪري ڇڏي، پر ان تي پورو عمل نه ٿيو. هاڻ وري فوجي حڪومت ڪالاباغ ڊيم مڙهڻ جو فتنو ڪڙو ڪيو آهي. ان باري ۾ اصل مسئلا:

(1) پاڪستان تي سامراج جو دٻاءُ، سامراج جي دل گهرئي صوبي پنجاب جو دائمي اڪثريت ۽ ڊڪٽيٽري حيثيت ۾ هجڻ ۽، (2) ٻين ٽن صوبن جو دائمي اقليت ۾ ۽ دائمي محتاجي حيثيت ۾ هجڻ، (3) ٽن ننڍن صوبن جي نمائندگي قوم فروش ويڪائو وڏيري طبقي جي هٿن ۾ هجڻ، (4) وچولي طبقي جو ڪمزور، وائڙو، موقعي پرست ۽ پيٽ پرست هجڻ، (5) عوام جو مفلس هيسيل، ماريل ۽ بي سمجهه، خسيس مفادن ۽ لالچن ۾ گرفتار هجڻ ۽ پنهنجن وڏن ۽ بنيادي نفعن نقصانن کان اڻ ڄاڻ ۽ بي خبر هجڻ، (6) چوندن جو نظام بوگس هجڻ، (7) حڪومتن جو عوام دشمن ڌارين جو ڳيجهو، ڦورو ۽ فراڊي هجڻ ۽ (8) حڪومتي پارٽين جو حقيقت ۾ ڪردار پيداگيري، عوام دشمن، ڏوهاري ۽ مافيائي هجڻ.

ٻين ڳالهين سان گڏ انهن مسئلن جي تدارڪ لاءِ قومي سطح جي گڏيل جدوجهد هلائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.

# سچو پچو مڙس ماڻهو ڪهڙو ٿيندو آهي؟

بهترين انسان ڪهڙو هئڻ گهرجي ۽ ان ڪي ڇا سڏڻ گهرجي؟ اهڙن ماڻهن لاءِ تاريخ ۾ مختلف ماڻهن مختلف نالا استعمال ڪيا آهن. جرمن ڏاهي گوئٽي اهڙي ماڻهو کي سپر مئن يا برتر ماڻهو سڏيو آهي. انگريزن ان کي جينٽل مين يا شريف انسان سڏيو آهي. اسين سنڌي اهڙي ماڻهوءَ کي مڙس ماڻهو سڏيندا آهيون.

مڙس ماڻهو لفظ جون گهڻيون معنائون آهن. سنڌيءَ ۾ مڙس ماڻهوءَ جي مڙسيءَ جو تصور البت نهايت سادو، نهايت محدود آهي. ويڙهه جي فن بابت اسانجي ڄاڻ ۽ نظريو ٻاراڻي سطح مطابق نهايت هيناهين درجي جو ۽ پوئتي پيل آهي. ڪو سخي آهي، ڪو درگذر ۽ لانگهو ڪرڻ وارو آهي، ڪو مهل ڪرڻ وارو آهي ته ان کي مڙس ماڻهو سڏيندا آهن. ٻيو مڙس ماڻهو ان کي چوندا آهن جيڪو جسماني طرح بهادر هجي، اڪيلي سر گهڻن ماڻهن جي سامهون هليو وڃي. هٿيار هٿ ۾ نه هجي ۽ هٿيار واري ماڻهوءَ سان مقابلو ڪرڻو پئجي وڃي ته سامهون هليو وڃجي، پوئتي لوڻو نه هٽجي. ايتري قدر جو گهران وڃي هٿيار کڻڻ لاءِ به پوئتي نه ورجي. آخري حد اها ته پنهنجو بچاءُ به نه ڪجي، مورچن کي به استعمال نه ڪجي، ويڙهه جا فن به استعمال نه ڪجن! لطيف جهڙو ماڻهو به مڙسيءَ جي ان سطح جي تصور کان متاثر ٿيڻ بنا رهي نه سگهيو:

اڙن مــتــان اُســري، پاڪــر جــو پائي،
اجان ان کي جيئڻ جو، آسانگو آهي،
سورهيه سو چائي، جو رڳوئي رڻ گهڙي. (شاهه)

دنيا جي اڳتي وڌيل ۽ مهذب سماجن ۾ مڙسيءَ جو تصور اسان واري مڙس ماڻهوءَ جي تصور کان تمام گهڻو وڌيڪ وسيع، وڌيڪ نفيس ۽ وڌيڪ اعلىٰ سطح جو آهي. اهو آهي ان مڙس ماڻهوءَ جو تصور جيڪو مڙسيءَ جي ٻين خوبين سان گڏ علمي، فڪري، نظرياتي ۽ سائنسي طرح به مڙس ماڻهو آهي. علمي، فڪري، نظرياتي ۽ سائنسي نقطه نظر کان مڙس ماڻهو ان کي چوڻ جڳائي، جنهن ماڻهوءَ ۾ ٻين خاصيتن سان گڏ هڪڙي لازمي خاصيت اها به هجي ته، ”هو جيڪي علمي، فڪري، نظرياتي ۽ سائنسي ڳالهيون بلڪل صحيح ۽ درست سمجهندو رهيو

هجي، انهن بابت سندس کو بدترين دشمن بہ کيس اهو سمجهائي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري تہ اهي ڳالهيون بلڪل غلط آهن تہ پوءِ ان حالت ۾ مڙس ماڻهو اهو آهي جيڪو ڦڏو ڪري دل ۾ ائين نہ چوي تہ، دشمن آهي! هن جي ڳالهہ ڪا مڃبي ڇا؟“ اڳلي جي دشمنيءَ ۽ امڪاني بدنيتي واري ڳالهہ کي چڱيءَ طرح سمجهندي ۽ انهن کي قطعي پاسيرو رکي، حقيقتن تي ويچار ڪري ۽ جي پوءِ ايمانداريءَ سان ان نتيجي تي پهچي تہ هو صحيح ٿو چوي، تہ پوءِ صاف ۽ چٽو اعلان ڪري تہ ”تنهنجي ڳالهہ صحيح منهنجي ڳالهہ غلط.“ پوءِ پل ڪٽي سڄو جهان مٿس ان سچي ڳالهہ قبول ڪرڻ ڪري ڪلڻ لڳي. علمي ۽ فڪري مڙسيءَ جي بلندي هيءَ چئبي تہ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي مرڻ کان هڪڙي بہ گهڙي اڳ ۾ اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وڃي، تہ ”مون سڄي عمر جيڪي ڳالهيون صحيح سمجهيون ٿي، سي سڀ غلط هيون ۽ جن شين يا ڪمن لاءِ مون پنهنجي سڄي زندگي وقف ڪري ڇڏي سي بلڪل بيڪار، بي معنيٰ يا نقصانڪار هيون،“ تہ ان آخري گهڙيءَ مهل سيني جي اڳيان ائين چوڻ ۾ ڪابہ هٻڪ محسوس نہ ڪري تہ، ”مون جيڪا سڄي زندگي گهاري ڇڏي سا ”الف“ کان وٺي ”ي“ تائين سڄي غلط، بيڪار ۽ نقصانڪار هئي.“

اصول هي طئي ٿيو تہ وس آهر غلطي ڪرڻ کان بچڻ جي بهترين ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ بہ، غلطي ڪري وجهڻ ۾ ڪوبہ عيب ڪونهي. اهڙيون غلطيون حقيقت جي ادراڪ جي منزل طرف سفر ۾ جاڻ ۽ سمجهہ جو رستو صاف ڪن ٿيون ۽ ان ڪري مثبت ۽ تخليقي عمل آهن. عيب آهي پنهنجي اڳين گهٽين صحيح ڳالهين ۽ غلطين نہ ڪرڻ جي احساس ۽ انا وچان، پنهنجي غلط هجڻ جي امڪان کي ئي خارج ڪري ڇڏڻ ۽ ان امڪان تي ايمانداريءَ سان جاچ ڪرڻ ۽ ان غلطيءَ جي نشاندهي ڪندڙ حقيقتن تي ويچار ڪرڻ کان پڙ ڪڍي ويهڻ. اسان وٽ مڙسيءَ جو ضد پاڙيائي چيو ويندو آهي. ذهن اٽ ئي پهر پنهنجي غلط هجڻ جي امڪانن ۽ ثابتين بابت کليو نہ رکڻ ۽ ان تي ”نہ“ جا نوَ ڪوٽ چاڙهي ڇڏڻ علمي ۽ عقلي نامردي آهي ۽ پنهنجي غلطي محسوس ڪري، ان کان هڪدم جند نہ ڇڏائڻ، ان ڳالهہ کان لنوائڻ ۽ ان کي نہ مڃڻ ۽ ان کي چهٽو رهڻ، ذهني ۽ فڪري پاڙيائي آهي. ماڻهو رڳو اهي شيون ۽ ڳالهيون نہ ٻڌي ۽ معلوم ڪري، جيڪي کيس وڻن. فقط انهن ماڻهن سان نہ ملي، جن سان ملي کيس خوشي ٿئي ۽ فقط اهي ڪتاب نہ پڙهي، جن ڏانهن سندس اڳيئي لاڙو هجي. فڪري ۽ ذهني

طرح مڙس ماڻهو اهو آهي جيڪو سندس اعليٰ مقصدن لاءِ جيڪي بہ ڳالهيون ۽ ڪم ضروري هجن، اهي سڀ ڪري، چاهي اهي ڪيس وٽن يا نہ وٽن. بلڪ جيڪي ڪيس سخت ۾ سخت نہ وٽن اهي تہ سڀ کان پهريائين ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪري ۽ ان لاءِ جلد از جلد شروعات ڪري ڇڏي. علمي ۽ فڪري مڙس ماڻهو پنهنجي ذهن کي سدائين ڏکيا ڪم ڏيندو، ورزش ڪرائيندو، ان تجربي ۽ ورزش سبب پنهنجي علمي ۽ ذهني لياقت ۽ پهچ سدائين تازي تواني رکندو ۽ پنهنجي علمي ۽ فڪري ذوق، پسند ۽ سهپ جو دائرو روز ذرو ذرو ڪري وڌائيندو رهندو. اهڙيءَ طرح علمي ۽ فڪري مڙس ماڻهوءَ جي آزمائش، ضروري ۽ لازمي معاملن ۾ بوريت، اڻ وڻندڙ ۽ بظاهر برداشت جي سگهہ جي جواب ڏيڻ جي حالتن سان سخت ۽ اڻانگو مقابلو ڪندو ۽ انهن تي فتح پائيندو رهڻ آهي. علمي، ذهني ۽ فڪري مڙس ماڻهو، پنهنجي علمي ۽ فڪري مقصد ۽ پنهنجي وچان ٽڪ، بوريت، ناپسنديدگيءَ ۽ ڪوڙاڻ جون ديوارون ڊاهي، پنهنجي ڄاڻ، سمجهہ، شعور ۽ عمل کي وڌيڪ وسيع ۽ وڌيڪ گهرو ڪري ٿو. پڙهڻ جي معاملي ۾ هو ڪڏهن بہ پاڻ کي رڳو من پسند ڳالهين، موضوعن، ڪتابن ۽ لکندڙن تائين محدود نہ رکندو. علمي ۽ فڪري، نظرياتي ۽ سائنسي مڙس ماڻهو پاڻ کي تاريخ ۽ ماحول کان مليل خانداني، نسلي، علائقائي، قومي، طبقاتي، مذهبي ۽ نظرياتي تنگ نظريءَ ۽ تعصب جي زنجيرن کان آزاد ڪرڻ لاءِ هر وقت ويڙهہ ۽ جاکوڙ ڪندو رهندو آهي ۽ زندگيءَ جي آخري پل تائين اها جاکوڙ ۽ ويڙهہ ترڪ نہ ڪندو آهي.

جان جان هئي جيئري، ورچي نہ ويني (شاهہ)

اسين سنڌي هجون يا غيرسنڌي، مسلمان هجون يا عيسائي، ڪارا هجون يا گورا يا ريڊ انڊين، پاڪستان جا رهاڪو هجون يا وچ آفريقا يا ڏکڻ آمريڪا جا، اسان کي پنهنجي ماءُ جي هنج، پنهنجي گهر، پنهنجي ڳوٺ، پنهنجي قبيلي، پنهنجي وڏن، پنهنجي شهر، پنهنجي تر، پنهنجي صوبي، پنهنجي قوم ۽ پنهنجي ملڪ، پنهنجي ثقافت ۽ مذهب جي نالي ۾ جيڪا بہ ڄاڻ، سمجهہ ۽ عقل حاصل ٿئي ٿو سو لازمي طرح نهايت هڪ طرفو، نهايت محدود ۽ خطرناڪ حد تائين اڻ ڄاڻائين، بي سمجهين بلڪ گمراهين تي ٻڌل ٿئي ٿو. اهو اسان جو يا اسان جي مائٽن جو يا اسان جي ثقافت جو ڏوهہ ڪونهي. اها تاريخي مجبوري آهي. انسان

هڪ هنڌ نـ رهيا آهن ۽ نـ رهي سگهن ٿا. تاريخي طرح انسان تمام ننڍڙين ننڍڙين ۽ هڪبئي کان پري پري، هڪبئي جي مشاهدي، مطالعي، ڄاڻ، سمجهہ ۽ عقل کان بي خبر ۽ اجنبي ۽ ان بابت سخت اڻ ڄاڻاين، بي خبرين، غلط فهمين ۽ نادانين ۽ جهالتن ۽ گمراهين جو شڪار رهيو آهي. ان ڪري هو هزارين سالن کان پاڻ کانسواءِ (پنهنجي گهر، پنهنجي عقيدي، پنهنجي ثقافتي روايت وغيره کانسواءِ) هر شئي ۽ هر ڳالهہ کي ڌاريو، اڻ وڻندڙ، ڪراهت جهڙو، واهيات ۽ ناقابل برداشت سمجهڻ تي هريل آهي ۽ ٻي ڪنهن ڳالهہ جي ڪيس خبر ئي ڪانهي. هن لاءِ جهنگ جا مرون ايترا ڌاريان، ايترا اجنبي ۽ خطرناڪ ناهن، جيترا ”ڌاريان“ انسان. سندس خيال، سوچون، عادتون ۽ رهڻيون ڪهڻيون، تهذيب جو سفر، انسان جو انسان خلاف ڌاريائي، تعصب، ڌڪار ۽ ڪراهت جي احساس تي ڏاڪي بـ ڏاڪي فتح پائيندي رهڻ جو سفر آهي. ان سفر ۾ جيڪو سيني کان وڌيڪ اڳيرو آهي، جيڪو وڌ ۾ وڌ پنڌ چڙهائيندو هلي سو مڙس ماڻهو آهي.

جڏهن ڳالهيون تمام گهڻيون منجهيل هجن، مخالف تـ مخالف پر دوست بـ مونجهارن جو شڪار هجن، صحيح ڳالهہ غلط پئي لڳندي هجي ۽ غلط ڳالهہ صحيح. جڏهن سمورو وايومنڊل مخالف هجي ۽ مني بـ ماٺ مني بـ ماٺ جو وقت هجي، تڏهن ڪنهن فرد، گروهہ، طبقي يا قوم سان وڏو ظلم پيو ٿئي پر ڪيججي تو تـ ڪافر تو سڏجي، اهڙي وقت ۾ سموريون حقيقتون ڄاڻندي بـ ماحول جي خوف کان چپن کي صفا چنو هڻي، پاڻ کي سلامت رکي، بنا ڪنهن بـ قسم جي سڏي يا اڻ سڏي، ٿوري يا گهڻي حق جي حمايت ڪرڻ جي، رڳو تماشائي ٿي ويهي رهڻ ياڙيائي آهي. ۽ اهو سمجهندي حق جو پاسو وٺڻ تـ دشمن تـ دشمن پر دوست بـ اصل ڳالهہ نـ سمجهندا ۽ ماڻهو اڪيلو رهجي ويندو، پر تـ بـ سموري خطا ڪٽي ممڪن حد تائين حقي موقف اختيار ڪري ڳالهہ ممڪن حد تائين پڌري ڪرڻ ۽ گهربل عقل ۽ سمجهہ سان توڙ تائين مسلسل ڪندو رهڻ تانجو اها عام ٿي وڃي، مڙسي آهي.

ان وقت ڪنهن وڏي قومي عوامي ڪاز يا مقصد جي ڪاميابي لاءِ ڏکهي مدي واري رٿابندي، تياري ۽ جاکوڙ ڪرڻ جڏهن ان جو ڪنهن کي احساس ئي نـ هجي تـ اهڙو ڪو محاذ يا مقصد بـ آهي يا ٿي سگهي ٿو، جڏهن ڪنهن کان شاباس يا داد ملڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نـ ٿئي، تڏهن ائين ڪرڻ علمي ۽ فڪري، نظرياتي ۽ انقلابي مڙسي آهي.

مظلوم فرد، گروهه يا طبقي کي خطري ۾ ڏسي، ان وقت انجي لاءِ سوچڻ ۽ لوچڻ ۽ ماٺ منيءَ ۾ ان لاءِ رٿابندي ڪرڻ، جڏهن خود ڏر ڏٽين کي خطري جو احساس ئي نہ هجي ۽ ساڻن سندن خطري جي ڳالهہ ڪجي تہ هو اڻ ڄاڻائيءَ وچان پنهنجي مخالفن سان گڏ پنهنجي انهن دوستن تي بيهي ڪلي ۽ دشمنن جي الزامن ۽ بهتانن کان گمراهہ ٿي، دوستن کي دشمن سمجهي ڪانئن لهرائڻ لڳي، اهڙي سطح جي خاموش، اڻ ڳايل ۽ اڻ وڄايل مڙسي ان سطح جي مڙسي آهي، جنهن سطح جو ذڪر اڄ کان اڍائي هزار ورهيہ اڳ دنيا ۾ جنگ جي فن جي پهرين عظيم ماهر چيني جنرل سن زو پنهنجي جڳ مشهور تصنيف "جنگ جو فن" ۾ هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

"وڏا جنهن قسم جي ماڻهوءَ کي چالاڪ ويڙهو سڏيندا هئا، اهڙو ويڙهو اهو ماڻهو آهي جيڪو نہ رڳو سوڀ حاصل ڪري ٿو، پر ڪيس آسانيءَ سان سوڀ حاصل ڪرڻ ۾ ڪمال حاصل آهي، پر اهي سوڀون ڪيس ڏاهپ يا سورهيائي جو ڪوبہ داد نٿيون ڏيارين. ڇو تہ اهي سوڀون انهن حالتن جي مقابلي ۾ حاصل ڪيل آهن، جيڪي حالتون ظاهر ٿيون ئي ناهن ۽ جن جي دنيا کي اجان ڪابہ خبر ئي ڪانهي. ان ان ڪري سندس ڏاهپ جو نالو نٿو نڪري، نڪو وري ڪيس سورهيہ ۽ دلير سمجهيو وڃي ٿو. ڇو تہ هن جي دليريءَ ۽ دانائيءَ جي ڪري سمورو ڪم ماٺ منيءَ تي وڃي ٿو ۽ (سندس پاران ڪيل) ڪا ظاهري ويڙهہ يا رتوڇاڻ ٿئي ئي نٿي (جو اها ماڻهن کي نظر اچي ۽ هو ڪيس سورمو سمجهن.)"

علمي ۽ فڪري، نظرياتي ۽ سائنسي مڙس ماڻهو ڪنهن بہ منزل تي مڙساڻي پيش قدمي روڪي، هڪڙي هنڌ بيهي، وڏيڪ جاکوڙ ۽ خطرن کان منهن موڙي، پنهنجي مڙسيءَ جي اڳوڻي موڙيءَ جو گهر ويني کٽيو نہ کائيندو. هو پنهنجي مڙسيءَ جي ناموس کي بخيلن وانگر ڪڏ ۾ پوري، ان جي مٿان نانگ ٿي پهرو نہ ڏيندو ۽ هڪڙي محفوظ ۽ سلامتيءَ واري زندگي نہ گهاريندو. هو علم ۽ سمجهہ ۽ سائنس جي شوق، تجسس، ڳولا، آزمائش، خطري ۽ جاکوڙ ۾ غلطين، خوارين ۽ غلطين مان سکڻ ۽ پرائڻ، وري ڪوشش ۽ آزمودا ڪرڻ، وري غلطيون ڪرڻ، وري پرائڻ جي ريت ۽ روايت سدائين قائم رکندو ۽ ڪڏهن بہ ۽ ڪهڙين بہ حالتن ۾ وچان گوهي ڏئي پويان پير نہ ڪندو.

سچ توڙي ڪوڙ پنهنجي اصل نج ۽ نبار حالت ۾ تمام گهٽ نظر ايندا آهن، انهن جا بي انداز روپ ۽ بهروپ هوندا آهن. ڪيترين حالتن ۾ ڪوڙ جي

لباس ۾ سچ ڍڪيل هوندو آهي ۽ ان جي ابتڙ ڪوڙ ڪي سچ جا سورنهن سينگار ڪيل هوندا آهن. مڙس ماڻهو انهن ڪي هر حال ۽ هر روپ ۾ سڃاڻڻ لاءِ واجهه وجهندو، جاڪوڙون ۽ ويڙهيون ڪندو رهندو آهي.

اڪثر ائين ٿيندو آهي تہ هڪڙي ڪوڙي ڳالهه جي جاءِ ٻي ان جي ابتڙ ڪوڙي ڳالهه والاريندي آهي. اصل حقيقت ۽ سچ انهن ٻنهي جي وچ تي هوندو آهي ۽ انهن ابتڙ ڳالهين ۽ شين مان جڙيل هوندو آهي. هڪڙيون ڪوڙيون ڳالهيون ماڻهن جي ٻي سمجهيءَ واري مجتا جي ڪري فڪري فيشن جو درجو حاصل ڪري وٺنديون آهن. ڪين ديوين ۽ ديوتائن وانگر پوڄيو ويندو آهي. ڪيترن ئي سچن تي ڪوڙن جي ڪاراٺ مليل هوندي آهي ۽ سندن شڪل ايڏي پوائتي بنايل هوندي آهي جو انهن ڪي ويجهو ويندي بہ ماڻهوءَ ڪي ڊپ لڳندو آهي. سچو مڙس ماڻهو وڏي همت ۽ جاکوڙ سان هر حالت ۾ ۽ هر روپ ۾ سچ ۽ ڪوڙ ٻنهي ڪي سڃاڻي ويندو آهي، چاهي انهن ڪي ڪهڙا بہ ٻهروپ لڪايو وينا هجن. عام ماڻهن جي سوچ اجان ٻالپڻ جي وهيءَ ۾ آهي. ماڻهو سوچڻ، لوچڻ ۽ ذهني جاڪوڙ ڪرڻ کان لهرائين ٿا. سورهن آنا صحيح ۽ تز ڳالهه ڪرڻ لاءِ ذهني جاکوڙ جي ضرورت پوي ٿي. ان ڪري ماڻهو تز ۽ صحيح ۽ صاف ڳالهه ڪرڻ بدران وڏاءَ واريون ۽ گول مول ڳالهيون ڪرڻ وڌيڪ آسان سمجهندا آهن. هو هڪڙي وڏاءَ مان جان ڇڏائيندا آهن تہ وري ٻئي ابتڙ وڏاءَ، ٿوري سچ ۽ گهڻي ڪوڙ جو سهارو وٺندا آهن. ان ڪري دنيا ۾ سوچڻ جي غلط طريقن ۽ انهن ذريعي حاصل ڪيل غلط نتيجن جا انبار لڳا پيا آهن ۽ ماڻهو چوطرف انهن ۾ گهيريو پيو آهي ۽ حقيقتن ڪي سمجهڻ جي رستي تي هر هنڌ رڪاوٽون ڪڙيون ٿيون پيون آهن.

مثلاً: اسان جي سنڌ ۾ اڳي مذهبي وهم ۽ تعصب وچان سمجهيو ويندو هو تہ مسلمان عام ماڻهو توڙي وڏيرا سڀ سئو فيصدي سٺا، سچا ۽ حق تي آهن ۽ هندو عام ماڻهو توڙي سيٺيون سڀ جا سڀ ۽ سئو فيصدي ڪوڙا، ڪنا ۽ ناحق تي آهن. وڏي جاکوڙ کان پوءِ جڏهن معلوم ٿيو تہ اها ڳالهه ڪوڙي آهي تہ ان جي جاءِ تي وري ٻي ابتڙ وڏاءَ واري ڪوڙ، وهم ۽ تعصب جنم ورتو آهي، جيڪو فڪري طرح ماڻهن جي ڪنڌ تي چڙهيو وينو آهي ۽ صحيح ڳالهه سمجهڻ ۽ بيان ڪرڻ نٿو ڏئي. اڄ جو وڏاءُ وهم ۽ تعصب هي آهي: ”هندو سيٺين سميت سموري جا سمورا اسان جا هندو پائر سنڌ جي معاملن ۾ سدائين صحيح سوچ ۽ عمل

رکندڙ ۽ سدائين نيڪ ۽ سدائين سئو فيصدي حق تي هئا ۽ مسلمان سدائين سئو فيصدي ناحق تي هئا ۽ انهن جون سڀ شڪايتون ناجائز هيون ۽ آهن.“

اڳوڻو وڏاءُ هو: ”هندو مسلمان پاڻ ۾ ازل جا ويري آهن، هڪڙي جي زندگي ٻئي جو موت ۽ ٻئي جي زندگي پهرين جو موت آهي ۽ انهن جي وچ ۾ ناهه جي ڪابه ڳالهه ڪانهي ۽ ناهه مان فائدو فقط دشمن کي ٿيندو.“ ان جي ابتڙ هاڻوڪو وڏاءُ ۽ ڪوڙ آهي، ”هندو ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ڪي به اختلاف ۽ جائز شڪايتون هيون ئي ڪونه. سڀ انگريزن جي حرام پائي هئي!“ ساڳي ڳالهه نظرياتي سطح تي ٿئي ٿي. اڳوڻو وهم ۽ وڏاءُ هو: ”هر فرد، طبقي ۽ قوم جو پنهنجو پنهنجو قطعي الڳ مزاج ۽ ازلي ۽ ابدي مرتبو آهي، اهو ڪڏهن به بدلجي نٿو سگهي. ڪتي جي پيچ کي ٻارهن مهينا نڙ ۾ رکبو ته به ڏنگي جو ڏنگو ئي رهندو، ڪانوَ جو ٻچو ڪانو ٿيندو هنج ڪونه ٿيندو. هڪڙا فرد، گروهه ۽ قومون اصل جا ڪمينا ۽ ڪريل آهن، ٻيا اصل کان وني خانداني عزت وارا ۽ اشراف آهن، انهن جي وچ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي، اهو فرق ڪڏهن به ڪونه مٽبو.“ ان وڏاءَ، ڪوڙ ۽ تعصب جي فڪري بت جي جاءِ وري هن ابتڙ علم دشمن، سائنس دشمن، وڏاءُ، ڪوڙ ۽ فڪري بت ورتي آهي. ”انسان سڀ مڪمل طرح هڪ جهڙا آهن، انفرادي، گروهي، طبقاتي ۽ قومي فرق ٿيندا ئي ناهن. فردن، گروهن، طبقن ۽ قومن جا مزاج ۽ ڪردار تاريخ ۽ ماحول مطابق نه ٺهندا آهن. سڀ آدم جا هڪجهڙا ٻچا آهن، سيني جي نفسيات، سيني جا گڻ اوگڻ، هڪجهڙا آهن. انفرادي، گروهي، طبقاتي ۽ قومي گڻ اوگڻ ٿيندا ئي ناهن، سمورن انسانن جي فطرت ساڳي آهي، انهن ۾ ڪوبه فرق ڪونهي. جيڪو فرق جي ڳالهه ڪندو اهو هٽلر جو پوئلڳ، نازي ۽ فاشسٽ هوندو.“ مطلب ڳالهه جو ته شيون يا ته مڪمل طور تي هڪ ٻئي کان الڳ ۽ ابتڙ آهن يا مڪمل طور تي هڪجهڙيون ۽ ساڳيون آهن. حالانڪ ڪئين ڳالهين ۽ ماڻهن ۾ هڪجهڙايون به هونديون آهن ۽ فرق ۽ تضاد به هوندا آهن، جيڪي هزارين سالن جي تاريخي ارتقا ۽ انقلابن جي پيداوار هوندا آهن. انهن فرقن ۽ تضادن کي ڪوشش ڪري هڪ حد تائين وڏائي به سگهجي ٿو، پر فقط هڪ حد تائين ۽ ان کان وڌيڪ بلڪل نه. اهي فرق تضاد ۽ هڪجهڙايون هڪ حد تائين سدائين رهندا ۽ هڪ تمام وڏي تاريخي عرصي تائين صفا ختم نه ٿيندا.

جهالت، انڌي پوڄا ۽ انڌي نفرت بدڙي حساب سان انتهاپسنديءَ جون ڳالهيون ڪن ٿا. علم عقل ۽ سائنس ليکي چوڪي ۽ حساب ڪتاب جي ڳالهه ڪن ٿا. ”ٻه ياٺر ٽيون ليکو.“ ”هي ڳالهه هيترا ٽڪا صحيح ۽ هيترا ٽڪا غلط. هيترا ٽڪا چڱي ۽ هيترا ٽڪا خراب.“ دمڙيءَ جو حساب صحيح نه رکبو ته ڪروڙن جو سڄو ليکو غلط ٿي پوندو. سنڌين ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي ڳالهه نڪرندي ته هڪڙي طرف ”سنڌي ويچارا سڀ سڀاجهڙا ۽ اشراف، اسان جا وڏيرا به سنڌي ثقافت جا علمبردار، پناهگير، سڀ مڪار، ڪنا ۽ ڪوچڙا“ ٻئي طرف چئبو ”سنڌي سڀ رجعت پرست، وڏيرن جا ايجنٽ، اردو ڳالهائيندڙ مهذب، پڙهيل ڳڙهيل، ”ويچارن پناهگيرن جو الائي ڇا ٿيندو؟“ هاڻ وري هر ڪنهن جي اک تي ڳوڙهو! چئي ”سنڌي مهاجر اتحاد جو الائي ڇا ٿيندو؟ اصل مسئلو آهي ئي اهو ٻيو سڀ ڪوڙ آ.“ مسئلن ڪي پيش ڪرڻ لاءِ ڪا خاص ٻولي، ڪو خاص انداز گهربل هوندو آهي. علمي ۽ فڪري پاڙيائي جا ڪئين قسم آهن. هڪڙو آهي ڪنهن اهڙي معاملي ۾ جنهن ۾ ڏرين مان ڪنهن ڏر سان پنهنجائپ يا ڪنهن واسطي جي ڪري سچو موقف اختيار ڪرڻ ڏکيو ٿي پوي ۽ چڱن موچارن ماڻهن، جن جي راءِ کي ماڻهوتمام وڏي اهميت ڏئي، تن جي طرفان غلط فهميءَ جي بنياد تي ۽ مخالفن طرفان بي ايمانيءَ وچان، پاس خاطري ڪرڻ جي الزام جو خطرو هجي ۽ ٻئي طرف جيڪڏهن سچو ۽ صحيح موقف نه ونجي، گول مول ڳالهه ڪجي يا لٽي پٽي ماٺ ڪري رهجي، ته ماڻهوءَ جي شهرت قائم رهڻ يا اجان به وڌڻ جو امڪان هجي، اهڙي حالت ۾ صحيح ڳالهه ڪرڻ بدران يا ته گول مول ڳالهيون ڪرڻ يا چپن کي چُنو لائي ويهي رهڻ.

مثلاً: توهان جي ڪنهن غريب عزيز سان زيادتي ٿي آهي. توهان کي خبر آهي ته ڏوهه ٻي ڌر جو آهي پر چيو ائين وڃي ته ڏوهه توهان جي عزيز جو آهي يا ٻنهي جو هڪ جهڙو ڏوهه آهي. ان حالت ۾ جيڪڏهن توهان پاس خاطريءَ جي الزام جي پرواهه نه ڪري، سچي ڳالهه چئو ٿا ۽ پنهنجي غريب ۽ مسڪين مائٽ ماڻهوءَ، جنهن جو توهان کي گهٽو لاچار به ڪونهي ۽ هن جو ٻيو ڪو ڏٽي ڏوٽي به ڪونهي ۽ توهان آسانيءَ سان ان بي واهه مسڪين کي دٻائي، ماٺ ڪرائي، پنهنجي فراخدليءَ، چڱ مڙسي جي شهرت کي چار چنڊ لڳائي سگهو ٿا، پر پوءِ به توهان پنهنجي چڱ مڙسيءَ جي شهرت کي خطري ۾ وجهي، ايماندار ماڻهن جا غلط فهميءَ تي ٻڌل الزام ۽ بي ايمان مخالفن جا بي ايمانيءَ وارا بي واجبي

الزام سهي، پنهنجي غريب عزيز جي حقي واجبي حمايت ڪريو تا تہ توهان مڙس ماڻهو آهيو، جي نہ تہ نہ.

ساڳي ڳالهہ پنهنجي قوم جي سلسلي ۾ آهي. پنهنجي عزيز، پنهنجي طبقي، پنهنجي قوم جي ناجائز حمايت ڪرڻ بہ پاڙيائي آهي تہ جائز حمايت نہ ڪرڻ بہ پاڙيائي آهي. پلن ماڻهن جي غلط فهمي ۽ ٻرن ماڻهن جي ناجائز الزامن ڪان بچڻ لاءِ ۽ پنهنجي روشن خياليءَ جي شهرت ڪي خطري ڪان بچائڻ لاءِ، پنهنجي عزيز، طبقي يا قوم جي جائز موقف جي حمايت نہ ڪرڻ يا جيتري ڪرڻ گهرجي اوتري نہ ڪرڻ ۽ گول مول ڳالهيون ۽ "يعني مگر چونڪہ چنانچہ" ڪرڻ بہ پاڙيائي آهي. اعلىٰ آدرشن، فراخدلي ۽ وسيع نظريءَ جا حوالا ڏيئي، پنهنجي مظلوم ۽ بي زباني ڌر جي طرفداريءَ ۾ بي ايماني ڪري، پاڻ ڪي اڳلن وٽ سرخرو ڪري، پاڻ ڪي سنو چڱو ماڻهو، روشن خيال، وسيع نظر، ترقي پسند ۽ انسانيت دوست اعلىٰ انسان سڏائڻ ڪان وڏيڪ پاڙيائي ٻي ڪانہ ٿي ٿي سگهي.

جيڪو ماڻهو ڪنهن ڌر جو مڪمل طرفدار سمجهيو وڃي، حالانڪ هو رڳو نالي جو يا هڪ حد تائين يا مشروط طرفدار هجي، سو ان ڪوڙي شهرت جو ناجائز فائدو وٺي ان ڌر جو نقطي نظر بيان ڪندي، ان جي حمايت ۾ جيڪي بہ دليل وڏي ڪوجنا ۽ جاکوڙ ڪان پوءِ حاصل ٿي سگهن، سي نہ گڏ ڪري ۽ نہ پيش ڪري ۽ پنهنجي شهرت ۽ غيرجانبداري، جي ساک وڌائڻ لاءِ، "پنهنجي" تي گند ٿڦي ۽ "پرائي" کي صابڻ هڻي، ڪيس سندس سمورين بدمعاشين ڪان پاڪ صاف ڪري، "پنهنجي" کي ڌڪ ڏيئي، "پرائي" ڪان پني نپرائي ۽ انهن جي وچ ۾ ويهي، لانگ هڻي، پاڻ کي پهلوان سڏائي، سو پڪو پاڙيو آهي.

جيڪو جڏهن ڏسي تہ جي پنهنجي ذاتي نفعي نقصان کي ڏسندس تہ منهنجي سچي ۽ مظلوم ڌر کي نقصان رسندو، تہ پوءِ ان ڌر کي پلي ڪوبہ پتو نہ پوي، تہ بہ ماٿ منيءَ ۾، سواءِ ٻڙڪ ٻاهر ڪڍڻ جي، پنهنجي حق تي بيٺل مظلوم ڌر جي نفعي نقصان خاطر، پنهنجي نفعي نقصان تان هٿ کڻي ڇڏي، بلڪ ضروري ٿئي تہ ان کي خطري ۾ وجهي ڇڏي، توڙي جو ان قربانيءَ جو ڪنهن کي بہ احساس ٿيڻ جو امڪان ئي نہ هجي ۽ اٿلو اهو امڪان هجي تہ چالاڪ ۽ قاتل دشمن، ان قربانيءَ کي بہ خودغرضيءَ جو رنگ ڏيندو ۽ ماڻهن جي ابوجهائي ۽ نادانيءَ سبب انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪامياب بہ ٿي ويندو، اهو سيڪجهہ ڏسندي، ڄاڻندي جيڪو مظلوم ڌر جي ڀرپور حمايت ڪري ٿو سو مڙس آهي.

مڙس اهو جيڪو پنهنجي مفادن کي پنهنجي پارٽيءَ جي صحيح مفادن خاطر قربان ڪري ڇڏي. ان کان اڳتي، مڙس اهو جيڪو جڏهن ڏسي تہ منهنجي پارٽيءَ جا مفاد منهنجي سڄي قوم جي مفادن سان ٽڪر ۾ اچن ٿا ۽ انهن کي ناقابل تلافي نقصان پهچائين ٿا، تڏهن پنهنجي پارٽي مفادن کي انهيءَ ٽڪر ۽ قومي نقصان جي تلافي نہ ٿيڻ جوڳي حد تائين قربان ڪري ڇڏي، همت ۽ بهادري، مڙسيءَ جا اهم عنصر آهن، انهن کان سواءِ سچو مڙس ماڻهو ٿيڻ ممڪن ڪونهي.

اسان وٽ همت ۽ بهادريءَ جو تصور بہ نهايت هڪ طرفو، محدود، شروعاتي قسم جو ۽ پوئتي پيل آهي.

دنيا جي ڏاهن انهن تصورن کي ڪي گهڻن پاسن کان ڏٺو، سمجهيو ۽ سمجهايو آهي. مثلن: مشهور فرينچ اديب ۽ ناٽڪ نويس جين انوئل چيو آهي ”پنهنجي مرڻ جي ڏينهن تائين ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي اها پڪ ڪانہ ٿي ٿي سگهي تہ هو پڇاڙيءَ تائين دلير رهندو يا نہ؟“

عظيم ارسطو چيو آهي تہ ”بهادر ماڻهوءَ کي بزدل ماڻهو، هڪڙو انڌ جي گهوڙي تي چڙهيل ماڻهو سڏي ٿو ۽ سچ پچ انڌ جي گهوڙي تي چڙهيل ماڻهو وري ڪيس بزدل ماڻهو سڏي ٿو.“

اسڪاٽليند جو ناول نويس جي ايم بيئري چوي ٿو ”اصل ڳالهہ آهي بهادري. جي بهادري ويئي تہ سڀ ڪجهہ ويو.“ ساڍا ٽي سو سال اڳ جي انگريز عالم ۽ اديب ڳالهہ جو هڪڙو بيو پاسو ڪنيو آهي ”موت کي حقارت جي نظر سان ڏسڻ بهادرن جو ڪم آهي، پر جتي زندگي موت کان وڌيڪ ڀيانڪ هجي، اتي سڀ کان سچي بهادري اها ٿئي ٿي تہ ماڻهو اهڙين حالتن ۾ جيئري رهڻ جي جرئت ڪري.“

جڳ مشهور اعليٰ اسپيني ناول ”ڊان ڪئگزاٽ“ (اصل اسپيني اچار ڪجهہ بيو) جي نامور مصنف سروانتي (اصل اسپيني اچار ڪو بيو) ساڳي ڳالهہ هن نموني ڪئي آهي تہ ”دليري، هوڙهيائي ۽ بي همتيءَ جي وچ پنڌ تي رهندي آهي.“ سترهين صديءَ جي مشهور انگريز شاعر جان ڊان اجان ٿي ڳالهہ ڪئي آهي ”بهادري، بزدلي ۽ مايوسيءَ جي وچ مان سرجندي آهي.“

دلير ماڻهو اڪثر ڪهرا ۽ سخت دل هوندا آهن، پر انگريز دانشور ٿامس ڪارلائل چيو آهي ”مضبوط دل، قربائتي ۽ ٻاجهاري هوندي آهي. قرب خطري

سان گڏ رهندو آهي ۽ ان سخت ماحول رهڻ ڪري وڏيڪ مقدس ۽ وڏيڪ من موهيندڙ ٿي پوندو آهي.“

آمريڪي اڪابر بنجامن فرئنڪلن چيو آهي ”جيڪا بهادري انصاف تي ٻڌل ناهي، اها ڪمزور آهي.“ مشهور جرمن ناول نويس هرمن هيس چيو آهي ته ”دليري ۽ اعليٰ ڪردار وارا ماڻهو ٻين ڪي خطرناڪ لڳندا آهن.“ آمريڪي صحافي ۽ ناول نويس هارڊنگ جو چوڻ آهي ته ”جي توکي خبر هجي ها ته تنهنجو دشمن ڪيڏو نه بزدل آهي ته تون جيڪر ڪيس چماٽ هڻي ڪڍين ها، بهادريءَ جو مطلب آهي دشمن جي ڪمزوريءَ کان واقف هجڻ.“ سترهين صدي جي مشهور فرينچ اديب لارو چيڪو عابد جو چوڻ آهي ته ”سچي بهادري اها آهي ته ماڻهو جيڪو ڪم ٻين سيني اڳيان ڪري سگهي، اهو اهڙي وقت ڪري، جنهن وقت ٻيو ڪوبه ڏسڻ ۽ داد ڏيڻ وارو نه هجي.“، ساڳئي فرانس ملڪ جي، ان کان به هڪ صدي اڳ جي دانا، مانٽين چيو آهي ته ”بهادري مضبوطيءَ جو نالو آهي. ٽنگن ۽ ٻانهن جي مضبوطيءَ جو نه پر همٿن ۽ روح جي مضبوطي جي.“ عظيم نپولين چيو آهي ”دليري محبت وانگر آهي. ان کي پالڻ ۽ نپائڻ لاءِ اميد جي خوراڪ جي ضرورت آهي.“ افلاطون چيو آهي ته ”دليري هڪڙي قسم جي نجات ۽ ڇوٽڪارو آهي.“ گذريل صديءَ جي آمريڪي شاعر، نقاد ۽ ڪهاڻيڪار، ايڊگر الن پو وري عجيب ڳالهه چئي آهي ”جيڪو ماڻهو ضرورت مهل بزدل نظر اچڻ کان ڊڄي ٿو يا اهڙو ضروري ڪم نٿو ڪري سگهي، جيڪو ظاهر ۾ بزدليءَ جو ڪم لڳي، سو سچو پچو بهادر ناهي.“ جرمن داناء نٽشي چيو آهي ته ”جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن مايوس ماڻهوءَ کي ڏسي ٿو، تڏهن هو دلير بنجيو وڃي.“، مشهور جرمن شاعر رينپيئر ماريا رلڪي هڪڙي خط ۾ لکيو آهي، ”اسان کان پس پيش فقط ان دليريءَ جي تقاضا آهي ته اسين ڪهڙي به عجيب غريب، ڪهڙي به اچرج جهڙي ۽ ڪهڙي به سمجهه ۾ نه ايندڙ صورتحال کي دليريءَ سان منهن ڏيون.“

آمريڪي اديب فرينس راڊ چيو آهي ”دليري سدائين نغارا وڄائي جلوس ڪڍي ڪانه هلندي آهي. ڏيکاءُ ۽ نمائش جنهن ڪپڙي جا ويس وڳا پائي هلندا آهن، دليري ان ڪپڙي مان نهيل نه هوندي آهي.“، ٻئي آمريڪي عظيم شاعر ڪارل سينڊ برگ چيو آهي ”دليري هڪڙو تحفو آهي. جن وٽ اها هوندي آهي، تن کي آزمائش جي گهڙيءَ تائين اها خاطري ڪانه هوندي آهي ته وٽن اهو تحفو آهي يا نه جن وٽ هڪڙي امتحان وقت اهو تحفو هوندو آهي تن کي ڪڏهن به اهو پتو

ڪونہ هوندو آهي تہ جڏهن ٻي آزمائش ايندي تڏهن بہ اها سوڪڙي وٺن هوندي يا نہ." اٽڪل ٻہ هزار ورهيہ اڳي، رومي اديب ۽ دانشور سينيڪا چيو هو تہ "جنهن زندگيءَ وٽ مرڻ جي جرئت ناهي، سا غلاميءَ جي برابر آهي." سنڌي سياڻا چئي ويا آهن، "ايمان مهمان آهي." "ڪڏهن من ماڪوڙي ڪڏهن ڪيهر شينهن." ساڳي ڳالهہ شيڪسپيئر هنن لفظن ۾ چئي آهي، "بهادري موقعي ۽ محل آهر لهي ۽ چڙهي ٿي." ٻي مثال برطانوي اديب ۽ دانشور جارج برنارڊشا جو چوڻ آهي تہ "اها دليري آهي جيڪا زندگيءَ جي خون کي ڪرمزي رنگ جي شان ۽ شوڪت جي بلندين تائين رسائي ٿي." تاريخدان ٿيوسي ڊائيٽسيس يونانيءَ چيو هو "اهي روح بلاشڪ سڀ کان بهادر روح ليکجڻ جوڳا ۽ احترام ڪرڻ جوڳا آهن، جيڪي زندگيءَ جي سورن ۽ راحتن ٻنهي بابت، صاف ۽ چٽي سمجهہ رکندي بہ، خطري کان منهن نٿا موڙين."

ساڳي ڳالهہ آمريڪي مزيدار ماڻهوءَ، جڳ مشهور اديب، مارڪ ٽوئن هن يگاني انداز ۾ بيان ڪئي آهي "دليري اها ناهي تہ ماڻهوءَ کي خوف هجي ئي نہ. اصل دليري آهي خوف سان مقابلو ڪرڻ ۽ خوف تي غلبو حاصل ڪرڻ. جيستائين ڪو ساهہ وارو ٿورو ٿورو بزدل ناهي تيستائين ان جي باري ۾ اهو چوڻ تہ هو بهادر آهي، اها ڪا سنڌس تعريف ڪانهي". مطلب ڳالهہ جو هي آهي تہ جيڪو ايترو نادان ۽ چِسو آهي، جنهن کي خطري جو احساس ئي ڪونهي، اهو جيڪڏهن خطري جي سامهون هليو وڃي تہ اها سنڌس شعوري بهادري نہ پر جاهلاڻي هوڙيائي آهي.

ڪرڙي ڪائي رت، پيت نہ وجهي وات ۾،
پڙ ۾ پهلوانن جي، ويني پرکي پت،
جنين نيڻ نست، نينهن نہ لائي تن سين. (خليفو نبي بخش)

# چٽيءَ ۾ ويندڙ نياڻيون، قبائلي نظام ۽ پريمي جوڙا

رجعت پرست قوتن ۽ جديد عالمي سرمائيدار سامراجين، سندن ديسي دوستن، سڄي دنيا جي عوام جي ازلي ويرين جي دنيا جي ٻئي عوام وانگر سنڌي عوام خلاف سازش زمانن کان جاري آهي. گذريل سٺ سالن ۾ اها ڪڏهن ٻه اڄ کان وڌيڪ ڦهري، وڌيڪ گهڻ طرفي، منظم ۽ تيز رفتار ڪانه رهي آهي. بيشمار سنڌ دشمن محاذ کوليا ويا آهن. وک وک تي واسينگ ويهاريا ويا آهن. قدم قدم تي ڪوڙڪيون وڇايل آهن. ڇهن دريائن مان پنج درياهه سڄا ڳڙڪايا ويا. ڇهين مان ٻه سنڌ جي پاڻي لپ ڪسي ونڌ ۽ سنڌ کي رڻ پٽ بنائڻ لاءِ پاڻيءَ جو غير قانوني، غير آئيني ۽ غير انساني ڏڪار ڦهلائي اڌ سنڌ خاص ڪري لاڙ طرف ويران ۽ پٽ‍ڙيانگ ڪري ڇڏي ويئي آهي. واهن ۽ ڍنڍن ۾ پنجاب جي ڪاڪوسن جو زهريلو پاڻي ملائي، وبائون ڦهلائي هزارين سنڌي هٿ وٺي ٻي موت ماريا پيا وڃن. موجوده حڪمراني ۽ پوليس دهشتگردن جي حوالي هجڻ جي دور ۾ ٻين سوين هزارين سازشن سان گڏ خونريزي ۽ مارا ماري هڪڙي عام هلي چلي ٻنجي ويئي آهي.

سنڌ جي عورت ذات لاءِ هي دور جڻ ڪاري قيام ٻنجي ويو آهي. اڪثر ڪنوارين جي مرضي بنا غير قانوني ۽ غير اسلامي ڪوڙن نڪاحن جي آڙ ۾ جنسي ۽ جسماني غلامي، زوري زنا، معصوم ٻارڙين سان درندگيءَ سان زبردستيون، ڇڄن جا اغوا، صحافين جا قتلام، لائسنس يافته قبائلي قاتلن هٿان سنڌ جي مظلوم نياڻين جا ڪوس، غريب قبائلين جا ڪلئي عام قتلام روزمره جو ڏنڌو بڻيل آهن.

## لاقانونيت جي ست سِسئي راڪاس جي آدم بوءِ! آدم بوءِ!

هٽرادو مڙهيل لاقانونيت جو آسمان سان سسي گسائيندڙ پوائتو راڪاس آدم بوءِ، آدم بوءِ ڪندو پالن جهڙن ڏندن سان خوفناڪ ٺهڪ ڏيندو، ڪشمور کان ڪراچي ۽ ڪيٽي بندر تائين سنڌ جي ماڻهن جون جانيون ۽ مال، گهر گهاٽ،

ڳوٺ ۽ وسنديون، عزتون، گذر جا وسيلا لتاڙيندو، چيپاٽيندو، تباهه ڪندو وتي. عورت ذات ۽ ٻارڙين لاءِ هي دور جنسي قيامت جو دور بنجي ويو آهي. سنڌ ۾ هتـرادو نموني ڦهلايل ڦهري ڦرلٽ ۽ خونريزي جي اصليت کي ٻن پوشن ۾ لڪايو ويو آهي. هڪڙو پوش آهي، ڌاڙيلن جي ڌاڙن جو، ٻيو آهي قبائلي جهيڙن جو. اصل حقيقت اها آهي تہ ڌاڙيلن کي بہ سرڪاري سرپرستي آهي ۽ قبائلي جهيڙا ۽ مارا ماريون ڪرائيندڙن کي بہ سرڪاري سرپرستي، ٻئي سنڌ دشمنن جو ڏسيل ڏنڌو پيا ڪن. ٻنهي ڌنڌن جو مقصد اهو آهي تہ سنڌي ماڻهن جو ساهه سدائين سوريءَ تي ٽنگيل رهي.

قبائلي نظام هڪڙو تمام پراڻو نظام آهي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ روءِ زمين تي ڇانيل هو ۽ هزارين سال گذرڻ باوجود اڄ بہ دنيا جي ڳچ پٺتي پيل علائقن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ قائم آهي. ان جي قائم رهڻ جو مکيہ سبب اهو آهي جو دنيا جي اڪثر ملڪن تي سرمائيداري سامراجين جو سڌو ۽ اڻ سڌو قبضو آهي، جيڪي دنيا جي ڪروڙين ماڻهن کي غلام ۽ ذري گهٽ غلام بنائي، سندن انساني ۽ قدرتي وسيلا ڦرين لٽين ٿا. هو نٿا چاهين تہ دنيا جي غلام ملڪن جا ماڻهو آزاد، باخبر، سمجهو، سجاڳ ۽ هوشيار ٿي پنهنجي ۽ پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي جان ۽ سندن انساني ۽ قدرتي وسيلا ۽ دولتون بچائڻ لاءِ ڪا جدوجهد ڪن. ان ڪري اها ڳالهہ سندن واسطي ضروري آهي تہ ماڻهو نسل پرستي، فرقي پرستي ۽ جاگيرداري نظامن جهڙن مدي خارج، وحشي ۽ انسان دشمن سماجي نظامن جي گهاڻن ۾ پيسجندا رهن. ماڻهن وانگر ڪنڌ مٿي ڪٽي نہ هلي سگهن ۽ ڌرتيءَ تي پنهنجي پتيءَ جا حق ۽ وسيلا حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجون خوشيون ۽ پنهنجون عزتون ماڻڻ جي سڌ ئي نہ ڪري سگهن. سدائين هڪٻئي جا ٻوٽ پٽيندا رهن. خون جي پياسي لالچي ٽولي جي اڳيان ليلڙات ڪندا، سندن جتين تي پيل رهن. پنهنجن پوين لاءِ رت جي پلاندن جو پوائتو ورثو ڇڏي، جهنگلي جانورن واري زندگي پوري ڪري قبرن پيٽڙا ٿي وڃن.

## خبردار جي هن بلا کي هٿ لاتو اٿوَ!

بي رحم ۽ سفاڪ عوام دشمن، غريب دشمن جرڳائي نظام جو بنياد مکيہ طور ٻن ظالماڻين ڳالهين تي بيٺل آهي. پهرين ڳالهہ آهي اها تہ ڪنهن قتل جي بدلي اصلي خوني بدران ان خونيءَ جي قبيلي جي ٻئي ڪنهن بہ ماڻهو کي قتل

ڪري ڇڏيو وڃي، ان جي عيوض ٻڌي ليڪي قبيلن کان پئسن ۽ نياڻين جا ڏنڊ ۽ عيوض ڀرائي وٺو. اهو ساڳيو قانون اسلام کان اڳ بہ رائج هو. پنهنجي زندگيءَ جي آخري حج يعني الوداعي حج جي موقعي تي حضور صلعم جن اهو وحشي ۽ ظالماڻو دستور رد ڪري ڇڏيو. پاڻ فرمايائون تہ، ”اسلام کان اڳ قتل ٿيل ڪنهن ماڻهو جي قتل بابت (بدلو وٺڻ جا) جيڪي بہ (قبائلي قانون موجب) حق (ان جي وارثن کي) حاصل هئا، سي هن کان پوءِ ختم ڪيا وڃن ٿا. آئون اهڙو پهريون (بدلي وٺڻ جو) حق ختم ٿو ڪريان جيڪو (منهنجي چاچي جي پٽ) ربيعہ ابن حارث ابن عبدالمطلب جي خون جي بدلي وٺڻ بابت آهي.“

هنن قبائلي نظامن جو پهريون پيڙهہ جو پٿر اهو رهندو آيو آهي تہ ان ۾ عورت ذات ڀلي ماءُ هجي، ڀيڻ هجي، ڌيءُ هجي يا پنهنجي لڄ هجي، قبائلي وهنوار ۾ اها پنهنجي مردن پيءُ، پائرن ۽ پٽن جي عملي طرح وهنوار ۾ قانوني غلام آهي. جيڪا هو جنهن کي چاهين تنهن سان سندس رضامندي بنا پرڻائي مڙس جي غلام بنائي حوالي ڪري ڇڏين. هنن سمجهيو پئي تہ انهن جي خودداري ڪونهي، عزت نفس ڪونهي، آزادي ڪونهي، ذاتي ۽ انفرادي سماجي حيثيت ڪونهي، انهن کي خريد ڪري سگهجي ٿو، وڪڻي سگهجي ٿو، عيوض ۾ ڏئي سگهجي ٿو، جنهن کي جانورن وانگر وهائي وهائي، سندن ساهہ نپوڙي سگهجي ٿو. جنهن کي جڏهن وڻي کهڙي بہ خسيس کان خسيس بهاني سان کهاڙين سان ٻيرا ٻيرا ڪري زمين ۾ ڊڪي سگهجي ٿو، جنهن جي عملي طرح ڪابہ جزا سزا ڪانہ هوندي.

## ”شريف مرد ۽ رذيل مرد“ مولانا رومي ڇا ٻڌائي ويو آهي؟

بقول مولانا رومي جي تہ، ”حضور جن فرمائيندا هئا تہ شريف ماڻهو جي سڃاڻپ اها آهي تہ هو ٻارن ۽ عورتن جو لحاظ ڪندو ۽ سندن آر ڪٽندو. رذيل ماڻهو ٻارن ۽ عورتن مٿان دابو رکندو ۽ ڪين ڊپ ۽ دهشت ۾ رکندو.“ عيسائي، هندو ۽ ٻين ڪيترن سماجن ۾ عورت کي تہ نهيو پر مرد کي بہ طلاق جو حق ڪونهي. اتي شادي کي هڪ آسماني ڳالهہ سمجهيو ويندو هو ۽ مرد جڻ تہ هڪ ديوتا ڪري ليکيو ويندو هو ۽ ڳهٽين حالتن ۾ اڄ تائين بہ ائين آهي. دنيا جا ڪيترا وڏا ماڻهو جيڪي مسلمان نہ هئا، تن حضرت محمد صلعم جن سان مذهبي حوالي سان ڪابہ وابستگي نہ هوندي بہ سندن بي پناهہ تعريف ڪئي آهي. ان ڳالهہ

جا ٻيا گهڻا ڪارڻ آهن ۽ هڪڙو ڪارڻ اهو بہ آهي تہ محمد صلعم جن جي دين ۾ عورت جي حيثيت ٻين سماجن جي ڀيٽ ۾ ڪافي مٿيري ۽ بهتر آهي. اسلام جي اچڻ کان اڳ ۾ عربن ۾ شادي ۽ نڪاح جون قبائلي وحشي رسمون ۽ رواج هلندا هئا. نياڻيون ڏينديون هيون تہ انهن کي زنده پوري ڇڏيندا هئا. صحيح بخاري ۾ ام المومنين حضرت عائشہ صديقہؓ جي روايت سان آهي تہ (ڏسو بخاري شريف، اردو جلد ٽيون. مترجم اختر شاه جهانپوري، ڇاپو ٽهريون، ڪتاب النڪاح ص: 72 ـ 73) اسلام کان اڳ عربستان جي قبائلي قانون موجب شادين جا ڪيئي قسم جائز ليکيا ويندا هئا، جن ۾ گهڻن مردن جي ٽولن جي هڪڙي عورت سان شادي بہ شامل هئي، مثلن:

(1) ڪنهن مرد کي ٻار نہ ٿيندو هو تہ پنهنجي زال کي ٻئي ڪنهن ڏانهن موڪلي ڇڏيندو هو، جڏهن ان کي ان ٻئي ماڻهو منجهان حمل ٿيندو هو. تڏهن ان کي واپس گهرائيندو هو ۽ ٻار ڄمڻ ڪانپوءِ ان کي پنهنجو ڪندو هو، زال سان اڳوڻا تعلقات جاري رکندو هو.

(2) ڏهن کان گهٽ ماڻهو ٽولو ناهي ڪنهن عورت سان همبستري ڪندا رهندا هئا، ٻار ڄمڻ تي اها سڀني کي گهرائي، جنهن جو ٻار هوندو، تنهن کي چوندي هئي تہ هيءُ تنهنجو آهي، ان تي پنهنجو نالو رک، پوءِ اهو انڪار نہ ڪري سگهندو هو.

(3) يا وري هڪڙي عورت وٽ عام جام ماڻهو پيا ايندا هئا ۽ جڏهن ڪيس ڪو ٻار ڄمندو هو تہ انهن ماڻهن کي گهرائي انهن جي شڪل ۽ ٻار جي شڪل قيافہ شناس کان سڄاڻائي، ان کان اعلان ڪرايو ويندو هو تہ هي فلاڻي جو ٻار آهي ۽ قبائلي قانون موجب اهو ٻار ان ماڻهو جو جائز اولاد ليکجي ويندو هو ۽ ڪو انڪار نہ ڪري سگهندو هو. هڪڙي قتل جي بدلي اصل خوني جي بدران خوني قبيلي جي ڪنهن بہ ٻئي ماڻهو کي قتل ڪرڻ جو رواج هو، حضور صلعم جن انهن سڀني وحشي قبائلي قانونن کي رد ۽ باطل ڪري ڇڏيو. معصوم نياڻين کي قتل ڪرڻ، گهوٽ ڪنوار جي ناراضپي واريون زبردستيءَ جون شاديون، قبائلي انتقام ختم ڪري ڇڏيا.

## محمدي دين موجب ڪهڙي شادي واقعي شادي آهي؟

ٻين ڪيترن مذهبي قانونن جي ابتڙ محمد صلعم جن جي دين ۾ شادي ڪا مقدس مذهبي رسم ناهي، پر هڪڙو دنياوي خوشين جو سودو آهي. قانون

آسماني هجي، يا زميني، ان ۾ قسمين قسمين تشريحن، تاويلن جي شديد اختلافن جي گنجائش ٿئي ٿي، جيڪي مذهبن جي حالت ۾ مختلف فرقن کي جنم ڏين ٿا. مسلمان جي شادي جي قانونن ۾ ڪيئي تشريحون ۽ تاويلون آهن، پر تلهي ليڪي اڄ تائين جيڪا ان قانون جي ارتقا ٿي چڪي آهي ۽ جيڪا پاڪستان ۾ گهٽي پاڳي قانوني طور رائج آهي. سا تلهي ليڪي ڪجهه هن طرح جي آهي. دين محمد صلعم موجب (1) جنهن بہ شادي ۾ ڪابہ ڌر (يعني گهوٽ يا ڪنوار) دلي طرح راضي ناهي، اها شادي زبردستيءَ واري ۽ ناجائز آهي. اهڙي ناراضپي واري ناجائز شاديءَ جي حالت ۾ ڪٽي نڪاح پڙهايا وجن، سوين ساڻ سوڻ ڪيا وجن ۽ لک لٽائي پٽ پوت ڪجن تہ بہ انهن ٻنهي مرد ۽ عورت جو هڪ ٻئي سان همبستري ڪرڻ زنا جو فعل ليکيو ويندو ۽ ان مان پيدا ٿيل اولاد جائز اولاد نہ ليکبو. (2) ڪو مسلمان بالغ ڇوڪرو يا مرد ڪنهن مسلمان بالغ ڇوڪري يا عورت کي صلاح هڻي تہ تون مون سان شادي ڪر ۽ جي هو ٻن شاهدن جي روبرو بروقت اها تجويز قبول ڪري چوي تہ مون توسان شادي ڪرڻ قبول ڪيو تہ پوءِ اهو نڪاح ازخود مڪمل ٿي ويو. پاڪستاني قانون مطابق ان نڪاح کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ٻي ڪنهن بہ ڳالهہ جي شرعي ضرورت ڪانهي. (3) ساڳئي طرح ٻن شاهدن جي روبرو ڪا مسلمان بالغ ڪنواري، بيواهہ يا طلاق يافتہ ڇوڪري يا عورت ڪنهن بہ بالغ مرد کي چوي تہ مون سان شادي ڪر ۽ جي هو اها ڳالهہ قبول ڪري ۽ چوي تہ مون توسان شادي ڪئي ۽ ڇوڪري يا عورت چوي تہ مون شادي قبول ڪئي تہ پوءِ شريعت محمدي موجب اهو نڪاح مڪمل طور ٿي ويو. (4) جيڪڏهن ڪنهن نابالغ ڇوڪريءَ جي ولي وارث سندس صغيرپڻ ۾ سندس نڪاح ڪنهن شخص سان ڪري ڇڏيو تہ پوءِ بالغ ٿيڻ تي شادي ڪان اڳ هوءَ اهو نڪاح رد ڪري سگهي ٿي. ان اختيار کي خيار البلوغ چئجي ٿو. (5) جيڪڏهن ڪو مرد زال کي پورو خرچ نٿو ڏئي، ساڻس زال مڙس وارا فرض نٿو پاري، سندس بي عزتي ڪري ٿو، مٿس ڪوڙي الزام تراشي ڪري ٿو، مٿس ذهني يا جسماني ظلم ڪري ٿو تہ عورت کي حق آهي تہ هوءَ عدالت ذريعي ان شاديءَ کي رد ڪرائي ڇڏي. (6) جيڪڏهن ڪنهن زال کي سندس مڙس صفا نٿو وڻي ۽ هوءَ ڪورٽ کي ٻڌائي تہ آئون هن مڙس کي صفا پسند نٿي ڪريان ۽ جي آئون هن وٽ رهيس تہ خدا ۽ رسول جي مقرر ڪيل حدن اندر رهي نہ سگهنديس ۽ آئون

مڙس جا ڏنل حق ۽ ٻيا زيور وغيره ڪيس موٽائي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان تہ عدالت سندس ان مڙس سان نڪاح ختم ڪري ڇڏيندي. ان کي خلع چيو وڃي ٿو.

## مهذب قانونن جي انحرافي جو دستور

قبائلي جرڳائي دستور ملڪي، اسلامي، بين الاقوامي ۽ انساني حقن جي قانونن کان انحرافي ۽ بغاوت جو دستور آهي. پاڪستان جي آئين ۽ ملڪي توڙي بين الاقوامي قانون موجب عورت بہ مرد جهڙي ڄائي ڄم کان پنهنجي ملڪ جي هڪڙي آزاد شهري آهي ۽ کيس حق آهي تہ ملڪ جو قانون سندس حفاظت ڪري ۽ ساڻس فقط اهڙو ورتاءُ ڪيو وڃي، جيڪو ملڪي قانون مطابق هجي ۽ کيس اهڙي ڪنهن بہ ڪم يا ڳالهہ ڪرڻ تي مجبور نہ ڪيو وڃي، جيڪو ڪرڻ لاءِ هو قانون ۽ آئين مطابق ٻڌل نہ هجي. آئين جي آرٽيڪل 4 (1) تحت پاڪستان جي هر شهريءَ کي اهو حق آهي تہ هو قانون جي حفاظت ماڻي سگهي ۽ ساڻس قانون مطابق هلت ڪئي وڃي. (2) خاص ڪري (الف) جيڪو عمل ڪنهن بہ (مرد يا عورت) شهريءَ جي زندگيءَ، آزادي، بدن، شهرت ۽ ملڪيت کي نقصان پهچائي، سو فقط تڏهن ڪنيو وڃي، جڏهن اهو قانون مطابق هجي. (س) ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ڪنهن بہ اهڙي ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور نہ ڪيو ويندو، جنهن ڪم لاءِ قانون ڪانئس تقاضا نٿو ڪري.

پر غير اسلامي، غير انساني جرڳائي رسم ۽ رواج جو ست سسيو راڪاس عورت کي ڄائي ڄم کان هڪ ذاتي ملڪيت ۽ خريد ۽ وڪري جي شئي ليکي ٿو، پهرين ماءُ پيءُ ۽ ويجهن عزيزن جي جيڪي کيس رڍ يا ٻڪرين وانگر سندس مرضيءَ جي بلڪل خلاف زبردستي جنهن کي وٽي تنهن کي پئسن تي يا بدي ۾ يا عيوض طور يا ڏنڊ طور هڪڙي جعلي قسم جي شادي، جيڪا سمورن قانونن جي نظر ۾ ڪابہ قانوني حيثيت نٿي رکي، تنهن جي آڙ ۾ ڪنهن جي بہ غلامي ۾ ڏئي سگهن ٿا.

## پرڻيل زال مڙس جي ملڪيت يا ٻانهي هرگز ناهي

ملڪي ۽ بين الاقوامي قانون موجب زال مڙس جي ملڪيت ناهي، هو ساڻس ڪنهن بہ قسم جي زبردستي ڪري نٿو سگهي، حالانڪہ جيڪڏهن مڙس

پنهنجي زال سان زبردستيءَ هم بستري ڪري ته اهو به ملڪي ۽ بين الاقوامي قانون خلاف ڏوهه آهي. جرڳائي دستور عورت کي عملي طرح مڙس جي غلام ۽ ذاتي ملڪيت قرار ڏئي ٿو، جنهن کي عملي طرح پنهنجي زندگي بچائڻ جو ڪوبه حق ڪونهي. مڙس کي جڏهن ڪپي، تڏهن ڪهڙو به بهانو ڪري ڪيس قتل ڪري سگهي ٿو. جرڳائي قانون ان ڏوهه کي ڪوبه ڏوهه نٿو مڃي.

سڄي مهذب دنيا جي قانونن موجب قتل جو باقاعدي عدالتن ۾ مقدمو هلڻو آهي ۽ فقط غير جانبدار عدالت قانون مطابق اهو فيصلو ڪري سگهي ٿي ته جوابدار قتل ڪيو آهي يا نه؟ جيڪڏهن ها ته سزا ان کي ملندي جنهن تي قتل ثابت ٿيو آهي. پر جرڳائي دستور ۽ قانون موجب اصل قاتل کي ڇڏي، ان جي بدران ڪنهن ٻئي کي به ماري سگهجي ٿو. نتيجي طور قاتلن کي ڪابه جوڳي سزا ڪانه ملندي. قانون ۾ قتل جي سزا موت بدران سڄي راڄ کان چندو وصول ڪري ٿو ۽ معصوم نياڻين کي زبردستي غلام بنائي اول جرڳاين جي پوءِ دشمنن جي حوالي ڪري ڪين جيئري جهنم ۾ وجهي قاتلن کي ڇيڪ ڇڏي ڏئي ٿو ته پلي سڄي عمر ماڻهو ماريندا رهن.

نياڻيون جرڳي وارن جي قيد ۾ ڏنيون وڃن ٿيون ۽ ساڻن انسانيت سوز سلوڪ ڪيو وڃي ٿو. اهو جرڳائي رواج ۽ دستور اسلامي، پاڪستاني ۽ بين الاقوامي قانونن جي توهين ۽ انهن جي نافرماني ۽ انهن خلاف کلي کلائي بغاوت آهي. اهو عالمي برادريءَ طرفان سال 1926ع ۾ منظور ڪيل غلامي ڪنوينشن ۾ طئي ڪيل آهي ته جڏهن ڪنهن شخص تي مالڪيءَ جا حق استعمال ڪيا وڃن ته پوءِ اهو شخص غلام آهي. اهو رواج ۽ دستور پاڪستاني آئين جي ٻين آرٽيڪلن سان گڏ آرٽيڪل 4 ۽ 11 جي نافرماني ۽ ان کان بغاوت ڪري ٿو. آئين جو آرٽيڪل 11 چوي ٿو ته (پاڪستان ۾) غلاميءَ جي منع آهي ۽ ڪوبه قانون غلاميءَ کي ڪنهن به شڪل ۽ صورت ۾ پاڪستان ۾ رائج ڪرڻ جي اجازت يا سهوليت نه ڏيندو.

مٿي ذڪر ڪيل غلامي ڪنوينشن جي آرٽيڪل ٻئي جي تشريح مطابق جرڳائي سسٽم ۾ جنهن ڳالهه کي شادي سڏجي ٿو، اها بين الاقوامي قانون جي نظر ۾ غلامن جي سوديبازي ۽ خريد و فروخت آهي، جو ته جرڳائي شادي ۾ عورت جي راضي يا ناراض هجڻ جي ڪا معنىٰ ڪانهي ۽ جيڪا مالڪن جي مرضي هجي ٿي، اها ئي هلي ٿي. انساني حقن جو عالمي پڌرنامو جيڪو اقوام

متحده جي جنرل اسيمبليءَ جي نهراءَ نمبر 217 وسيلي 10 ڊسمبر 1948ع تي منظور ۽ پڌرو ڪيو ويو، ان پڌرنامي جو آرٽيڪل 16 (1) چوي ٿو تہ هر نسل، هر قوميت ۽ هر مذهب جي بالغ مردن ۽ عورتن کي شادي ڪرڻ ۽ خاندان جو بنياد رکڻ جو حق آهي. مردن توڙي عورتن کي شادي مهل، شاديءَ دوران ۽ شادي جي خاتمي وقت هڪجهڙا حق رکڻ جو حق حاصل آهي. (2) شادي فقط تڏهن ٿي سگهندي، جڏهن شاديءَ جو ارادو رکندڙ گهوٽ توڙي ڪنوار ٻئي ان لاءِ پوري آزادي سان مڪمل طرح رضامندي ظاهر ڪن. ("انساني حقن بابت بين الاقوامي دستاويز" صفحو نمبر 37 ستيش چندرا، متل پبليڪيشن نئين دهلي)

## جرڳائي قانون پاڪستاني عدالتي نظام ۽ آئين جو تختو اونڌو پيو ڪري

جرڳائي قانون اسلامي شريعت طرفان عورتن کي ڏنل حقن ۽ آزادين جي قطعي خلاف آهي ۽ ان خلاف بغاوت آهي. ساڳئي طرح اهو پاڪستان جي عدالتي نظام جي پرسان هڪڙو ٻيو ظالماڻو نام نهاد عدالتي نظام کڙو ڪري ٿو. اهڙيءَ ريت پاڪستان جي عدالتي نظام ۽ آئين جي آرٽيڪلن 175، 202 ۽ 203 جي خلاف ورزي ڪن ٿا. ائين ڪرڻ سان آرٽيڪل 6 جي معنيٰ جي دائري ۾ پاڪستان جي آئين کي نقصان پهچائي ٿو. ان کي ڪمزور ڪري ٿو. ان کي اونڌو (Overturns) ڪري ان جا ترا ڪڍي ٿو.

پاڪستان جي آئين جو آرٽيڪل 6 چوي ٿو تہ، (1) جيڪو بہ ماڻهو (پاڪستان جي) آئين کي طاقت جي استعمال يا نمائش ذريعي يا ٻين غير آئيني طريقن سان منسوخ ڪندو يا ان کي منسوخ ڪرڻ جي ڪوشش يا سازش ڪندو، سو مملڪت خلاف چوٽيءَ جي غداريءَ جي ڏوھ جو ڏوهاري ٿيندو. (2) جيڪو ماڻهو مٿين ڏوهن ڪرڻ ۾ ڏوهارين جي واهر ڪندو، سو بہ ان ڏوھ ۾ ڏوهاري ٿيندو. 1973ع جي اصل آئين ۾ انهن ڏوهن جي سزا موت آهي.

## قانوني مخلوق اڃا خاموش آهي!

مدي خارج عوام دشمن، سنڌ دشمن، قبائلي جرڳائي نظام مان سنڌي عوام جي جان ڇڏائڻ بابت مڪاري ۽ منافقي واري سرڪاري توڙي نام نهاد مخالف

پارٽيءَ جي بيان بازي تہ ڪڏهن ڪڏهن ٿيندي رهندي آهي ۽ اين جي اوز واريون خواتين بہ ان بابت ناياب ۽ اڻ لڀ آگاهي بہ ڏينديون رهن ٿيون ۽ ان عظيم خدمت عيوض ملڪي، غير ملڪي سير بہ ڪنديون رهن ٿيون، پر حقيقي ڪوشش اڃا ڪانہ پئي ٿئي. خاص ڪري اسان واري قانوني مخلوق خاموش آهي. جيڪڏهن اها اٿي پئي تہ هن قومي وبا ۽ ڪينسر مان سنڌ جي جان ڇڏائي سگهجي ٿي.

زور زبردستيءَ واريون ڇوڪرين جا ڪنڌ زوري جهڪائي ڪرايل شاديون ڇا دنيا جي ڪنهن بہ مهذب سماج جي قانون موجب جائز آهن، انهن جوڙن جي همبستري جائز آهي، انهن جو اولاد جائز آهي؟ نتا وسهو تہ علماءِ حق کان پڇون، اعلىٰ عدالتن جي ججن کان پڇون، پنهنجن ضميرن کان پڇون تہ ڇا سنڌ ۾ زبردستيءَ واري شادي صحيح شادي آهي يا زبردستيءَ واري زنا جو ڪاروبار؟

## ”مون گناهہ ڪيو آهي!“

سر چارلس نيپئر سنڌ تي قبضو ڪري ان جو لنڊن سرڪار کي اطلاع هن لاطيني اکر ۾ ڏنو ”Peccavi“ جنهن جي انگريزي جملي جون بہ معنائون ٿي نڪتيون. ”مون سنڌ تي قبضو ڪيو آهي“ ۽ ”مون گناهہ ڪيو آهي.“ هن سنڌ خلاف ڪئين گناهہ ڪيا پر ڪجهہ اهڙا خير جا ڪم بہ ڪيا، جيڪي بين انگريز حاڪمن نہ ڪيا.

## ”اسان جي مذهبي ڪم ۾ دست اندازي نہ ڪر!“

هن جي دل ۾ عوام لاءِ احساس جي هڪڙي مضبوط لڇ هئي ۽ وس پڄندي هو مسڪينان مار ماڻهن کي سبق سيکارڻ کان نہ مڙندو هو. ڪيس اطلاع مليو تہ هندو پائي پنهنجي هڪڙي مائيءَ کي ستي ڪري باهہ ۾ ساڙي مارڻ ويا آهن. شهنشاهہ اڪبر وانگر هڪدم سرزمين ڏانهن رخ ڪيائين. ڏسي تہ همراهہ برابر ڪم کي لڳا پيا آهن. مائيويني آهي. مچ لاءِ ڪاٺ پيا گڏ ڪن. انهن کي چيائين تہ، ”هي ڇا ٿا ڪريو؟ ماڻهو آهيو ڇا آهيو؟ جيئري نياڻي کي باهہ ۾ ٿا ساڙيو!“ پر هنن سندس هڪ بہ نہ ٻڌي. چئي ”مهاراڻي وڪٽوريا تازو اعلان ڪيو آهي تہ هندستان جي ماڻهن جي مذهبي ڪمن ۾ منهنجي سرڪار دست اندازي نہ ڪندي. سو هي اسان جو پاڪ مذهبي فرض آهي. اهو پيا ادا ڪريون ۽ نينگريءَ

ڪي سرڳ ڏانهن پيا اماڻيون.“ نيپئر چيو ”معاف ڪجو مون توهان جي ڪم ۾ ناحق خلل وڌو.“ ائين چئي ڪين چڏي وجي پنهنجي ماڻهن کي هدايتون ڏيڻ لڳو. ٿوري دير ڪانپوءِ جڏهن چتا تيار ٿي ويئي ۽ همراهه چوڪريءَ کي باهه ۾ اڇلائڻ وارا هئا، تڏهن منجهانئن ڪنهن رڙ ڪري چيو ته، ”هوڏانهن ته ڏسو چا پيو ٿئي!“ ڏسن ڪٿي ته پاسي وارن وڻن مان نوڙ مان نهيل ڦندا پيا لٽڪن! نيپئر کان پڇيائون، ”لاٽ صاحب هي چا آهن؟“ چيائين ”ڦاسي ڏيڻ جا ڦندا آهن بيو چا آهن؟“ همراهن جا هٿ پير ٺري ويا. پڇيائون، ”اهي ڪنهن لاءِ آهن؟“ چيائين ”اوهان سيني لاءِ بيو ڪنهن لاءِ!“ ڏڪندي پڇيائون ”چو؟“ چيائين ”اوهان جي مذهب ۾ مائين کي ساڙڻ مذهبي فرض آهي. اهو فرض اوهين ادا ڪري وٺو ته اسين پنهنجو مذهبي فرض ادا ڪريون.“ پڇيائون ”اوهان جو مذهبي فرض ڪهڙو آهي؟“ چيائين ”اسان جي مذهب ۾ آهي ته جيڪو ڪنهن جيئري انسان کي ماري ۽ ساڙي، ان کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو، سو اوهين واندا ٿي وٺو ته اسين پنهنجو ڪم شروع ڪريون.“ همراهه اک ڇنڀ ۾ مائي وٺي گولي ٿي ويا!

## ” آئون پنهنجي شئي کي ڦاهي ٿو ڏيان“

هڪڙي مسلمان همراهه پنهنجي زال کي قتل ڪيو ته ان کي گهرائي حڪم ڏنائين ته، ”هن کي ٻن ڪلاڪن اندر وڻ سان ٽنگي ڦاهي ڏيو!“ ڳوٺ خبر پهتي ته قاتل جو سهرو ڊوڙندو آيو. چئي ”بادشاهه! هي ڪهڙو قهر!“ نيپئر پڇيو ”چو؟ تنهنجي ڌيءُ کي جو قتل ڪيو اٿس!“ غيرتمند پيءُ چيو ”سرڪار! مون ڌيءُ هن جي حوالي ڪري ڇڏي. پوءِ منهنجو ڌيءُ سان ڪهڙو واسطو، اها هن جي ملڪيت ٿي ويئي، پنهنجي شئي هيس وڻيس ماريس، وڻيس ته نه ماريس. اوهان کي اسان جي قبائلي قانون ۾ اهڙي دست اندازي نٿي جڳائي.“ نيپئر چيس ”تنهنجو ۽ تنهنجي نانيءَ جو هاڻ مالڪ ڪير آهي؟“ هن چيو ته، ”سرڪار توهان!“ نيپئر چيو ته، ”پوءِ آئون پنهنجي ملڪيت يعني توهان جي نانيءَ کي ڦاهي ٿو ڏيان. ان ۾ توهان جو چا؟“ ائين چئي اشارو ڪيائين ۽ همراهه جو ڪم لهي ويو!

## ”سنڌي مايون خودڪشيون پيون ڪن“

ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ اطلاع پهتس ته ڳوٺن ۾ مايون پاڻ کي ڦاها ڏئي خودڪشيون پيون ڪن. ڳالهه سمجهي ويو ته زالون قتل ڪري هي ڊرامو رچايو

اٿن. سو چيائين ”پرديدار مائين جو اڪيلو هجڻ ٺيڪ ناهي. جنهن بہ ڳوٺ ۾ مايون خودڪشي ڪن ان جي ڳوٺ جي چڱي مڙس کي ڦاهيءَ تي چاڙهي انهن سان گڏ روانو ڪريو تہ ٻي دنيا ۾ سندن نظرداري ڪندو رهي.“

هن بي رحم ۽ سفاڪ دور ۾ ان خوني ڪاروبار کي ختم ڪرڻ لاءِ جنرل نيپئر جهڙا برجستا حاڪم موجود ناهن تہ پرواهہ ناهي. سنڌ ۽ ملڪ جا اهل دل ۽ باضمير ماڻهو ۽ ادارا جيڪڏهن سمجهہ، محنت، همت، مڙسيءَ کان ڪم وٺن تہ ان ظلم کي گهڻي حد تائين ڪنٽرول ۾ آڻي سگهجي ٿو.

## سنڌ کي جرڳائي جهنم مان ٻاهر ڪڍيو!

سنڌ کي جرڳائي جهنم مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ قوم دوست ۽ انسانيت دوست ماڻهو ۽ ادارا (بار ايسوسيئيشنون، پريس ڪلب ۽ اين جي اوز وغيره) هيٺين قانوني ۽ ٻين نقطن کي ياد رکن:

1 ـ جن فوجداري ڏوهن بابت ڪوبہ فرياد داخل نہ ٿيو هجي ۽ ڪابہ عدالتي ڪاروائي نہ ٿي هجي، سو ڪنهن بہ وقت داخل ڪري سگهجي ٿو. بشرطيڪ ڏوهاري مري نہ ويو هجي.

2 ـ ڪاروڪاريءَ جهڙن فوجداري ڪيسن لاءِ ڪنهن عزيز يا مائٽ جو فريادي هجڻ ضروري ناهي. ڪوبہ اوپري کان اوپرو ماڻهو جنهن کي ڏوهہ بابت ڪا ٿوري گهڻي خبر هجي فريادي ٿي سگهي ٿو/ ٿي.

3 ـ سمورن ڏوهن جي ثابت ڪرڻ لاءِ اکين ڏٺي يا ٻي سڌي شاهدي لازمي ناهي. اهڙا ڪيس اڻ سڌي شاهدي (Circumstantial) ذريعي ثابت ڪري سگهجن ٿا. ان بابت تمام گهڻو قانون اڻ سڌي شاهدي (Circumstantial) جي عنوان سان موجود آهي.

4 ـ پاڪستان ۽ ٻين مهذب ملڪن ۾ عوامي مفادن خاطر مقدمي بازي (Public Interest Litigation) جو دستور رائج آهي. هن قسم جا ڪيس عوامي مفادن واري مقدمي بازيءَ جو موضوع ٿي سگهن ٿا.

5 ـ ويجهي سانير ۾ جيڪي بہ نياڻيون ڪاريون ڪري ڪنيون ويون آهن. انهن جا قاتل جيڪڏهن زندهہ آهن تہ انهن تي اڄ يا اڳتي ڪڏهن بہ قتل جا مقدما داخل ڪري قانوني فيصلا وٺي سگهجن ٿا.

6 ـ قانون ۾ ترميم جي ضرورت آهي ۽ زالن جي قتل جا ڪيس رضانامي جوڳا هرگز نہ هجڻ گهرجن.

# ڪاروڪاري قتل خلاف اسپيشل ڪورٽون قائم ڪريو!

7 ـ هن وقت دستوري عدالتن سان گڏ ڪيتريون ئي خصوصي عدالتون ڪم ڪري رهيون آهن. زالون قتل ڪرڻ جو ڪڏو ڪم سنگين کان سنگين رهزني ۽ دهشتگرديءَ وارو ڪم آهي. ان ڏوهہ جا ڪيس هلائڻ لاءِ خاص عدالتون مقرر ڪجن، جن جا جج مرد توڙي عورتون سينيئر جج ٿِئي هجن. اهڙين اسپيشل ڪورٽن جو پروسيجر بہ حالتن مطابق خاص قسم جو هجي. جنهن ۾ ڪوبہ بي گناهہ سزا نہ کائي ۽ ڪو ڏوهاري بچي نہ سگهي.

8 ـ جرڳائي قاتل ڪتڪن کي قانون مطابق منهن ڏيڻ لاءِ ٻين سچاڻ ڏرين ۽ شخصيتن سان گڏ (1) ضلعي بار ايسوسيئيشن ۽ سنڌ بار ڪائونسل (2) رٽائرڊ هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ جي ججن (3) پريس ڪلبن (4) اين جي اوز (5) پاڪستان هيومن رائيٽس ڪميشن (6) عورت اسيمبلي ميمبرن (7) سنڌياڻي تحريڪ وغيره جي نمائندن تي مشتمل هڪڙي Watch-Dog قسم جي ايڪشن ڪميٽي قائم ٿيڻ کپي، جيڪا هن سلسلي ۾ ٿيل ڏوهن، ڏوهارين ۽ مقتولن بابت حقيقتون گڏ ڪري گهربل ڪاروائين جو بندوبست ڪري.

ان ڪميٽيءَ جو عالمي سطح جي سنڌ دوست ۽ انسانيت دوست هم خيال تنظيمن جهڙوڪ (1) سانا Sindhi Association of North America (2) ورلڊ سنڌي ڪانگريس (3) ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ (4) ايمنسٽي انٽرنيشنل (5) جميعت اقوام جي انساني حقن جي ڪميشن سان ويجهو لاڳاپو ۽ سهڪار هجڻ گهرجي ۽ انهن کي انٽرنيٽ تي سنڌ جي عوام خاص ڪري عورتن سان متئين جرڳائي رهزني ۽ دهشتگرديءَ ۽ ان جي ملزمن ۽ شڪار ٿيلن جو مڪمل احوال وقت بوقت ڏيندو رهڻ گهرجي.

# ڪمزور جمهوريت جون پاڙون

پاڪستان ۾ جمهوريت جي پاڙن جي تمام گهڻي ڪمزوري جي گهڻن سببن جو تعلق اسان جي ماضيءَ سان آهي، مسلمان حڪمران صدين تائين جاگيرداراڻي معيشت جي بنياد تي دنيا جي وڏن وڏن علائقن تي حڪومت ڪري چڪا آهن ۽ گهڻن ئي علائقن ۾ هاڻي تائين ايئن ٿيندو رهيو آهي، اهڙن علائقن جي راج الوقت معيشت، سياست ۽ ثقافت گهڻي حد تائين جاگيرداراڻي آهي ۽ اسان جي سماج ۾ عملا گهڻو زور جمهوريت ۽ مساوات جي قدرن تي نہ پر قبائلي، جاگيرداراڻا ۽ سلطنت شاهي جي طاقت ۽ برتري جي قدرن تي ڏنو وڃي ٿو. هيءَ ڳالهہ جمهوري جدوجهد جي سلسلي ۾ اسان جي روين ۽ ڪمن ڪي ناڪاري نموني متاثر ڪري رهي آهي. انگريزي دور ۾ انگريز حڪمرانن جي شعوري حڪمت عملي ۽ پاليسين اسان جي جمهوري جدوجهد تي منفي اثر وڌا.

هندستان تي باقاعدي انگريز عملداري 1757ع جي جنگ پلاسي ڪانپوءِ شروع ٿي ۽ ان سان گڏوگڏ قديم جاگيرداراڻي نظام جي شڪست ۽ ٽوڙ ڦوڙ ۽ سياسي، اقتصادي، ثقافتي ۽ قانوني ميدان ۾ نو آبادياتي ماڊل جي سرمائيداراڻي جمهوري اثرن ۽ جديد تعليم جو زور وڌڻ لڳو، جنهن جي ڪري بنگال، مدراس ۽ بمبئي نو آبادياتي سرمائيداراڻن جمهوري قدرن جي لحاظ کان گهڻو اڳتي نڪري ويا. ان جي ابتڙ موجوده پاڪستان جا علائقا نوي سالن ڪانپوءِ انگريز حڪومت جي قبضي ۾ آيا ۽ ان ڊگهي عرصي دوران هي علائقا رنجيت سنگهہ ۽ ان جي اولاد، امير انِ سنڌ، خوانين بلوچستان ۽ سرداران ڪابل جي قدامت پرست، جابرانہ ۽ مطلقَ العنان حڪمراني جي دور ۾ ئي رهجي ويا ۽ نو آبادياتي، سرمائيداراني جمهوريت جي حوالي سان جهڙوڪر اڄ تائين اونداهي کوهہ ۾ پيل رهيا.

گهڻو ڪري هر نئون حاڪم گذريل حڪمران گروهن کي پنهنجو فطري مخالف ۽ ان جي اڳوڻي رعايا کي پنهنجو فطري ساٿي سمجهندو آهي. انگريزن انهيءَ اصول تي عمل ڪندي مجموعي طور تي هندو مٿين طبقن کي پنهنجي ويجهو رکيو ۽ اڳتي وڌايو ۽ مسلمان حڪمران طبقي جي ماڻهن تي سخت نظر

رکي. خصوصن 1857ع جي جنگ ڪانپوءِ مسلم اڪثريت جي هنن علائقن سرحد، پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان کي ساڳئي قديم قبائلي جاگيرداراڻي معيشت ۽ سياست جي پنجوڙ ۾ ئي جڪڙيل رهڻ ڏنو ۽ انهن تي پنهنجي گرفت سخت ڪري ڇڏي. بنگال تي هونئن ئي آهستي آهستي هندو وچين طبقي جو غلبو ٿي ويو ۽ اوپر بنگال جو مسلمان علائقو تمام گهڻي پسماندگيءَ ۽ بدحاليءَ جو شڪار رهيو. سنڌ کي 1843ع ۾ فتح ڪري ان جي الڳ حيثيت کي ختم ڪري بمبئي ۾ ضم ڪري ڇڏيو ويو ۽ 1868ع ۾ سنڌ کي چڻ تہ چيف ڪمشنر جي ذاتي جاگير بنائي ڇڏيو ويو. بلوچستان کي ڪڏهن صوبائي حيثيت ڏني ئي نہ وئي. سرحد کي تمام دير سان الڳ صوبو ڪيو ويو پر ڪيئين ڳالهين ۾ ان کي ٻين وڏن صوبن جي مقابلي ۾ پنتي رکيو ويو. پنجاب تي 1845ع ۾ قبضو ڪري 1857ع جي جنگ کانپوءِ تائين لارنس ڀائرن جي مڙهيل سخت آمراڻي نظام کي قائم رکيو ويو.

هڪ طرف بنگال، مدارس ۽ بمبئيءَ جهڙن صوبن ۾ نو آبادياتي سرمائيدار تہ معيشت کي زور وٺائي جمهوري پيش رفت ڪئي وئي. ٻئي طرف پنجاب کي بنيادي طور تي فوجين جو درجو ڏنو ويو ۽ ان کي ڇانوڻي ٺاهي جاگيردارن جي ئي قبضي ۾ رکيو ويو. حڪومت مسلمان ۽ هندو اڪثريت جي صوبن ۾ زمين ۽ صنعتڪاري جي متعلق مختلف پر متضاد پاليسيون اختيار ڪيون، مثلن بنگال ۾ دائمي وابستگي جي دستور مطابق مجموعي طور تي زمينون زميندارن کان الڳ ڪيون ويون ۽ هارپ ۽ انهن جو عمل دخل عملا ختم ڪيو ويو. ان ڪري جاگيردارن جو هارين تان تسلط ختم ٿيڻ لڳو. وڌنڌڙ تعليم جي نتيجي ۾ هڪڙو پڙهيل لکيل هينيون وچون طبقو پيدا ٿيو، ٻئي طرف دولتمند زميندار طبقو اهڙو پيدا ٿيو جيڪو زمينن جي روزاني جي مسئلن کان الڳ ٿي هارين کان پنهنجو نقد حصو وٺي شهرن ۾ رهڻ لڳو ۽ اهڙي طرح هڪڙو فارغ البال قسم جو وچون طبقو پيدا ٿيو. جن مان راجا رام موهن جهڙا مفڪر ۽ مصلح پيدا ٿيا جن نئين جاگيردار مخالف، روشن خيال، جمهوري، سياسي، سماجي ۽ ثقافتي سوچن کي جنم ڏنو، اهڙي طرح بنگالي عوام جاگيرداراڻا نظام جي سڌي سنئين تسلط کان آزاد ٿيو. ان جي ٻر عڪس انگريز سنڌ جهڙي مسلم اڪثريت جي صوبي ۾ اها زمين جا قبيلن ۽ برادرين جي اجتماعي ملڪيت هئي ان کي ذاتي ملڪيت ۾ تبديل جي پاليسي شايد پنجاب ۾ بہ لاڳو ڪئي وئي، جنهن سان جاگيردارن ۽ قبائلي سردارن جي قوت ۾ ڏهه دفعا وڌيڪ واڌارو ٿي ويو ۽ قبائلي

سردارن جي قوت ۾ ڏهه دفعا وڌيڪ واڌارو ٿيو ۽ انهن تي اجتماعي ملڪيت جي ڪري جيڪو قبيلن جو اثر هو، اهو ختم ٿي ويو ۽ قبائلي سردار قرون وسطيٰ جي سماجي نظام جي زوال جي باوجود انگريز جي حاشيہ بردار هئڻ جي ڪري عام ماڻهن جي زندگي ۽ موت جو مالڪ رهيو، پنجاب کي آبپاشي جو اعليٰ درجي جو نظام ڏنو ويو، جيڪو ان وقت شايد ايشيا جو بهترين آبپاشيءَ جو نظام هو پر پنجاب سميت پاڪستان جي علائقن ۾ صنعتڪاري نہ ڪئي وئي ڇو تہ بنيادي سوچ هيءَ هئي تہ جيڪڏهن صنعتڪاري ٿي وئي تہ انهن علائقن جي ماڻهن لاءِ روزگار جا نوان ذريعا پيدا ٿيندا ۽ اهڙو باشعور، محنت ڪشي ۽ هينيون طبقو پيدا ٿيندو جيڪو انگريزي فوج جي ڀرتي جي علائقي ۾ اهڙي سجاڳي پيدا ڪري سگهندو ۽ جمهوري رجحان کي جنم ڏئي سگهندو جيڪو انگريزي حڪومت جي وجود لاءِ خطرو پيدا ڪري سگهي ٿو. سنڌ 1868ع کان 1935ع تائين چيف ڪمشنر سنڌ جي حڪم هيٺ (زيرنگين) رهي. ان کي صوبائي خودمختياري ملڻ سان جيئن تہ هندستان جي مسلمان اقليت ۾ اهم واڌارو ٿيڻ وارو هو، انا ڪري هي آل انڊيا مسئلو بڻجي ويو. ڪجهہ هنڌن شروعات ۾ هن جائز مطالبي جي اصولي تائيد ڪئي پر 1928ع جي آل پارٽيز ڪانفرنس تائين ڪانگريس عملي طرح هن مطالبي جو ساٿ ڇڏي ڏنو پر نهرو رپورٽ ۾ ان جي رسمي تائيد ۽ عملي مخالف ڪئي وئي، محمد علي جناح پيدائشي وطن سنڌ کي صوبائي خودمختياري ڏيارڻ واري جدوجهد ۾ ڀرپور حصو ورتو. 1930ع ۾ لنڊن جي گول ميز ڪانفرنس ۾ هن جنهن جوش خروش ۽ قابليت سان سنڌ جي صوبائي خودمختياري جو ڪيس وڙهيو اهو رڪارڊ تي موجود آهي پر صوبائي حيثيت حاصل ڪرڻ جي باوجود سنڌ ۾ جمهوري عمل کي گهڻي تقويت نہ ملي سگهي ڇو تہ متعصب ڪانگريس ۽ مها سيائي سينين موقع پرست عيار ۽ ڀهروپي وڏيرن جي ذريعي صوبائي اسيمبلي ۽ حڪومت کي آخر تائين يرغمال بنائي رکيو.

1895ع ۾ جنوبي آفريقا کان واپس اچڻ کان پوءِ گانڌي ڀهريون ڪم هي ڪيو تہ وائسراءِ هند کان مطالبو ڪيو تہ هن جي علائقي ۾ امگام مان فوج جي چوڪي هٽائي وڃي، هيڏي وڏي عالمي شهرت يافتہ ليڊر جو وائسراءِ هند کان ايترو ننڍڙو مطالبو صرف گانڌي ئي ڪري سگهيو ٿي، جڏهن هي مطالبو پورو ٿيو تہ پوءِ مطالبو ڪيو تہ هندستان مان بانديد ليبر ڀرتي نہ ڪيو وڃي، جڏهن هي

مطالبو بہ پورو ٿيو تہ پوءِ هن جي تحريڪن جو هڪڙو سلسلو نڪري پيو. 1919ع ۾ تحريڪ عدم تعاون، 1930ع ۾ لوڻ ناهڻ جي مهم جي سلسلي ۾ ڏانڊي مارچ، 1942ع ۾ هندستان خالي ڪريو تحريڪ، پاڪستان اهڙيون تحريڪون هلائڻ وارو صرف هڪ ماڻهو پيدا ڪيو ۽ اهو هو باچا خان، پر ان جو دائرو هڪ ئي صوبي تائين محدود رهيو.

عوام جي ڏک ۾شريڪ ٿي هو بظاهر ننڍين ۽ معمولي ڳالهين سان تمام وڏين پر امن عوامي جمهوري تحريڪون پيدا ڪرڻ ۾ گانڌي جو نائب ولڀ ڀائي پٽيل هو. پٽيل جي اسان وٽ شهرت ڪجھ گهٽي سني ڪانهي، هن ڪان وڏيڪ مسلمانن جو ڪٽر مخالف ڪو بيو نہ هو، پر هو گانڌي جي قدم تي هلي تڪليفن جي وقت عوام جو ساٿ ڏيڻ لڳو، هو سامراج مخالف جمهوري تحريڪون هلائڻ جي وڏي صلاحيت رکندو هو. هن جي عوامي جدوجهد مان گهٽو ڪجھ سکي سگهجي ٿو. مثلن 1917ع ۾ احمدآباد ميونسپلٽي ۾ برطانوي آفيسرن جي مداخلت ۽ زبردستيون وڌي ويون تہ ماڻهن اهڙي ماڻهو جي ڳولا ڪئي جيڪو ميونسپلٽي جو ميمبر ٿي برطانوي آفيسرن جي دست درازين ڪان بچائڻ لاءِ سندن رهنمائي ڪري سگهي. چنانچہ خوشحال ۽ ڪامياب بيرسٽر ولڀ ڀائي پٽيل احمدآباد جي شهرين جي اصرار تي احمدآباد ميونسپلٽي جو ميمبر ٿيڻ لاءِ تيار ٿي ويو. هو چونڊيو ۽ هن جو انتخاب مسترد ٿيو. پيهر اليڪشن وڙهيو ۽ ميمبر ٿيو ۽ مسلسل پنج سال انگريز آفيسرن سان ميونسپلٽي جي رهواسين جي حقن لاءِ لڙندو رهيو ۽ انهن کي ميونسپلٽي جي قانونن جي حدن ۾ رهندي پنهنجي حڪمت عملي سان اهڙيون شڪستون ڏنيون جو احمدآباد ميونسپلٽي، گجرات صوبي جي ميونسپلٽين ۽ بلدياتي ادارن جي لاءِ مثال بنجي وئي. انهيءَ سال 1917ع ۾ گجرات جي ضلعي ڪائره ۾ قدرتي آفتن جي ڪري هاري ڍل ڏيڻ جي قابل نہ رهيا تہ حڪومت انهن جي خلاف تشدد جو بازار گرم ڪري ڇڏيو، ماڻهن مدد لاءِ گانڌي کي پڪاريو تہ ان جي حڪم تي پٽيل ڪائره پهچي ويو ۽ مسلسل ڪيترن ئي مهينن تائين هن جدوجهد جي قيادت ڪندو رهيو. ايستائين جو حڪومت گوڏا نہ کوڙيا. ضلعي بورسار ۾ ڌاڙيلن قهرام مچائي ڇڏيو، صوبائي حڪومت ڌاڙيلن کي ڪنٽرول ڪرڻ جي بجاءِ عوامي تي ساڍا ٽي لک رپيا جرمانو عائد ڪيو تہ توهان ڌاڙيلن کي چو نہ ٿا روڪيو تہ پٽيل اتي پهچي ويو. عوام سان ملي جدوجهد ڪئي ۽ حڪومت کي مطالبو مڃڻ تي مجبور ڪيو.

جڏهن پاڪستان ٺهيو تہ باني پاڪستان محمد علي جناح سخت بيمار هو ۽ هو مملڪت جي روزمره جي ڪمن جي سنڀال ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نہ هو. اهڙي عالم ۾ سڄو اقتدار اهڙن ماڻهن جي هٿ ۾ آيو، جيڪي جاگيردار هئا يا انگريز آفيسر شاهي سان تعلق رکندڙ هئا. اهڙي طرح محمد علي جناح کان پوءِ هتي اهڙو طبقو ملڪ جو مالڪ ٿيو جيڪو پنهنجو پاڻ کي دراصل پنهنجي عوام جو نہ، برطانوي آوازن جو نمائندو ۽ انهن جي ئي سامهون پاڻ کي جوابده سمجهندو هو. چنانچہ پاڪستان جو گورنر جنرل غلام محمد جيڪو انگريز دور جو هڪ معمولي آفيسر هو، ان مولوي تميزالدين ڪيس ۾ هي موقف اختيار ڪيو تہ آزادي کان پوءِ بہ اسان برطانوي تاج جي ماتحت آهيون. پاڪستان جو اقتدار اعليٰ برطانيہ جي ملڪہ معظمہ جي هٿ ۾ آهي ۽ اسان جي جسٽس منير جي فيڊرل ڪورٽ اهو موقف قبول ڪري ورتو. لياقت علي خان جي قتل کان پوءِ انگريز راڄ جي سابق آفيسرن هن ملڪ کي رانديڪو بنائي ڇڏيو. چوڌري محمد علي، غلام محمد، اسڪندر مرزا ۽ سول آفيسرن هن ملڪ کي پنهنجي بازيگري ۽ سازشن جو مرڪز ٺاهي ڇڏيو. جمهوريت جي ڪمزور پاڙن کي پٽي اڇلائي ڇڏيو، پهرين مارشل لا جي ڏينهن ۾ جعلي صنعتڪاري ۽ بوگس ايڪسپورٽ جو بنياد رکيو ويو. سرمائيدارن برآمدات جي نالي ۾ ڪروڙين رپيا ڪمايا، شيون ٻاهر موڪلڻ جي آڙ ۾ سرون ۽ پٿر ايڪسپورٽ ڪيا. فيڪٽريون لڳائڻ جي نالي ۾ ناڻي جي مٿاسٽا تي هٿ صاف ڪيا، ماڻهن جا وارا نيارا ٿي ويا. ڪرپشن جا بدترين مثال قائم ڪيا ويا. مارشل لا جي دور ۾ يا تہ اليڪشن کان بلڪل انڪار ڪيو ويو يا چونڊن جي نتيجن کي نہ مڃيو ويو. ضياءُ الحق کان پوءِ جيڪي چونڊون ڪرايون ويون، انهن جي متعلق عام تاثر هي آهي تہ انهيءَ ۾ هي پهريون طئي ڪيو ويو هو تہ ڪنهن کي ڪامياب ٿيڻو آهي ۽ ان کان پوءِ ئي چونڊون ڪرائي گهربل ماڻهن کي ڪامياب قرار ڏنو ويندو رهيو آهي ۽ انهن کي مڪمل اختيار نٿا ڏنا وڃن ۽ انهن کي اقتدار جي بنيادي شين کان دستبردار ڪرائي، جزوي اقتدار منتقل ڪيو ويندو آهي. ان لاءِ صدر، وزيراعظم يا وزير جيڪي وڏا بااختيار نظر اچن ٿا، انهن جو مثال ”هر چند ڪهين ڪي هي نهين هي“ وارو آهي. چونڊون جهڙيون بہ رهيون آهن، انهن ۾ جنهن کي بہ مينڊيٽ مليو. ان جو بنياد صرف رسمي بلڪ فرضي رهيو، جو تہ جن ماڻهن جي متعلق چيو ويو تہ انهن مينڊيٽ ڏنو آهي، انهن جي اڪثريت کي خبر ئي نہ

هئي تہ هو ڇا ڪري رهيا آهن. ڪمزور جمهوريت جو هڪ بنيادي الميو هي آهي تہ ووٽ ڏيڻ وارا نہ صرف تعليم کان اڻ واقف آهن، پر انهن جا ذهن آزاد فيصلا ڪرڻ لاءِ مطلوبہ ڄاڻ ۽ سمجهہ بہ نہ ٿا رکن. اڪثر ماڻهو مقامي وڏيرن ۽ برادرين جي چوڌرين جي هٿن ۾ يرغمال ٿيل آهن. انهن کي گهڻو تڻو فڪر هي هوندو آهي تہ جيڪو ماڻهو چورن ۽ رساگيرن جي ذريعي انهن جا ڍڳا چوري ڪرائي سگهي ٿو، پوليس جي هٿان هنن کي مار ڪڍرائي سگهي ٿو، هنن کي جيل حوالي ڪرائي سگهي ٿو، انهن کي معمولي نوڪري، بجلي جو ڪنيڪشن ۽ ٻيون اهڙيون ننڍيون ننڍيون سهوليتون ڏياري سگهي ٿو. اهو هنن کان ناراض نہ ٿي وڃي، تنهن ڪري عام طور تي جيڪو چوڌري يا وڏيرو جيترو گهڻو خطرناڪ ۽ جيترو گهڻو ظالم ۽ جلاد سمجهيو ويندو آهي، انهيءَ کي ان حساب سان گهڻا ووٽ ڏنا وڃن ٿا. گهڻين حالتن ۾ چونڊن جا نتيجا اميدوارن جو ووٽرن کي تنگ ۽ دهشتزده ڪرڻ جي قوت جي عڪاسي ڪن ٿا، نہ ڪو انهن جي مهرباني ۽ شفقت جي جذبي جي. انتخابي حلقا ڄاڻي ٻجهي وڏا ڪيا وڃن ٿا. اهڙن وڏن حلقن ۾ جيتري وڏي رقم خرچ ڪرڻي پوندي آهي اها رقم مڊل ڪلاس جا بهترين ذهين ماڻهو بہ خرچ نہ ٿا ڪري سگهن. انهيءَ حساب سان پروفيسر عبدالسلام جهڙو دنيا جو وڏي ۾ وڏو ذهن بہ شايد مطلوبہ خرچ جي استطاعت نہ هجڻ جي ڪري ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جو ميمبر بہ چونڊجي نہ سگهي، تنهن ڪري اسان جي ملڪ جي بهترين سائنسدان، انجنيئر، اقتصادي ماهر، ڊاڪٽر، پروفيسر، عالم، اديب، سماجي ڪارڪن جيستائين پنهنجي ذهن ۽ ضمير جي خلاف ڪنهن جاگيردارانہ يا سرمائيدارانہ پارٽي جي قيادت جي ها ۾ ها نہ ملائيندا تہ اسيمبلي تہ ڇا ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جا ميمبر بہ نٿا بڻجي سگهن. ان جي باوجود بہ نظام ۾ اليڪشن تمام ضروري آهي، پر اهي عوام جي مشڪلات دور ڪرڻ لاءِ ڪافي ناهن ۽ اسان وٽ اسيمبليون عوام جي امنگن ۽ ان جي حقيقت مفادن جي ترجماني نٿيون ڪن. آزادانہ چونڊون جمهوريت جو لازمي جز آهن، جمهوريت جو ڪل ناهن.

اسان جي خارجہ پاليسي عمومن وڏن سرمائيدارن ملڪن جي تابع رهي آهي، جنهن جي ڪري سرد جنگ ۾ اسان کي انهن جي جائز، ناجائز مفادن جو محافظ بڻجي رهڻو پيو. ان سبب جي ڪري انهن جو اسان جي معاشري بلڪہ اسان جي انتظامي، سياسي ۽ اقتصادي مشينري ۾ وڏو اثر و نفوذ رهيو آهي. ان

ڪري ان جا اسان جي ملڪ ۽ عوام تي ۽ اسان جي جدوجهد تي سخت اثر پيا آهن.

افغانستان جي خانہ جنگي جنهن عوام کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي، ان ۾ ملوث هجڻ جي ڪري اسان کي منشيات، ڪلاشنڪوف ڪلچر ۽ دهشتگردي جا تحفا قبول ڪرڻا پيا. منشيات، ڌاڙا ۽ دهشتگردي جي پاڙ پٽڻ ۽ قانون ۽ آئين جي بالادستي ۽ امن امان جو قيام پاڪستان جا اهم ترين مسئلا آهن. جيستائين سوويت يونين پنهنجي پوري جاهہ و جلال سان عالمي اسٽيج تي بيٺو رهيو، اسان جا نام نهاد ترقي پسند دوست هئا ۽ پاڪستان جا سڄي دنيا جي عوام تي دل جان سان فدا هئا ۽ صبح ۽ شام انهن جي غم کي سيني سان لڳايو وينا هئا، جيئن ئي سوويت يونين جو جهنڊو سرنگون ٿيو، انهن جي عوام دوستي اڏامي وئي. جڻ انهن جو عشق عوام سان نہ، عوام جو سرپرست سمجهيو ويندڙ سوويت يونين ۽ ان جي جاهہ و جلال ۽ چمڪ سان هو.

" آئي تو يون، گويا پهلي سي تي مهربان
اور جو گئي تو گويا ڪيي آشنا نہ تي."

ڪنهن زماني ۾ پاڪستان پنهنجي"عوام دوست" ۽ "ترقي پسند" دانشورن جي ڪري دنيا ۾ مشهور هو. ڪابي ڌر جا شعلہ بيان جادوگر هٿ جي تري تي عوامي انقلاب جو تيل لڳائڻ جا ڏس ڏيندا هئا. عوامي نيشنل پارٽي مظلوم طبقي ۽ قوميتن جي دهائي ڏيندي هئي ۽ پيپلزپارٽي جي سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جي ملڪيت هارين ۽ مزدورن ۾ تقسيم ڪرڻ جون ڳالهيون ڪندي هئي ۽ اٽو، لٽو ۽ اجهو جا نعرا هڻندي هئي.

"ويران هي ميڪده خم و ساغر اداس هين
تم ڪيا گئي ڪہ روٺ گئي دن بهار ڪي."

پاڪستان هاڻي هڪ اهڙو ملڪ ٿي ويو آهي، جتي ماڻهن جون اکيون ڪنهن سچي پچي عوام دوست کي ڏسڻ لاءِ سڪن ٿيون.

اب جهان ڪوئي پي نهين اپنا
ڪوچہ يار مهربان هي وهي.

جهڙي تهڙي اليڪشن ٿيندي رهڻ گهرجي، جهڙيون تهڙيون اسيمبليون ۽ حڪومتون ايندديون رهڻ گهرجن، پر عوام جي ڪم جي جمهوريت جي لاءِ

جدوجهد ۽ پاڪستاني عوام جي اقتصادي، سياسي، جمهوري ۽ انساني حقن ڪي، ان جي سک چين ڪي، ان جي امن امان ڪي، ان جي روزگار ڪي، ان جي ٻچن جي روشن مستقبل ڪي، جاگيردار ۽ سرمائيدار حڪمران طبقن جي رحم ڪرم تي نٿو ڇڏي سگهجي.

پاڪستان جي باشعور، باضمير ۽ خوددار عوام دوست ماڻهن، گروهن، تنظيمن ۽ عوام کي پنهنجو تاريخي فرض ادا ڪرڻ لاءِ اٿي بيهڻ گهرجي ۽ پوري ملڪ جون تمام زبانون ڳالهائڻ وارن غريب ڪچليل مردن، عورتن ۽ ٻڍن ۽ ٻارن کي سجاڳ ۽ منظم، متحرڪ ۽ متحد ڪري انهن جي مدد سان هتي هڪ حقيقي عوامي جمهوري نظام قائم ڪرڻ لاءِ سرگرم عمل ٿيڻ گهرجي.

شهر خالي شداز عاشق، بود ڪز طرفي
مردي از غيب برون آيد ڪاري بڪند
(حافظ شيرازي)

(شهر عاشقن کان خالي ٿي ويو آهي، هاڻي هيئن ٿيڻ گهرجي تہ ڪٿي نہ ڪٿي کان ڪو مرد اچي ۽ ڪم ڪري ڏيکاري.)

# قومي آجپي جي نالي ۾ ڏنل ڪامياب تاريخي دوکو

دوکو ڇا آهي؟... دوکي ۾ هڪڙو عنصر آهي ڪو راز ڳجهو رکڻ ۽ ان تي ڍڪ وجهڻ. دوکي جو ٻيو عنصر آهي ڪوڙ... ڪوڙ هٽندڙ غلط بيانيون ناهيندا ۽ استعمال ڪندا آهن ۽ پنهنجي شڪار ماڻهن جو سچو ڌيان انهن غلط بيانين تي ڪپائي ڇڏيندا آهن. وسيع معنيٰ ۾ ان جو اهو به مقصد آهي ته ڪوڙي ڳالهه سان واسطو رکندڙ ٻنهي ڳالهين ۽ حقيقتن کي اهڙي نموني ڦيرائي گهيرائي وڌ گهٽ ڪجي جو ان ڦير گهير جي ڪري اهو ڪوڙ وڌيڪ سچو لڳي. ان کي هٿ ناٽ يا ڊونگ چئبو آهي. دوکو ڪوڙ ڪان وڌيڪ وسيع دائرو رکي ٿو... آخرڪار جيئن جيئن واقعا ظاهر ٿيندا وڃن ٿا تيئن سڀ دوکا ۽ فريب ظاهر ٿيو پون پر دوکي ڏيندڙن جو مقصد ان ڳالهه سان ئي پورو ٿيو وڃي جو ماڻهو ڪافي وقت دوکي ۾ رهن ٿا ۽ ان وچ ۾ دوکيبازي پنهنجو مقصد حاصل ڪريو وٺي... دوکي جا ٽي مقصد آهن. پهريون مقصد آهي دوکي جو شڪار ڪيل ماڻهن جي سوچن، ويچارن ۽ ويساهن کي ڦيرائي پنهنجي مرضيءَ مطابق بنائڻ، ٻيو آهي ته انهن ماڻهن کي ان ڳالهه لاءِ تيار ڪرڻ ته دوکو ڏيندڙ جي مرضي، مطابق ڪم ڪن ۽ ٽيون آهن ته انهن سوچن ويچارن ۽ ڪمن جي ڪري، دوکو ڏيندڙ جي مرضي، مطابق ڪم ڪن ۽ ٽيون آهي ته انهن سوچن ويچارن ۽ ڪمن جي ڪري، دوکو ڏيندڙ جا مطلب پورا ٿين." "جنگي حڪمت عمليءَ وارو دوکو." ڊونالڊ ڊئينل ۽ ڪئٽرائين هر بگ (ص: 4-3)

جيڪو ماڻهو چوي هڪڙي ڳالهه ٿو، ڪري ٻي ڳالهه ٿو. تنهنجا ناهوڪا لفظ انهن خوبصورت رنگين گلن وانگر آهن جن ۾ ڪابه خوشبوءِ ڪانهي." (ڌماپڌا-مهاتما ٻڌ- "عالمي قولن جو مجموعو." ص: 134)

"چالاڪ ۽ بي ايمان ماڻهو! اڪثر ڪوڙ کي سچ ڪري ڏيکارڻ ۽ دوکي ۽ فريب کي دانائي ۽ درمنديءَ جو چوغو پهرائي ڇڏيندا آهن." (ساڳيو ڪتاب- الجاحظ مشهور عرب فلسفي ۽ اديب-ص:134)

هڪڙا ماڻهو ڳالهہ ڳالهہ تي ڪونہ ڪو اعلان براءِ سوديبازي يا اجان بہ بدتر تہ اعلان براءِ دوڪيبازي ڪري ڇڏيندا آهن. بيا اعلان بدران تياري ڪندا آهن. مجيب حساب ڪتاب رکڻ وارو سنجيدو، ڳرو ۽ توڙ ڪرڻ وارو ماڻهو هو. هن کي پنهنجي ذاتي لئي بدران پنهنجي مقصد جي آخري ڪاميابيءَ جو اونو هو. ان ڪري هو هر وقت انتهائي محتاط، خبردار رهندو هو ۽ خوش فهمين جي اوڙاهہ کان بچڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو هو. ڪيس خبر هئي تہ بنگالي قوم جو ٻچو ٻچو پاڪستاني فوج سان مهينن جا مهينا مهاڏا اٽڪائي وڏيون فتحون حاصل ڪريو، پڪو پختو ٿيو ساٽس دوبدو مقابلي لاءِ تيار ۽ آتو ٿي بيٺو آهي. ڪيس خبر هئي تہ پس و پيش پاڪستاني فوج اوپر پاڪستان ۾ فتح حاصل ڪري ئي نٿي سگهي. ڪيس پاڪستاني فوج جي سئيءَ سڳي سوڌي خبر هئي تہ ڪيتري آهي، ڪٿي آهي ۽ ڪنهن جي ڪمان هيٺ آهي. ڪيس خبر هئي تہ ان وقت پاڪستان جي بنگال ۾ ڪل فوجي ڪائنات چار پيدل ڊويزنون هيون. نمبر 9 ڊويزن (هيڊ ڪوارٽر جيسور، ڪمانڊر ميجر جنرل محمد حسين انصاري) نمبر 14 ڊويزن (هيڊ ڪوارٽر ڊاڪا، ميجر جنرل نظر حسين شاهہ). نمبر 36 ائڊهاڪ ڊويزن (هيڊ ڪوارٽر ميمن سنگهہ، ڪمانڊر ميجر جنرل قاضي عبدالمجيد) ۽ نمبر 39 ائڊهاڪ ڊويزن (هيڊ ڪوارٽر چانڊپور، ڪمانڊر ميجر جنرل ايم رحيم خان). انهن ڊويزنن کي چوڌاري هندستان جون ٽي پيدل ڊويزنون گهيريو ويٺيون هيون. آس پاس جون ڪئين ٻيون هندستاني ڊويزنون حڪم جون منتظر هيون. ٻي طرف پاڪستان وڌيڪ ڪافي فوجون آڻي نٿي سگهيو. مجيب کي خبر هئي تہ پاڪستان فوج جي يارهن بنگالي ريجمنٽن مان جيڪي 9 اوپر پاڪستان ۾ هيون تن جا ننڍا وڏا ڪمانڊر (رضا الجليل، مسعود الحسن، معين الدين، ضياءُ الرحمان، مزو مدار، صفي الله، خالد مشرف ۽ ٻيا) سندس حڪم جا منتظر هئا. 45 هزار بنگالي پوليس باغي ٿي چڪي هئي. اهڙي ريت ان وقت 70 هزار مڪمل طرح تربيت يافتہ بنگالي هٿياربند سندس اشاري ملڻ تي مرڻ مارائڻ لاءِ تيار بيٺا هئا، پر مجيب چيو ”اجان نہ! اجان پنڌ پري آهي. وقت کان اڳي آزاديءَ جو اعلان ڪرڻ آزاديءَ جي جدوجهد جي ڪاميابيءَ جي مفادن لاءِ تباهہ ڪن ٿيندو. ان ڪري خاموشيءَ سان پاڻ کي گرفتار ٿيڻ ڏنائين ۽ بنگالي قوم مٿان فوجي قهر ڪڙڪڻ ڏنائين پر سرڪاري طرح بنگلاديش جو اعلان نہ ڪيائين. اهو اعلان سرڪاري طرح پاڪستاني فوجي آپريشن شروع ٿيڻ کان بہ ڏينهن پوءِ پاڪستاني فوج جي

اوڀر بنگالي ريجمنٽن، پوليس ۽ ٻين هٿياربند دستن جي بغاوت ڪانپوءِ، اٺين اوڀر بنگالي ريجمينٽ جي بنگالي سيڪنڊ ان ڪمانڊ ميجر ضياءُ الرحمان (پوءِ صدر ضياءُ الرحمان) پنهنجي پاڪستاني ڪمانڊر ليفٽيننٽ ڪرنل رشيد جنجوعہ کي قتل ڪري، بنگالي ريجمينٽ جي ڪمان وٺڻ ڪانپوءِ هنن لفظن ۾ ڪيو هو: ”آئون ميجر ضياءُ بنگلاديش جي آزاديءَ جي فوج جو عارضي ڪمانڊر انچيف هن موجب شيخ مجيب الرحمان پاران بنگلاديش جي آزاديءَ جو اعلان ٿو ڪريان. (ليفٽيننٽ جنرل ڪمال متين، ڪتاب ”اوڀر پاڪستان جو بحران“ ص: 495)

مجيب الرحمان جو اتحادي هندستاني ۽ هندستان جو اتحادي روس مجيب الرحمان کان گهڻا گهڻا وڌيڪ قابل، هوشيار ۽ طاقتور هئا. اوڀر پاڪستان جي جدائيءَ جي وقت اسان وارو لڏو جنرل يحييٰ کان وٺي هيٺ تائين جيترو جوشيلو، المست آپي خان هو، هندستان وارو لڏو يعني وزيراعظم اندرا گانڌي، جنرل مانڪ شا، ليفٽيننٽ جنرل اروڙا ۽ ٻيا ٿڌا، خبردار ۽ محتاط، ڏڄي ڳالهہ/ ڪم ڪندڙ ۽ توڙ تائين پائيءَ پائيءَ جو حساب لڳائيندڙ ماڻهو هئا. هنن رٿابندي ۽ تياري ۾ پائيءَ جو ڪسر نہ ڇڏي. سيني کان وڌيڪ ڪم وزير اعظم اندرا ڪيو جنهن هڪڙي پاسي روس سان جنگي معاهدو ڪري چين جي اڳي جهڙي مداخلت جا دروازا بند ڪري ڇڏيا. ٻئي پاسي آمريڪا ۽ يورپ ۽ ٻين ملڪن جا دورا ڪري سڄي دنيا کي پاڪستان خلاف ڪري ان کي اڪيلو ۽ بي واهہ ڪري ڇڏيو.

جنرل مانڪ شا 1947ع ۾ ڪرنل هو ۽ ان وقت جو ميجر يحييٰ سندس ماتحت هو. اپريل 1971ع ۾ جڏهن وزيراعظم اندرا گانڌيءَ کيس چيو تہ ”اوڀر پاڪستان تي حملو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي“ تہ جواب ڏنائين تہ ”جي ڀانئين تہ هينئر شروع ٿيان ۽ آئون توکي سؤ جو سؤ سيڪڙو شڪست جو يقين ڏياري سگهان ٿو. پر جي مون کي وقت ڏيندين تہ پوءِ سؤ جو سؤ سيڪڙو فتح جو يقين ڏياري سگهان ٿو.“ (ص: 35-جنرل متين الدين)

اندرا چيس: ”جيڪا تنهن جي مرضي مون کي فتح جو يقين گهرجي.“ هن سئيءَ سڄي سوڌي تياري ڪئي. مثال طور مغربي بنگال، ماگاليا، آسام ۽ ترپيوره صوبن ۾ مورچي بند فوجن کي ڪمڪ رسايائين. هڪ نئون ڪور هيڊ ڪوارٽر قائم ڪيائين. چيني سرحد تان ۽ اوڀر اولهہ علائقي مان هندستاني فوجون واپس گهرائي ورتائين. آگسٽ ۾ آلهہ آباد مان 4 پيدل ڊويزن اولهہ بنگال

موڪليائين. سيپٽمبر ۾ ميجر جنرل موهندر سنگهه برار کي حملي جا آخري حڪم جاري ڪيائين. 12- آڪٽوبر 1971ع تي لال چڙيا ڊويزن کي اوڀر پاڪستان جي سرحدن جي ويجهو مورچي بند ڪيائين. ميرٺ مان پهاڙي ڊويزن کي گهرائي رانچيءَ ۾ پيدل ڊويزن بنائي سي پور ۾ تازي پرتي ڪيل 57 ڊويزن کي اوڀر پاڪستان کي اڳيئي گهيرو ڪري بيٺل ٽن هندستاني ڊويزن سان گڏي حملي لاءِ تيار هندستاني فوج جو انگ ستن ڊويزن تائين رسايائين. سڪيءَ تان فوجون ڪڍڻ لاءِ خاص هيليڪاپٽر فورس ۽ درياهن کي پار ڪرڻ لاءِ دريائي هوور ڪرافٽ فورس تيار ڪرايائين. بقول هندستاني جنرل ڊي ڪي پالٿ جي: ”نومبر جي آخر تائين بنگلاديش آپريشن لاءِ فوجن جا ٽي ڪور تيار ٿي ويا.“ ان کانسواءِ 80 هزار بنگالي مڪتي باهني گوريلا فوج بہ ميدان ۾ سرگرم ٿي چڪي هئي، جنهن جي ڪمانڊر ۾ ضياءَ الرحمان (جنرل صدر)، خالد مشرف (پوءِ چيف اسٽاف)، ٽائيگر قادر صديقي ۽ صفي الله جهڙا ڪمانڊر شامل هئا، جن مان ڪيترا اڳتي هلي وڏن عهدن کي رسيا ۽ مشهور ٿي. خود جنرل مانڪ شا چيو: ”مون جيڪي گهريو سو مون کي مليو. پيسا ڏنائون ۽ آئون وڃي سوويت يونين مان ٽئنڪون ۽ هوائي جهاز وٺي آيس.“ نيٺ 20 ۽ 21 آڪٽوبر 1971ع جي وچ واري رات هن پنهنجي اوڀر ڪمان جي ڪمانڊر ليفٽيننٽ جنرل جڳجيت سنگهه اروڙا جي قيادت پنهنجي ٽنهي ڪور ڪمانڊرن هر هڪ ليفٽيننٽ جنرل رائنا (ٻيو نمبر ڪور)، ليفٽيننٽ جنرل ايم ايل ٿاپن (ٽيٽيهون نمبر ڪور) ۽ ليفٽيننٽ جنرل ساڳت سنگهه (چوٿون ڪور) کي اوڀر پاڪستان تي عام حملي جو حڪم ڏنو. جن 16 ڊسمبر 1971ع تائين يعني فقط ٻن مهينن اندر سڄو ڪم لاهي ڇڏيو ۽ بنگلاديش قائم ڪري ڇڏيو.

پاڪستان جي فوجي ماهرن جي ڪتابن پڙهڻ مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ هنن اتي رڳو جوا کيڏي هئي. ”ٽي سگهي ٿو متان بنگالي دڙڪن پر ڊڄي ڊونس ۾ اچي آڻ مڃي وڃهن.“ باقي هونئن حالتن کي ڏسندي ڪين پڪ هئي تہ اتي لڙائي ڪري پنهنجي قبضي قائم رکڻ جو سوال ئي نٿي پيدا ٿيو. وقت جي مڪاني ۽ عالمي صورتحال ۾ بنگلاديش اوس نهٽو هو. ان کي دنيا جي ڪابہ طاقت روڪي نٿي سگهي.

پاڪستان جي ان وقت جي ڪمانڊر انچيف جنرل يحييٰ علي الاعلان مڃيو آهي تہ اوڀر پاڪستان کي زوريءَ قبضي ۾ رکڻ ناممڪن هو. اهو رڳو پوءِ اسان

جي هٿان وڃڻو هو. جيڪڏهن صاف ڳالهه ڪجي ته اوڀر پاڪستان ۾ اسان جون فوجون دشمن (هندستان) لاءِ جڻ اڏامي نه سگهندڙ پٽ تي وينل بدڪون هيون جن کي هو ڪنهن به وقت ماري سگهيو ٿي. اسان جي طئي ٿيل جنگي تصورن موجب اوڀر پاڪستان کي (هندستاني حملي کان) بچائڻ جي ويڙهه مڪاني آباديءَ (يعني خود بنگالين) کي ئي ڪرڻي هئي. (يعني هنن جو ڪم هو ته هندستاني فوج کي تيستائين روڪين جيسين اولهه پاڪستان جي فوج هندستاني فوج جي حشمت ونئي ڇڏي). هاڻي اها مڪاني آبادي سنئين سڌي پاڪستاني فوج سان مهاڏو اٽڪايو بيٺي هئي. اهڙن حالتن ۾ اوڀر پاڪستان واري محاذ تي اسان جي ڪا واهه ڪانه هئي. ڪو نيپولين (جهڙو جڳ مشهور جنرل) به اسان جي صورتحال کي بچائي نٿي سگهيو.“ (يحيىٰ خان جو بيان ”پاڪستان جو ٽٽڻ.“ ص: 78)

”اوڀر پاڪستان کي (پاڪستاني) قبضي هيٺ رکڻ لاءِ اتي ڪيل ڪابه ڪارروائي ڪامياب نه ٿي ٿي سگهي. (مغربي پاڪستان مان حملو ڪري دشمن تي دٻاءُ وجهي پوءِ اوڀر پاڪستان کي قبضي ۾ رکڻ ممڪن هو.) ان لڙائيءَ جو نتيجو جيڪو نڪتو تنهن کان بيو نڪرڻو ڪونه هو.“ (ساڳيو بيان:ص:79)

سوال ٿو پيدا ٿئي ته هو پوءِ ڇو وڙهيا؟ ڇريا ٿيا هئا ڇا؟ لڙائي ٽن شين جي ڪري ڪيائون. (1) بنا وڙهڻ جي پڇي اچبو ته دنيا کلندي (2) اولهه پاڪستان جي ٻين صوبن جو دماغ خراب ٿيندو ۽ اهي لنيون ڪٽي ٻيهي رهندا. ان ڪري بنگال مان پس پيش نڪرڻ کان اڳ دنيا کي پنهنجي مڙسي ڏيکارجي (3) اولهه پاڪستان جي ناراض صوبن تي دهشت ويهارجي ته اسان سان جيڪو گوڙ ڪندو تنهن جا حال ههڙا ڪنداسون. (4) بنگلاديش جي سوڀ جي سولي نقل ٿي سگهڻ جو چڪمو ڏيئي بنگلاديش جهڙي آزاديءَ جو نالو نه وٺي، بلڪ ٿئي ائين جو ”قوم“، ”سياست“، ”جدوجهد“، ” آجپي“ ۽ ” آزاديءَ“ جهڙن وڻندڙ ڳالهين جا نالا ڪڻائي انهن نالا ڪڻندڙ هٿان قومن سان اهڙا بيداد ۽ قهر ڪرايا وڃن جو اهي نالا ٻڌي ۽ اهڙا نالا ڪڻندڙ ماڻهن جا قهري ڪرتوت ڏسي، ماڻهن کي رڦڻيون وٺي وڃن ۽ هو پلجي به اهي نالا زبان تي نه آڻين.

# قومي عوامي جمهوري انقلاب

قومي جمهوري انقلاب ۽ عوامي جمهوري انقلاب جا اصطلاح مارڪسي سائنس ۾ مارڪس ۽ اينجلس جي زماني ۾ توڙي لينن جي زماني ۾ پيدا ڪونہ ٿيا هئا. اهي روسي انقلاب کان پوءِ واري دور جي پيداوار آهن. ٻي جنگ عظيم کان پوءِ جيڪي ملڪ يورپ توڙي ايشيا ۾ ڪميونسٽ پارٽين جي اڳواڻيءَ هيٺ آزاد ٿيا، تن کي سرڪاري طرح عوامي جمهوريتون سڏيو ويو هو. جهڙوڪ پولينڊ، زيڪو سلوويڪيا، هنگري، اوڀر جرمني، البانيا، چين، اتر ڪوريا ۽ بلغاريا وغيره. ان وقت قومي جمهوريت نالي ڪوبہ تصور اڃان پيدا نہ ٿيو هو ۽ مارڪسي ٻوليءَ ۾ اڃان داخل نہ ٿيو هيو. قومي جمهوريت ۽ عوامي جمهوريت ۾ جيڪي ٽي اکر (1) قومي (2) عوامي ۽ (3) جمهوريت جا ڪتب آندا ويا آهن، تن جي هتي معنيٰ لفظي نہ پر اصطلاحي آهي، يعني انهن جي معنيٰ عام رواجي نہ پر خاص علمي آهي. جمهوريت لفظ، بادشاهت، آمريت ۽ آپيشاهي جي ابتڙ ضد طور ڪتب آندل آهي. يعني حڪومت جو اهو طريقو، جنهن ۾ اقتدار بادشاهن ۽ ڊڪٽيٽرن بدران عوام جي هٿ ۾ هجي. عملي طرح هن جي شروعات ۾ معنيٰ هئي زمينداري ۽ جاگيرداري نظام کي ختم ڪري ان جي جاءِ تي عوام جي حڪومت قائم ڪرڻ. شروعات ۾ سرمائيدار طبقو جاگيرداري جي سخت مخالفت ڪندو هو. ان وقت اهو عوام ۾ شمار ٿيندو هو. ان وقت جاگيردارن کي ختم ڪرڻ جي اڳواڻي فقط اهو سرمائيدار طبقو ڪري سگهيو ٿي، ان ڪري جنهن انقلاب وسيلي جاگيرداري نظام ۽ ان جي پيداوار بادشاهت ۽ آپيشاهي کي ختم ڪيو ويندو هو، تنهن کي جمهوري جدوجهد سڏيو ويندو هو، ۽ ان جي جاءِ تي قائم ڪيل حڪومت کي عوام جي حڪومت يا جمهوريت سڏيو ويندو هو، پر ڇاڪاڻ تہ هن جدوجهد جي اڳواڻي سرمائيدار ڪندا هئا، ۽ ان جي نتيجي ۾ قائم ڪيل نظام عملي طرح سرمائيداري نظام هوندو هو، تنهن ڪري ان لڪل حقيقت کي کولي بيان ڪرڻ لاءِ مارڪس، اينجلس جاگيرداري خلاف هلايل ان جدوجهد کي فقط جمهوري جدوجهد سڏڻ بدران سرمائيدار جمهوري جدوجهد سڏيو ۽ ان جي نتيجي ۾ آيل انقلاب کي جمهوري ۽ عوامي انقلاب بدران سرمائيدار جمهوري انقلاب ڪوٺيو. اڳتي هلي جڏهن مزدور طبقي زور ورتو ۽

جاگيرداري کي ختم ڪرڻ واريون جدوجهدون سرمائيدارن بدران مزدورن جي اڳواڻيءَ هيٺ هلڻ ممڪن ٿي پيون، تڏهن اهڙن جاگيردار دشمن جدوجهدن کي سرمائيدار جمهوري جدوجهد بدران عوامي جمهوري جدوجهد سڏيو ويو، جن ملڪن ۾ سرمائيداري بدران جاگيرداري غالب هئي. جهڙوڪ پولينڊ، زيڪوسلوواڪيا، هنگري وغيره، تن ۾ سرمائيدارن بدران عوام طرفان هلايل جدوجهدن کي عوامي جمهوري جدوجهدون سڏيو ويو ۽ انهن جي ڪاميابي بعد جيڪي حڪومتون قائم ٿيون، تن کي عوامي جمهوريتون سڏيو ويو. هتي اها ڳالهه نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي تہ يورپ جا جيڪي ملڪ عوامي جمهوري جدوجهد ذريعي آزاد ٿيا ۽ جن کي عوامي جمهوريت سڏيو ويو، سي انقلاب کان اڳ گهٽ ۾ گهٽ رسمي طرح ڪنهن ٻي ملڪ جا غلام نہ هئا پر خودمختيار هئا.

پر ڪجهہ سال اڳ تائين ايشيا، آفريڪا، لاطيني آمريڪا جا اڪثر ملڪ اهڙا هئا، جن ۾ نہ رڳو جاگيرداري نظام چانيل هو پر اهي ڌارين جا غلام بہ هئا. ان وقت اتي مسئلو نہ رڳو جاگيرداري کي ختم ڪرڻ پر ان سان گڏ ڌارين جي غلامي کي ختم ڪرڻ جو بہ هو. انهن کي نہ رڳو جمهوريت قائم ڪرڻي يعني جاگيرداري کي ختم ڪرڻو هوپر ان سان گڏوگڏ ان جي جاءِ تي سرمائيدار نظام بدران عوامي نظام بہ قائم ڪرڻو هو. پر اهو سڀ تڏهين ممڪن ٿي سگهيو ٿي جڏهين انهن ٻنهي ڳالهين سان گڏ قومي آزادي بہ حاصل ڪئي وڃي. اهڙيءَ طرح انهن ملڪن ۾ هڪڙو تہ قوم کي آزاد ڪرڻو هو، يعني قومي جدوجهد هلائي قومي انقلاب آڻڻو هو، ٻيو جاگيرداري ختم ڪرڻي هئي، يعني جمهوري جدوجهد هلائي ٺورن وڏيرن، رئيسن، خانن، سردارن ۽ نوابن جي جاءِ تي "جمهور" يعني "گهڻي عوام" جو راڄ يا جمهوريت قائم ڪرڻي هئي ۽ ٽيون جاگيرداري نظام جي جاءِ تي سرمائيداري نظام بدران سوشلزم ڏانهن ونئي ويندڙ نظام قائم ڪرڻو هو. ٻين لفظن ۾ سرمائيدار جمهوريت بدران عوامي جمهوريت قائم ڪرڻي هئي، جيڪا اهڙي پُل هئي، جنهن جي وسيلي عوام جاگيرداري نظام کان ٽپي سوشلزم نظام تائين رسي سگهن ٿا.

اهڙي ريت جتي فقط جاگيرداري جو آزار آهي ۽ قومي غلامي ناهي، اتي فقط عوامي جمهوريت قائم ڪرڻ لاءِ عوامي جمهوري جدوجهد هلائي وڃي ٿي، ۽ عوامي جمهوري انقلاب آندو وڃي ٿو. پر جتي جاگيرداري لعنت سان گڏ، قومي غلامي جي لعنت بہ آهي، اتي عوامي جمهوري جدوجهد ۽ انقلاب سان گڏ قومي

جدوجهد ڪري، قومي انقلاب ڀـ آندو وڃي ٿـو. تـنهن ڪـري ان جدوجهـد تـي يڪـو هڪڙو نالو، قومي عوامي جمهوري جدوجهد ۽ انقلاب رکيو وڃي ٿو.

هيئن ڀـ ٿي سگهي ٿو تـ ڪي ملڪ سڄي جا سڄا ڪنهن ٻي جا غـلام نـ هجن، پـر ان ملڪ اندر رهندڙ ڪـي قومـون ٻـين جـون غـلام هجـن. جيـئن اسـين سنڌي ۽ بلـوچ قومـون، پنجابي قـوم ۽ مهـاجر لـساني گـروهـ جا غـلام آهيـون. ان ڏاڪي واري جدوجهد جو نالو عوامي جدوجهد رکيو ويو.

هينـين ڏاڪـي تـي اهـي سـڀ مـاڻهو ۽ قومـون ڪنيـون ڪيـون وينـديون، جيڪي قومي آزادي جا حامي هجن، ان لاءِ جاگيردار طبقي کي ڀـ ڪـافي ڇڏڇوٽ ڪئي ويندي ۽ رعايتون ڏنيون وينديون. ٻي ۽ مٿين ڏاڪـي تـي، اها ڇڏڇوٽ جي پاليسي ڏاڪي ڀـ ڏاڪي ختم ڪري جاگيرداري کي يڪو ٻهارو ڏنو ويندو.

پاڪستان ۾ جدوجهد مجموعي طرح عوامي جمهوري جدوجهد آهي، ڇـو تـ پاڪستان رسمي طرح هڪ خودمختيـار ملڪ آهي ۽ اهـو قـومي آزادي جـو ڏاڪـو ٽپي چڪو آهي، پر جيـئن تـ پاڪستان ۾ سنڌي ۽ بلوچ ماڻهو پنهنجي قـومي حقـن واسطي ويـڙهـ ڪـرڻ لاءِ مجبـور آهـن، تـنهن ڪـري انهـن لاءِ سندن جدوجهـد قـومي تـوڙي عـوامي جمهـوري جدوجهـد هونـدي، پنجابي، پـناڻ ۽ مهاجرن لاءِ اها خالص عوامي جمهوري جدوجهد هوندي. اها ڳالهـ جنهن حساب سان ٺئـي ٿـي، اهـو حساب هينئر ڪجهـ بدليو آهي. ڪجهـ وڌيـڪ تجربـي ڪـان پـوءِ بـدليل صـورتحال ۾ مٿـي ذڪـر ڪيـل "قـومي"، "عـوامي" ۽ "جمهـوري" اصطلاحن جـي اسـتعمال ۾ تبـديلي آندي وئي آهي، جيـئن ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جا جيڪي ملڪ ڪجهـ عرصو اڳ قـومي غلامـي جا شـڪار هئا، سـي هـاڻ ذري گهـٽ سـڀ آزاد ٿـي چڪـا آهـن، تنهنڪـري قـومي غلامـي پنهنجـي روايتـي معنـىٰ ۾ دنيـا ۾ نـالي مـاتر وڃي بچي آهي. اڄ دنيا جي ملڪن جي گهڻـي اڪثريت رسـمي طـرح خودمختيـار آهـي، ان ڪـري اڳـوڻي حساب سان يـورپ، آمريڪـا، جپـان ڪـان سـواءِ بـاقي دنيـا ۾ هـاڻي جيـڪي جدوجهدون آهن، سي فقط عوامي جمهـوري جدوجهـدون سـمجهڻ کپـن. پـر عملي طرح ڏٺو ويو آهي تـ اها رسمي آزادي گهڻي ڀاڱي نالي مـاتر آهـي ۽ دنيـا جا اڪثر ملڪ سامراج جا غلام آهن. سڌي طرح نـ پر اڻ سڌي طـرح انهـن ملڪـن لاءِ آزاديءَ جي جنگ اڃان ختم نـ ٿي آهي، ان فقط روپ بـدلايو آهـي. ان ڪـري اهـڙن سمورن ملڪن کي، حقيقي قـومي آزادي جـي جدوجهـد جـاري رکـڻ گهرجـي. هـاڻي اهڙن ظاهري طرح آزاد ملڪن جي ماڻهن طرفان سامراجي غلامـي خـلاف سـامراج

دشمن جدوجهدن کي ٻہ قومي جدوجهدون سڏيو وڃي ٿو. اهڙن ملڪن ۾ مجموعي جدوجهد جاگيرداري خلاف يعني عوامي جمهوري هوندي، پر ملڪ اندر ننڍڙين مظلوم قومن لاءِ اها عوامي جدوجهد سان گڏ قومي جدوجهد بہ هوندي، چو تہ انهن کي قومي بالادستي کان بہ جان ڇڏائڻي آهي.

اڳتي هلي تجربي جي روشني ۾ ڏنو ويو تہ جتي قومي عوامي جمهوري جدوجهد هلائڻي آهي يعني جاگيرداري خلاف توڙي قومي آزادي، ٻنهي لاءِ جدوجهد ڪرڻي آهي، اتي اهو بهتر ٿيندو تہ ٻنهي جدوجهدن کي گڏ هلائيندي ان يڪي گڏيل جدوجهد کي ٻن ڏاڪن ۾ ورهايو وڃي.

پهرين ۽ هيٺين ڏاڪي تي قومي غلامي خلاف جدوجهد تي گهڻو زور ڏنو وڃي ۽ ٻي جدوجهد تي ان کان ٿورو گهٽ زور ڏنو وڃي. ان ڏاڪي کي ڪاميابيءَ سان ٽپڻ ۽ قومي آزادي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ عوامي جدوجهد يعني جاگيرداري جي هر نشان کي ڪرڙي صاف ڪرڻ جي جدوجهد کي پوري زور شور سان ڪنيو وڃي ۽ جاگيرداري جي ٻڙ بنياد کي ختم ڪيو وڃي. ان هيٺين شروعاتي جدوجهد جي ڏاڪي جو نالو قومي جدوجهد رکيو ويو ۽ مٿين انهن جدوجهدن سان بہ اهوئي قانون لاڳو ڪيو ويندو آهي تہ يڪي قومي عوامي جمهوري جدوجهد کي ٻن ڏاڪن ۾ ورهائي، هيٺين ۽ شروعاتي ڏاڪي کي، قومي جمهوري جدوجهد ۽ مٿين ڏاڪي کي، عوامي جمهوري جدوجهد سڏيو وڃي ۽ ٻنهي ڏاڪن جي جدوجهدن لاءِ هڪڙي يڪي حڪمت عملي ماتحت مختلف پاليسيون ڪتب آنديون وڃن.

اهڙيءَ طرح ڏنو ويندو تہ قومي جمهوري جدوجهد ۽ عوامي جمهوري جدوجهد جا اصطلاح تاريخي واڌاري جي پيداوار آهن. ٻئي مارڪسي، سائنسي اصطلاح آهن ۽ هڪڙي ساڳي جدوجهد جي ٻن ڌار ڌار ڏاڪن جا ڌار نالا آهن. اهي ٻئي هڪ ٻئي جون مخالف جدوجهدون ناهن. چيني روسي جهڳڙي سان انهن اصطلاحن جو ڪوبہ واسطو ڪونهي. ان باري ۾ روس ۽ چين ۾ ڪڏهين بہ ڪو تڪرار يا بحث نہ ٿيو آهي. عالمي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ بہ انهن بابت ڪوبہ اختلاف يا تڪرار ڪونهي.

پاڪستان ۾ ڪنهن بہ ان کي تڪراري نقطو نہ ٺهرايو آهي. ان بابت هڪڙو بہ ليک نہ لکيو ويو آهي.

ان ڳالھ کان شيعي سني قسم جو فساد ڪڙو ڪرڻ جي ڪوشش فقط لکنو ۽ دهلي جي شوشي بازن جي فتني باز ذهنن جو فتور آهي يا سندن فرمانبردار چاڙتن جي جهالت ۽ حماقت ۽ غلامانہ ذهنيت جو ثبوت آهي.

(محترم رسول بخش پليجي صاحب جي ليڪچر تان ورتل)

# ڳڏيل مفادن ۽ انصاف جي بنياد تي پاڪ ـ هند ناهہ ضروري آهي.

پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ جيڪي جنگيون لڳيون آهن انهن ۾ ٻنهي ملڪن جا ايڏا وڏا نقصان نہ ٿيا آهن جيڏا وڏا نقصان ٻي جنگ عظيم ۾ هڪڙي طرف جرمني، جپان، وغيره ۽ ٻئي طرف روس، برطانيا ۽ آمريڪا وغيره هڪ ٻئي جا ڪيا آهن. جپان جي ناگاساڪي ۽ هيرو شيما شهرن تي ايٽم بم ڪيرايا ويا، جنهن ڪري لکين انسان اذيتناڪ موت جو شڪار ٿيا. جرمني تي ڪيل بمباري ۾ جرمني جا سمورا وڏاشهر تباهہ ۽ برباد ٿي ويا. خود جرمنيءَ اتحادي ملڪن ۾ زبردست تباهي آندي ۽ وار ڪانداريندڙ ظلم ڪيا. صرف هڪڙي ملڪ روس جا ٻہ ڪروڙ انسان نازي جرمنيءَ جي مڙهيل جنگ جو شڪارٿي ويا. پر ان هوندي بہ جڏهن ناهہ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي تہ انهن ملڪن جي حڪومتن لنوايو ڪونہ، انهن عقل کان ڪم وٺي ڳڏيل فائدي خاطر پنهنجي معاملن جو فيصلو ڪري ڇڏيو.

برصغير هند ۽ پاڪستان ۾ رهندڙ ماڻهن مان ڪيترائي مسلمان ٻاهران آيل آهن پر گهڻا مسلمان اهي آهن جيڪي برصغيرجي اصل رهواسين جو اولاد آهن. تنهن ڪري هند پاڪ جي ماڻهن جي تمام وڏي گهڻائي هڪڙي ئي نسل سان واسطو رکي ٿي. مسلمان هئڻ ڪري هن مسلم ثقافت تي ايران ۽ عرب ثقافتن جا وڏا گهرا اثر آهن. پر ان جي باوجود برصغير هند و پاڪ جي ثقافتہ تمام گهڻيون شيون ساڳيون آهن. هندستان ۽ پاڪستان جون معيشتون گهڻين ڳالهين ۾ هڪ ٻئي جي پورائي ڪن ٿيون، ٻنهي ملڪن جي دفاع تي تمام گهڻو خرچ ٿئي ٿو. ٻئي ملڪ تمام غريب آهن. وڏي ملڪ هندستان وٽ ڪيترائي راڪيٽ ۽ مختلف ميزائيل وغيره ڪٽي چو نہ هجن پر عام هندستاني ماڻهو تمام غريب آهي. برصغير هند و پاڪ وارو جنوبي ايشيا جو خطو دنيا جي غريب ترين علائقن مان هڪ آهي. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي، تہ انهن ملڪن جي لاڳاپن ۾ زهر ملائيندڙ اختلافن جو منصفاڻو ۽

دانشمنداڻو حل ڪڍيو وڃي. بدقسمتي سان ماضي ۾ ٻنهي ملڪن جي نہ صرف حڪومتن پر باشعور سمجهندڙ ماڻهن پڻ اهڙا موقف اختيار ڪيا آهن ۽ پنهنجي عوام سامهون اهڙي پروپئگنڊه ڪئي آهي ۽ ڊس انفارميشن پڪيڙي آهي، جو عوام جي هڪڙي وڏي حصي جون دليون پڻ هڪ ٻئي خلاف ٿي ويون آهن ۽ هو اڄ هڪ ٻئي بابت تمام وڏا شڪ ۽ خوف جا احساس رکن ٿا.

انڊين نيشنل ڪانگريس، ان جي حڪومتن ۽ هندي دانشورن جي گهڻائي جو موقف هميشہ اهو رهيو آهي تہ هندستان جو ورهاڱو انگريز سامراج، محمد علي جناح ۽ رجعت پرست نوابن، جاگيردارن جي هندستان دشمن سازشن جو نتيجوآهي. هندستان جا مسلمان ان سازش جو شڪار نہ ٿين ها ۽ محمد علي جناح پنيان هلڻ بدران ڪانگريس ۽ ان جي اڳواڻن خصوصن گانڌيءَ ۽ نهروءَ جي سيني هندستانين کي هڪڙي اک سان ڏسڻ واري سامراج مخالف صحيح قيادت جي پيروي ڪن ها تہ اڄ هو ترقي جي بلندين تي هجن ها. پاڪستان ۾ هڪڙي ننڍي پر مضبوط ۽ وڏندڙ لابي ان موقف کي صحيح سمجهي. ان جو زور شور سان پر چار ڪندي رهي آهي. ۽ ڪري رهي آهي. ان جي ابتڙ پاڪستاني ماڻهن جي هڪ وڏي گهڻائي اهو سمجهي ٿي تہ مسلمان اقليت ڪنهن ٻئي مذهب کي مجيندڙ گهڻائي سان رهي نہ ٿي سگهي، هندن ۽ مسلمانن جي دشمني تاريخي آهي. اها ڪڏهن بہ ختم نٿي ٿي سگهي. تنهنڪري هندستان جي آزادي جي مسئلي جو سواءِ ورهاڱي جي ٻيو ڪوبہ حل ٿي ئي نہ ٿو سگهي، اڄ دنيا جا روشن خيال ماڻهو پاڪستان جي ان سوچ کي رد ڪن ٿا ۽ چون ٿا تہ مختلف مذهبن جا ماڻهو گڏ رهي سگهن ٿا.

ڪانگريس ان جي حڪومت ۽ ان جا هندستاني توڙي پاڪستاني هم خيال هيٺ بيان ڪيل تاريخي طور تي ثابت ٿيل حقيقتن کي نظر انداز ڪن ٿا.

1. هندستان پنهنجي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن هڪڙي حڪومت جي هٿ هيٺ نہ رهيو آهي. ان ۾ سدائين گهڻيون حڪومتون رهيون آهن، تنهن ڪري پاڪستان جي مملڪت ڪو تاريخي عجوبو ناهي.

2. هندستان ۾ هندو ۽ مسلمان سدائين صلح ۽ امن سان ناهن رهيا. ايڪڙ ٻيڪڙ مثال هڪڙي طرف ۽ تاريخي شاهديون ٻئي طرف آهن.

3. ڪٽر هندو مسلم دشمني هزارين سال اڳ کان موجود هئي. انگريزن ان کي استعمال ڪيو ۽ وڌايو.

4. نہ گانڌي جي ڪٽر سامراج دشمن هو نہ جناح انگريزن جو پوئلڳ.

5. جناح گانڌي ۽ جناب نهرو معتصب، مذهبي تعصبن کان بالا تر ۽ هندو مسلمان کي هڪ اک سان ڏسڻ وارا نہ هئا.

6. جناح صاحب مذهبي نفرت ۽ تعصب پکيڙڻ وارو نہ هو.

7. جناح صاحب کي گانڌي جيءَ ۽ جناب نهرو ڌڪي الڳ سياست ڪرڻ تي مجبو ڪيو.

8. گانڌي ۽ نهرو 1916ع، 1919ع، 1928ع، 1937ع، ۽ 1946ع ۾ جناح جي نهايت معقول تجويزن کي هڪ ٻئي پٺيان حقارت سان رد ڪري ڇڏيو.

9. 1947ع ۾ انگريز سامراج ۽ ڪانگريس ۽ خصوصن نهرو خاندان ۽ مائونٽ بيٽن خاندان هڪڙو هو ۽ انهن گڏجي پاڪستان کي پيدا ٿيندي ئي ختم ڪرڻ لاءِ تمام گهڻيون زيادتيون ڪيون. هي رويو عملن اڄ تائين قائم ۽ هلندڙ آهي.

10. محمد علي جناح پاڪستان اچڻ شرط آگسٽ 1947ع ۾ جيڪو موقف اختيار ڪيو، اهو هي هو تہ پاڪستان جا شهري هڪڙي قوم آهن. پلي انهن جا مذهب ڪيترائي مختلف ڇو نہ هجن.

11. ڪانگريس ۽ هندستان جي حڪومت ڪشمير ۽ حيدرآباد بابت ٻٽا معيار اختيار ڪري دشمني کي هٿي ڏني.

12. پاڪستان عملن آزاد ٿيو ئي ڪونہ جناح جي خومختياري ۽ روشن خيال سياست کان انڪاري عوام دشمن، رجعت پرست، سامراج پرست پاڪستاني حڪمران ٽولن پاڪستان کي آمريڪا جي هڪڙي ڪالوني ٺاهي دم پٽيو. ان ڳالهہ کي ممڪن بنائڻ ۾ ڪانگريس ۽ ان جي حڪومتن جي مٿي بيان ڪيل تنگ نظر پاليسن جو بنيادي ڪردار رهيو آهي.

اڄ هندستان جي آزادي جي جدوجهد جي تاريخ بابت تمام گهڻو رڪارڊ ڇپجي چڪو آهي، ۽ مسلم ليگي توڙي ڪانگريس ۽ هندستاني توڙي پاڪستاني حڪومتن جي پروپئگنڊا مدي خارج ٿي چڪي آهي، سڀ کان وڏي ڳالهہ هيءَ آهي تہ جتي پاڪستان جا نام نهاد روشن خيال ۽ لبرل بزرگ اڄ تائين دقيانوسي ڪانگريسي موقف سان چنبڙيل آهن، اتي گانڌي جي پوٽي موهن گانڌي سميت هندستان جا نوان روشن خيال ايماندار تاريخدان ۽ دانشور بنا هٻڪ جي لکي ۽

چئي رهيا آهن تہ محمد علي جناح کي ورهاڱي جو مطالبو ڪرڻ تي مجبور گانڌي ۽ نهرو ڪيو.

قومن جي وچ ۾ ڀائيچاري حقيقت پسندي انصاف پسندي ۽ گڏيل مفادن جي تحفظ جي بنياد تي ئي قائم ٿي سگهي ٿي ٻنهي ملڪن جي عالمن، دانشورن، نظرئي سازن ۽ عوام دوستن کي اصل حقيقتن جي تحقيقات ڪري اهي ظاهر ڪرڻ گهرجن ۽ انهن حقيقتن کي تسليم ڪري پاڪستان ۽ هندستان جي مملڪتن ۽ عوام ۽ حڪومتن کي پاڻ ۾ ڀائر ۽ گهاٽا دوست ٿيڻ گهرجي. ان ۾ ئي اسان سيني هن برصغير جي رهواسين جي ايشيا ۽ ٽين دنيا جي سڄي جهان جي عوام جي ڀلائي آهي.

# دنيا جي تاريخ جا ٻہ وڏا خالق: شهنشاھ چندر گپت موريا ۽ وزيراعظم ڪوتليہ چاڻڪيہ

ڪي چون ٿا تہ جڏهن هو پاڻ ۾ پهريون دفعو مليا تڏهن چندرو ڏراڙ هو ۽ وشنوءَ کيس خريد ڪري پنهنجي شهر وٺي وڃي پڙهايو ۽ سيکاريو. ڪي چون تہ چندرو اُن وقت ڏاڙو نہ پر فوج مان ڀڳل عملدار هو. باقي خود وشنو اصل ڪير هو؟ ڪٿي ڄائو هو؟ سندس مائٽ ڪير هئا؟ تنهنجي اڄ ڏينهن تائين پوري خبر ڪانہ پئجي سگهي آهي. البت ايتري سا خبر آهي تہ هو ذات جو برهمڻ هو ۽ وڏو عالم هو ۽ اڄوڪي لاهور ۽ پنڊي جي وچ ۾ ٽيڪسلا جي شهر ۾ رهندو هو، جيڪو انهن ڏينهن يعني حضرت عيسىٰ جي ڄمڻ کان اٽڪل ساڍيون ٽي صديون اڳ ۽ اڄ کان اٽڪل ساڍيون ٽيويهہ صديون اڳ ايران جو هڪڙو صوبائي شهر هو. انهن ڏينهن جو دنيا جو بري توڙي بحري فيل مست سپر پاور ايران هو. ايراني شهنشاهيت جي سڄي جهان ۾ ٻلي ٻلي هئي. اوير ۾ سنڌ ۽ پنجاب سميت اولهہ هندستان، اتر افغانستان، سمرقند، بخارا ۽ ٻيا وچ ايشيا جا ملڪ جارجيا، آرمينيا ۽ اولهہ ۾ شام، عراق، اردن، فلسطين، ترڪي، يونان، مصر ۽ ڏکڻ ۾ عرب ۽ يمن سڀ يا تہ سندس هئا يا سندس ڏھ آني ڇهہ آني پريندا هئا. ايران جو بحري ٻيڙو ايشيا ۾ يورپ کي ڳنڍيندڙ سمنڊن جو والي هو. هومر، سقراط، افلاطون ۽ ارسطو جهڙن دنيا جي عظيم ترين انسانن جي وطن عظيم يونان جي ان دؤر جي ذري جي گهٽ سموري تاريخ ايراني سلطنت جي ڏاڍ، ڌهڪاءَ، فوجي بالادستي ۽ خطرناڪ سياسي حڪمت عمليءَ کان پاڻ بچائڻ جي تاريخ بنيل هئي. روم اڃان پيرڙيون مس پئي ڪنيون.

وشنو وڏو خفتي هو. چون ٿا تہ هڪڙي ڏينهن ٻيلي ۾ هلندي ڪنهن گاھ سندس پير چلي وڌا. ڇا ڪيائين جو پاٽي ۾ ڪنڊ وجهي ڳاري اهو منو پاٽي ڪٽي گاھ جي پاڙن ۾ وڌائين. چندروءَ پڇيس، ”استاد! هي ڇا ٿو ڪرين؟“ چيائين، ”هن گاھ منهنجا پير چليا آهن، ان ڪان وير ٿو وٺان.“ چندروءَ چيس، ”پوءِ ڪٽي ٿا پاڙان پٽي اڇلائي ڇڏيونس تہ پلي سڙي سُڪي وڃي.“ چيائين تہ ”دشمن کي سيکت ڏيڻ لاءِ هر وقت رڳو پنهنجو پاڻ کي ڪم آڻڻو پوي تہ پوءِ جٽ ۽ داناءَ ۾ فرق ڪهڙو؟

هاڻي ويهي ڏس تہ پنهنجي طرفان هن گاهہ خلاف ڪجھ بہ ڪرڻ ڪانسواءِ ۽ اٽلو ڪيس منو پاڻي پيارڻ سان ڪيئن ٿي سندس تباهي اچي.“ ايتري ۾ مناڻ جي باس تي ماڪوڙين جو هڪڙو ڪٽڪ اچي ڪڙڪيو جنهن مناڻ جي لالچ تي گاهہ کي پٽي ڪائي ناس ڪري ڇڏيو!

وشنو، چندروءَ کي دل جان سان پڙهايو ۽ سيکاريو. هن ڪيس رڳو ڪتابي ڪيڙو نہ پر اعليٰ درجي جو عملي انسان بنجڻ سيکاريو. ويدن، پراڻن، مهاڀارت، رامائڻ، پاڻني جي گرامر ۽ سنسڪرت جي علم ۽ ادب سان گڏ هن حڪومت، سياست ۽ جنگ جي علم ۽ فن جا راز بہ سيکاريا. تانجو جڏهن انساني تاريخ جو هڪڙو وڏي ۾ وڏو طوفان آيو تڏهن چندرو ۽ وشنو نہ رڳو ٻين لکن ڪروڙن ماڻهن وانگر باهہ ڪونہ ٿي ويا پر اٽلو ان طوفان تي سوار ٿي پنهنجي حيرت انگيز منزل طرف روانا ٿي ويا. اهو زلزلو آڻڻ واري استاد شاگرد جي هڪڙي جڳ مشهور جوڙي هئي، جيڪا وشني ۽ چندرو سان گڏ ڌرتيءَ تي ان وقت موجود هئي. سموري انساني تاريخ جي پهرين نمبر علمي ۽ سائنسي استاد ارسطو جي عالمي تاريخي فاتح ذهن جي رنگ ۾ رنگجي پنهنجي پيءُ هاڪاري فوجي ماهر، جنرل ۽ فاتح بادشاهہ فلپ جي قتل کان پوءِ جڏهن سڪندر 21 ورهين جي جمار ۾ تخت تي وينو، تڏهن جڻ پهرين ڏينهن اعلان ڪيائين، ”آئون يونان کي تابع ڪري ايراني شهنشاهيت کي تباهہ ڪندس ۽ سجي دنيا فتح ڪندس.“ ڪيترن ان ڳالھ کي هڪڙي نوجوان جي جواني جو جوش سمجهيو، پر هن نوجوان جو نالو سڪندر هو. هن سجي عمر جڻ ان هڪڙي جملي چئي سگهڻ لاءِ گذاري هئي. هاڻ جملي کي صحيح ثابت ڪرڻ جو موقعو ۽ چئلينج سامهون موجود ٿي چڪو هو. هو اوڀر يورپ جي اجوڪي يوگوسلاويا ملڪ جي مقدونيا علائقي مان واچوڙي وانگر نڪتو ۽ يونان ۽ مصر کي زير زبر ڪندو سوين سالن جي اجگر جيڏي ايراني شهنشاهيت کي ڪکن جي پونگي وانگر ڏاهيندو، لتاڙيندو ايران جي شهنشاهہ دارا ٽئين کي ڀوڙائيندو افغانستان ۽ وچ ايشيا جي ملڪن کان ٿيندو وڃي چين کان نڪتو. اتان موٽي افغانستان کي تابع ڪندو، هندوڪش پهاڙن کي چيريندو هڪڙي ڏينهن اچي وشنو ۽ چندرو جي شهر ٽيڪسلا تي ڪڙڪيو. هندستان ۾ قهرام مچي ويو: ”ياون (يوناني) اچي ويا! ياون اچي ويا!“ وشني چندرو کي موڪليو تہ وڃي ڏسي اچ تہ ياون ڪهڙا ٿيندا آهن ۽ ڪيئن ٿا وڙهن؟ انهن کي دنيا ۾ ڪوبہ شڪست نہ ڏئي سگهيو سو ڇو؟

چون ٿا تہ چندرو الائي ڪهڙي ريت خود دنيا جي فاتح اعظم جي روبرو پهچي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. الائي ڪهڙي ڳالهہ ٻولهہ ٿي پر اها خبر آهي تہ يوناني سورهيہ کي چندروءَ جي ڳالهہ ڪانہ وڻي ۽ اجا سوچيائين پئي تہ هن کي گرفتار ڪري ڪيس گستاخي جي سزا ڏجي تہ چندرو ڳالهہ کي سمجهي، اک ڇنڀ ۾ کسڪي ويو. وشني هڪڙو ئي سوال پڇيس: ”ڇا تو سمجهين؟ ياون ڪٽڪ کي ناس ڪرڻ انسانن جي وس ۾ بہ آهي يا فقط ديوتائن جي وس ۾ آهي؟“ هن وراڻيو: ”جي ڪو سنو وجهہ ملي تہ ٻيا انسان تہ ٺهيو پر پاڻ بہ ڪين ناس ڪري سگهون ٿا.“ استاد وشني جڻ پنهنجي سڄي زندگي پنهنجي شاگرد کان اهڙي ئي ڪنهن جواب ٻڌڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. پوءِ هڪڙي ڏينهن وشني ۽ چندروءَ کي سندن گهربل موقعو ملي ويو. سڪندر سنڌو درياءُ ٽپي جهلم وٽ پورس کي جيئدان ڏيندو، جڏهن بياس نديءَ تائين پهتو تہ سندس يوناني فوج اڳتي وڌڻ کان ڦِري کڙي بيهي رهي. هو لاچار ملتان ۽ ٻيا شهر فتح ڪندو، نوان شهر اڏائيندو، يوناني بيٺڪون قائم ڪندو، سنڌ ۾ سنڌين جي بار بار بغاوتن کي چيپاٽيندو اچي ڪيٽي بندر کان نڪتو. ٻٽي ڏينهن سمنڊ جي ڪناري تي پيرين پنڌ هلندو سامونڊي ڪنارو جاچيندو رهيو. پوءِ پنهنجي فوج کي بہ اڌ ڪري هڪڙو اڌ سمنڊ رستي پنهنجي بحري فوج جي سپهہ سالار امير البحر فيئرڪس جي اڳواڻيءَ ۾ واپس موڪليائين. ٻئي اڌ کي ساڻ ڪري موٽي مڪران واري رستي کان ايراني سرحد ڏانهن پنڌ پيو، واٽ تي ڏاڍا ڪشالا ڪاٽڻا پيس، پر مڙس اڻ موٽ هو. ايران کان ٿيندو وڃي بابل جي منزل کي پهتو. البت منزل تي سندس مهمان جڻ اڳ جهليو وينو هو. جنهن ايندي شرط ڪٽي ڀڪَ وڌس. اهو سال 222 ق. م. هو، دنيا جي وڏي ۾ وڏي فاتح 12 سالن ۾ دنيا کي ائين بدلائي ڇڏيو جو اها وري سڃاڻڻ ۾ ئي ڪانہ آئي تہ هيءَ ڪا ساڳئي 12 سال اڳ واري دنيا آهي. سڄي دنيا جي تاريخ اڳيان جيڪي ’جيڪڏهن‘ جا وڏي ۾ وڏا سوال آهن تن مان هڪڙو هي آهي تہ، ”جيڪڏهن سڪندر اعظم 222 ق. م. ۾ 25 سالن جي ننڍي عمر ۾ ئي مري نہ وڃي ها ۽ ڪيس 40 ـ 50 سالن جي حياتي ملي ها تہ هو دنيا جو نقشو ڪهڙو بنائي وڃي ها؟ اڄ اها ڪهڙي روپ ۾ هجي ها؟“

عظيم ارسطو جو شاگرد ڪو رڳو چنگيزي قسم جو پيشہ ور قاتل فاتح ڪونہ هو. هو عام تصور کان بہ وڌيڪ گهڻ طرفو ۽ گهڻ ڳڻيو عظيم انسان ۽ هڪ جينئس هو. هو پنهنجي زماني جو هڪڙو وڏي ۾ وڏو روشن خيال سياسي

سڌارڪ، اقتصادي ڄاڻو، وسيع النظر ۽ دورانديش منتظم، مدبر، علم ۽ سائنس جو عاشق ۽ نهايت فراخ دل انسان هو. پنهنجي دؤر جي حساب سان صحيح معنيٰ ۾ تعصب کان بالاتر دنيا جو شهري هو. هن ارسطو جون سونپيل کوجنائون کيون. مثلن نيل ندي ۾ اوچتي ٻوڏ ڇو ٿي اچي؟ ارل سمنڊ آهي يا ڍنڍ؟ هندوڪش جبلن مٿان بيهي ڏسبو ته ايرندي طرف سمنڊ نظر ايندو يا نه؟ وغيره. هن نوان شهر ۽ نيون يوناني بينڪون ۽ نوان ثقافتي، اقتصادي مرڪز قائم ڪيا. هن پنهنجي قبضي هيٺ آيل ملڪن جي ارتقا جو رخ صدين لاءِ موڙي ڇڏيو. سڪندر کي اولاد ڪونه هو، سندس سلطنت سندس جنرلن پاڻ ۾ ورهائي ڪنئي. مصر، جنرل وليمي کي حصي ۾ آيو جنهن جي پٺ مان هاڪاري ملڪه قلوپطره پيدا ٿي. افغانستان، اولهه هندستان ۽ وچ ايشيا جا ملڪ جنرل سليوڪس کي مليا. سڪندر هندستان ۾ پنيان پڪو بندوبست ڪري ويو هو. ڪانئس پوءِ ايندڙ شهنشاهه اڪبر، انگريزن جهڙن سياسي ذهن رکندڙ فاتحن وانگر هن جي پاليسي به گهڻ طرفي فتح جي پاليسي هئي يعني فوجي فتح سان گڏ سياسي، فڪري، انساني، اقتصادي ۽ ثقافتي فتح جي پاليسي. هن هر هنڌ پنهنجي هٿان شڪست کاڌل قوتن کي پنهنجو ڪري پاڻ سان ڪٽڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي. هندستان ۾ هو، جيتوڻيڪ سنڌ ۽ ملتان جهڙن علائقن جا حاڪم پنهنجا ڪرڻ ۾ ناڪام ويو، ته به پنجاب، ڪشمير ۽ ٻين آس پاس جي علائقن جا حاڪم هو پاڻ سان ڪٽڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. وشنو ۽ چندرو جي شهر ٽيڪسلا جو راجا اميي آڻ مڃي ساڻس ملي ويو ۽ سڪندر کيس سنڌو نديءَ ۽ جهلم جو علائقو ڏنو. پورس کي جهلم کان بياس جو علائقو ڏنائين. ڪشمير جي حاڪم کي پنجاب جو باقي علائقو ڏنائين. البته جن جن علائقن مان يونانين کي سخت خطرو هو، انهن تي يوناني يا ايراني گورنر مقرر ڪيائين. سنڌ جو گورنر پيٿن کي مقرر ڪيائين، سرحد جو گورنر نڪانور کي مقرر ڪيائين. ان جو هيڊ ڪوارٽر سڪلاوتي (هاڻوڪو چارسده) قائم ڪيائين. ڪابل تي پنهنجو ايراني سهرو اوڪسياريتس گورنر مقرر ڪيائين. جيئن ته پنجاب جو حڪمران طبقو ذري گهٽ سڄو يوناني حاڪمن جو ٿي ويو هو، تنهنڪري هاڻ جنهن کي دماغ ۾ هندستان پاران يونان سان ٽڪر کائڻ جي هوا پيدا ٿئي ها، تنهن جو بڻ بنياد ختم ڪرڻ لاءِ پنجاب جا راجا پورس ۽ راجا اميي جهڙا يونان پرست هندستاني راجائون ئي پورا هئا. وشنو ۽ چندرو سيڪجهه پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ سمجهيو هو. هنن ايرانين جي صدين

جي جاه جلال کي بہ ڏنو هو ۽ ان جاه جلال کي اک چنبي ۾ ختم ٿيندي بہ ڏٺو هو.

هنن هندستاني راجائن جو اڳوڻو شان شوڪت بہ ڏٺو هو. سندن يونانين هٿان برا حال بہ ڏٺا هئا ۽ هاڻ سندن يونانين جي زور تي اڳي کان اڳرا روب تاب بہ ڏٺا هئا. وشنو کي پنهنجي وطن مٿان ايراني سامراجي عذاب جو تجربو بہ هو، ان کري هو ٽيکسيلا کان هزارين کوه پري پٽالي پترا جي نندا راڄ ۾ وڃي رهڻ جي ناکام کوشش بہ کري چڪو هو. يونانين ۽ سندن مکاني غدار چاڙتن جي راڄ جو نئون نظام بہ کين ڏٺو نٿي وڻيو. ظلم ۽ غلامي خلاف نفرت جڻ جائي ڄم کان سندن نس نس ۾ سمايل هئي. تاريخ جي کن کن ڏاکن تي کن کن ماڻهن جي ويساهہ ۾ نہ ايندڙ غيرمعمولي ذهانت ۽ دليري، اعلىٰ ترين سوچ ۽ سمجهہ، بي مثال سچائي ۽ سورهيائي ۽ اٿاهہ ثابت قدمي ۽ لگن، هڪ ڏاڪي تي پهچي اول جنون پوءِ حقيقي عظمت جي سرحدن کي ڇهي ويندا آهن ۽ خود تاريخ کي پاسو بدلائڻ تي مجبور کري ڇڏيندا آهن ۽ پوءِ ائين نئون تاريخي دؤر جنم وٺندو آهي. وشنو ۽ چندرو سوچي سوچي پنهنجي خواب کي حقيقت بنائڻ جو هڪڙو تاريخي بلڪ تاريخ ساز فيصلو کيو ۽ پوءِ پنهنجون باقي رهيل عمريون ان آدرش جي حاصلات لاءِ وقف کري ڇڏيائون. هنن فيصلو کيو تہ سموري هندستان جي مقدس سرزمين کي ڌارين يوناني غلام بنائيندڙن، سندن اميي پورس جهڙن غدار چاڙتن ۽ پٽاليپترا جي نندا جهڙن نااهل لالچي ۽ ظالم حاکمن کان پاک کري هندستان ۾ هڪڙي اهڙي شاندار پکي پختي خودمختيار ۽ طاقتور سلطنت قائم کئي وڃي، جنهن ڏانهن کو اک کڻي نهارڻ جي بہ جرئت نہ کري سگهي. هنن پنهنجي ذهنن ۾ هندستاني تاريخ جي پهرين عظيم جنگِ آزادي شروع کري ڇڏي. هنن اتر اولهہ هندستان جي ٻيلن، پهاڙن، ميدانن ۽ ندين جي کنارن ۾ مڙس ماڻهن جي ڳولا شروع کري ڏني. هنن جيکي ماڻهو هٿ کيا تن ۾ ارتا يا ارش تراکا، پرستلا، مدرا، کراتا گنڌرا، کاسا اوساتي سنڌو (سنڌي) ۽ سؤوير شامل هئا. هنن کافي تعداد ۾ چوراگنا (چورن جا ٽولا) پرتي کيا. انهن مان کيترا اڳ ۾ سکندر سان چوٽون کائي چڪا هئا. کجهہ ڏينهن کانپوءِ جڏهن وٽن کافي تعداد ۾ ماڻهو گڏ ٿي ويا، تڏهن هنن هماليہ جي هڪڙي رياست جي راجا پرواتکا کي پنهنجي پاسي کرڻ جي کوشش کئي، جنهن ۾

آخر هو ڪامياب ٿي ويا. پراوتڪا جي فوج ۾ خود ڪي يوناني بہ هئا جيڪي سڪندر پويان ڇڏي ويو هو ۽ جيڪي ڪانئس انڪري ناراض هئا.

يوناني راڄ پاران يونان جا حامي پنج بادشاهہ هنن تي حملو ڪري آيا. اهي هئا قلوطا جو راجا جٿا پرما، ملايا جو سنيان ادا، ڪشمير جو پشڪار ڪشا، سينڌو جو سنڌو شهنا، پراسيڪا جو راجا ميگها. چندروءَ ۽ وشنوءَ ۽ سندن ساٿين جي گوريلا فوج هڪ هڪ ڪري سيني راجائن کي شڪست ڏني. تنهن ڪانپوءِ وارو آيو يونان جي صوبائي گورنرن ۽ ڪمانڊرن جو. نڪانور سڪندر جي هندستان ۾ هوندي قتل ٿي ويو. تنهن ڪانپوءِ جهلم ۽ هندوڪش جي وچ واري علائقي جي گورنر فلپ کي قتل ڪيو ويو. ان جي جاءِ تي ٽيڪسيلا جي راجا اميي کي اها چارج بہ ڏني ويئي.

ٻن سالن جي خونخوار لڙاين ڪانپوءِ سنڌو درياهہ جي اوپر وارو سڄو علائقو وشنو ۽ چندروءَ جي قبضي ۾ اچي ويو ۽ انهيءَ علائقي ۾ يونانين ۽ سندن غدار حامين جو ٻڻ بنياد ناس ٿي ويو. تان جو 222 ق. م. جنهن سال سڪندرِ اعظم بابل ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو، ان سال چندروءَ 'چندر گپت موريا' جي لقب سان آزاد هندستان جي بادشاهت جو اعلان ڪيو. وشنو 'وشنوگپتا ڪوتليہ چاڻڪيہ' جي نالي سان هندستان جي هن نئين سلطنت جو وزيراعظم ٿيو. يوناني مؤرخن چندر گپت جي انهيءَ عقل چرخ ڪندڙ شاندار ڪاميابيءَ لاءِ عجيب و غريب دليل ڏنا آهن. يوناني تاريخ نويس جسٽين لکي ٿو: "سڪندر جي وفات ڪانپوءِ هندستان پنهنجي ڳچيءَ مان غلاميءَ جو طوق پچي لاهي اڇلائي ڇڏيو ۽ يوناني گورنرن کي قتل ڪري ڇڏيائين. هن آزاديءَ جو باني سئندرو ڪوٽيس (چندر گپت) هو. هي غريب مائٽن جو ٻار هو ۽ آسماني قوتن طرفان سندس اهڙي همت افزائي ۽ مدد ڪئي وئي جو هن جي دماغ ۾ بادشاهہ ٿيڻ جو حوصلو پيدا ٿيو جنهن جو مثال اهو آهي جو سڪندر جي اڳيان بي ڊپائيءَ سان ڳالهائڻ ڪري سڪندر مٿس ڪاوڙجي پيو ۽ حڪم ڏنائين تہ "هنکي قتل ڪيو وڃي." پر پوءِ پڪڙجڻ کان اڳ ۾ تيزيءَ سان پچي گم ٿي ويو. جڏهن ڊوڙي ڊوڙي ٿڪي ڪري پيو ۽ ننڊ ڪٽي ويس تڏهن هڪڙو وڏو شينهن اتي اچي نڪتو، جنهن سندس منهن تي وهندڙ پگهر کي پنهنجي جڀ سان چٽيو ۽ اهڙي ريت نرمائيءَ سان سجاڳ ڪري هليو ويو. انهن ڪرامتن جي ڪري سندس حوصلو وڌي ويو ۽ سندس دماغ ۾ بادشاهہ ٿيڻ جو خيال پئدا ٿيو ۽ هن ڌاڙيلن جو

ٿولو گڏ ڪري ورتو. هندستانين کي بچ ڪيائين ته يوناني سلطنت جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ جڏهن سڪندر اعظم جي جنرلن تي حملو ڪرڻ پئي ويو تڏهن هڪڙو اجگر جيڏو جهنگلي هاٿي سندس اڳيان اچي بيٺو ۽ نماڻائيءَ سان پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڪيس پنهنجي پٺ تي سوار ڪيائين ۽ جنگ ۾ سندس رهنمائي ڪري ڪيس پاڻ مرادو اتي پهچايائين تي، جتي هو سوپارو ٿيو ٿي. اهو ئي هاٿي جنگ جي ميدانن ۾ نشانبر ٿيو هلندو هو. اهڙيءَ ريت جڏهن (يوناني جنرل) سليوڪس پنهنجي عظمت جا بنياد پئي رکيا تڏهن سئندرو ڪوٽس (چندر گپت) تخت ڏٽي تي هندستان تي قابض ٿي چڪو هو." پر سڄي هندستان تي قبضي ڪرڻ جو پنڌ اجا پري هو. ٽئڪسيلا کان سوين ڪوهه پري ايرندي پاسي پٽالي پترا ۾ بقول يوناني مؤرخ ڪريٽس جي "ڇهه لک پيدل فوج، ويهه هزار گهوڙي سوار فوج، ٻه هزار چئن گهوڙن واري جنگي رٿن ۽ ٽن هزار هاٿين جي مالڪ لکپتي ڪروڙپتي يا ارب پتي نه ۽ پدم پتي به نه پر مها پدم پتي نوانوي ڪروڙ سونين مهرن جي مالڪ نند راجا جي حڪومت هئي. هو پنهنجي لالچ ۽ ظلمن جي ڪري بدنام هو، سڪندر وٽ به ماڻهن هن جون گلائون ڪيون هيون. مشهور يوناني مؤرخ پلوتارڪ جي چوڻ مطابق چندر گپت سڪندر سان ٽئڪسيلا ۾ مليو هو تڏهن سڪندر چندر گپت کان به هن جي باري ۾ پڇا ڪئي هئي. چونتا ته هن ڪنهن به شيءِ کي ويندي (جانورن جي کلن، ڪئونر، وٽن ۽ پٽرن کي به) ٽيڪس ڪانسواءِ نه ڇڏيو هو."

چندر گپت هيستائين گهٽو ڪري گوريلا لڙايون ڪيون هيون ۽ ڪيس وڏين باقاعده فوجن جي ڪمان ڪرڻ جو تجربو ڪونه هو. تنهن ڪري جڏهن هو سرحدي علائقا فتح ڪري يلغارون ڪندو شهنشاهي تخت گاهه پتاليپترا (بهار) جي مرڪز ۾ پهتو تڏهن راجا نند جي سپهه سالار ڀڏانسالا سندس فوجن تي پٺ کان حملو ڪرايو ۽ ڪيس شڪست کائي پوئتي موٽڻو پيو. ان وقت جي مؤرخن سندس فوجي حڪمت عملي تي تنقيد ڪندي لکيو، "سو چندر گپت بادشاهه ٿيڻ جي حرص ۾ سرحدن جي حفاظت جو بندوبست ڪرڻ ڪانسواءِ ملڪ ۾ ڪاهي آيو آهي ۽ سندس فوج کي گهيري ۾ آڻي تباهه ڪيو ويو آهي." (مها واسا ٽڪا صفحو 186) جيئن تاريخ پريشڪا پاروان لکيو، "جيئن ڪو ننڍڙو ٻار پليٽ ۾ ڪاڌي جي ٽڏن ڪنارن مان ڪاڌو ڪائڻ بدران هيچ وچان پنهنجون آڱريون پليٽ جي وچ ۾ وجهي هٽي پاڻکي ساڙي رکي تيئن وشنوگپتا ڪوٽليه چاڻڪيه پنهنجون آڱريون

هٽي ساڙي رکيون آهن.“ هاٿي هنن پنهنجي غلطي سڌاري ۽ هڪ هڪ ڪري اول صوبا فتح ڪيائون ۽ پوءِ پتاليپترا جو تخت ڳاهه. راجا نند کي جيئدان ڏنو ويو ۽ کيس چيو ويو تہ ”پنهنجون ٻہ زالون، هڪ ڌيءَ ۽ هڪڙي رٿ ۾ جيترو سامان ڪٽي سگهن، اوترو کٽي جيڏانهن وڻيئي اوڏانهن هليو وڃ.“ ان ڪانپوءِ چندر گپت موريا ۽ وشنوگپتا ڪوتليہ چاڻڪيہ (پاڻکي چاڻڪيہ هن پنهنجي ڳوٺ جي نالي جي نسبت سان سڏايو ٿي) پنهنجي سلطنت جي حدن کي هر طرف وڌايو، تان جو اها هندستان جي تاريخ جي پهرين وڏي شهنشاهيت بڻجي ويئي ۽ چندر گپت موريا هندستان جي پهرين وڏي شهنشاهيت جو پهريون شهنشاهه ۽ وشنو گپتا ڪوتليہ چاڻڪيہ پهريون وڏو بااختيار وزيراعظم بڻجي ويو. يوناني مؤرخ پلوتارڪ لکي ٿو، ”سئنڊرو ڪوٽيس (چندر گپت) ڇهن لکن جي فوج سان سڄو هندستان پنهنجي تابع ڪري ورتو.“ دراصل بلوچستان اجان بہ يونانين جي تابع هو.

چندر گپت يونانين کي هندستان ۾ شڪست ڏيڻ ڪانپوءِ بہ ساڻن سٺا تعلقات رکيا ڇو تہ عالمي سپر پاور اجا بہ يوناني هئا. ضرورت وقت هو کين تحفا ۽ مددون بہ موڪليندو هو. پلوتارڪ لکي ٿو تہ، ”سئنڊرو ڪوٽس، سليوڪس کي 500 هاٿي تحفي طور ڏياري موڪليا.“

سڪندر جي مرڻ ڪانپوءِ سندس سپهه سالارن جي پاڻ ۾ ويڙهه شروع ٿي ويئي، جنهن ۾ بابل جي حاڪم جنرل سليوڪس جي ڪافي سرسي ٿي. سڪندر جي هندستان مان موٽي اچڻ کان ٻہ سال پوءِ سليوڪس کي اهو خيال ٿيو تہ ڇو نہ هندستان وري فتح ڪجي. جي نہ تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ اڳ فتح ڪيل ۽ پوءِ وڃايل علائقا تہ وري هٿ ڪري وڃجن، سو 4 ـ 205 ق. م. ۾ وڏو ڪٽڪ وٺي ڪاهي آيو، اول سخت ترين لڙاين ڪانپوءِ افغانستان فتح ڪيائين. پوءِ ڪابل نديءَ جو ڪنارو وٺي سنڌو درياهه پار ڪري هندستان تي اچي ڪڙڪيو.

هتي هڪڙو اچرج ڄڻ سندس انتظار ۾ وينو هو. اهو هو راجا اميي ۽ راجا پورس واري ڇڙوڇڙ، وائڙي ۽ بطال هندستان بدران شهنشاهِ هند چندر گپت موريا ۽ دانائي اعظم وزيراعظم هند وشنوگپتا ڪوتليہ چاڻڪيہ وارو نئون، خوددار، چست ۽ چالاڪ هندستان. هندستاني فوجن يوناني حملي ڪندڙ ڪٽڪن کي سنڌو نديءَ جي ڪناري تي تاريخي شڪست ڏيئي سندن چيلهه ڀڃي وڌي. سڪندراعظم جي جڳ مشهور هاڪاري سپهه سالار شاهه سليوڪس کي هندستان جي شهنشاهه

اڳيان نہ رکو هار مڃڻي پئي پر هڪڙو عهدنامو بہ ڪرڻو پيو جنهن موجب هن ڪي ڪابل، قنڌار، هرات ۽ بلوچستان شهنشاهہ هند کي ڏيڻا پيا ۽ ان سان گڏ پنهنجي سهڻي ڌيءُ جو سڱ بہ ڪيس ڏيڻو پيو.

هاڻ شهنشاهہ چندر گپت موريا ۽ وزيراعظم وشنو گپتا ڪوٽليہ چاڻڪيہ جي سلطنت هندستان جون قدرتي سرحدون ٽپي ٻاهر ڦهلجي ويئي هئي ۽ هندستان اولهہ ايشيائي علائقي جي هڪڙي وڏي طاقت بنجي چڪو هو. پر ان جي باوجود چندر گپت ۽ ڪوٽليہ چاڻڪيہ پاڻ ۾ وڙهندڙ يوناني سپهہ سالارن کي سوين هاٿين جا تحفا موڪلڻ بند نہ ڪيا. سندن سليوڪس کي موڪليل 500 هاٿي اپس جي جنگ جي ميدان تي عين ٺائيم تي پهتا ۽ سليوڪس ۽ چندر گپت جي گڏيل دشمن اينٽي گونس کي شڪست ڏيڻ ۾ انهن هاٿين مکيہ ڪردار ادا ڪيو. اهڙن هاٿين رافيہ جي ميدانِ جنگ ۾ سڪندر جي سپهہ سالار ۽ مصر جي بادشاهہ ٽوليمي جي آفريڪي هاٿين کي شڪست ڏيئي جنرل اينٽوڪس جي فوج کي سوپارو ڪيو. يوناني مؤرخ سٽريبو جي دعوئٰ آهي تہ اهو پڻ طئي ٿيو هو تہ آئينده هندستاني ۽ يوناني شاهي خاندان هڪٻئي جا مائٽ ليکبا ۽ پاڻ ۾ سڱابنديون ڪندا. سن 204 ق. م. ۾ سليوڪس مشهور معروف سفارتڪار ميگزٿينس کي شهنشاهہ هند جي دربار ۾ پنهنجو سفير مقرر ڪري ڪيس پٽالي پترا موڪليو. مئگسٿينس چندر گپت موريا جي دربار جو جيڪو اکين ڏٺو احوال لکيو آهي، تنهن مان هڪڙي سخت محنتي، جفاڪش ۽ ايماندار شهنشاهہ ۽ انسان جو تصور اڀري ٿو. هو لکي ٿو تہ: ”شهنشاهہ پنهنجي سر هندستان جو هڪڙو سڀ کان سخت پورهيو ڪندڙ عملدار هو. هو ڏينهن جو صفا ڪونہ سمهندو هو ۽ سڄو ڏينهن دربار ۾ ڪم ڪندو هو. هن پنهنجي ذاتي سک ۽ فرحت جو ڪوبہ خيال نہ ٿي ڪيو.“ هو لکي ٿو: ”شاهي محل سڄو ڏينهن سيني لاءِ کليو پيو آهي. اهو ان وقت بہ کليل آهي، جڏهن بادشاهہ پنهنجي وارن کي ڦڻي ڏياريندو آهي ۽ ڪپڙا پائيندو آهي. ان وقت بہ هو پردي پويان سفيرن سان ڳالهائيندو رهندو آهي ۽ ماڻهن جا فيصلا ڪندو رهندو آهي.“ هو وڌيڪ لکي ٿو تہ: ”ٻٽن ڪلاڪن جي ننڍ ڪانسواءِ سندس هر گهڙي خلق جي خدمت لاءِ وقف ٿيل آهي.“ سڪندر اعظم ۽ سندس سپهہ سالارن وانگر شهنشاهہ چندر گپت جون باڊي گارڊ بہ هٿياربند عورتون هيون، جيڪي گهوڙن، هاٿين ۽ جنگي رٿن تي سوار ٿي چوويهہ ڪلاڪ سندس حفاظت ڪنديون هيون. يوناني مؤرخ ايپين لکي ٿو: ”شهنشاهہ جا پيدل

سپاهي پاڻ جيڏا تير ڪمان کنيو هلن ٿا. دنيا ۾ ڪوبہ اهڙو ماڻهو ڪونهي، جيڪو هندستان جي تيرانداز جي تير جي سٽ جهلي سگهي.“ پنهنجي عمر جي پڇاڙيءَ ۾ چندر گپت حڪومت جون واڳون پنهنجي پٽ بندوسال جي حوالي ڪري پاڻ دنيا کي تياڳ ڏيئي سراوانہ بيل گولا نالي ميسور جي هڪڙي ماڳ تي وڃي رهيو. ٿورن ئي مهينن ڪانپوءِ هندستان جي هن نرالي فاتح، منتظم ۽ شهنشاه هي جهان ڇڏيو.

وشنوگپتا ڪوتليہ چاڻڪيہ بدستور هندستان جو وزيراعظم رهيو ۽ شهنشاهيت جون سرحدون اجان بہ وسيع ڪيون ۽ ان جون پاڙون وڏيڪ مضبوط ڪرڻ جي ڪم ۾ جنبيو رهيو. هندستان کي يوناني سامراج کان آزادي ڏيارڻ، هندستان جي پهرين عظيم سلطنت قائم ڪرائڻ ۽ ان کي وزيراعظم طور هلائڻ ڪانسواءِ هن جو ٿيون وڏو ڪارنامو ”ارٿ شاستر“ نالي ڪتاب لکڻ هو.

پلان پلي جو ڇيهه ڪونهي. بلائن مٿان بلائون پيون آهن. انسان جي عظيم ڪارنامن جو ڪو هڪڙو قسم يا هڪڙو ميدان يا هڪڙو وقت ڪونهي، جيڪو جڏهن چڙهيو سو تڏهن سوار، جيڪو جنهن ڳالهہ ۾ چڙهيو، سو ان ڳالهہ ۾ سوار، دنيا ۾ انساني ذهن، روح ۽ جسم جون فتحون هزارين قسمن جون آهن. انهن منجهان بہ قسم آهن، تلوار ۽ قلم جي فتحن جا. ڪي قلمن جون فتحون تلوار جي ڪيترين فتحن کان وڏيڪ جٽادار ۽ وڏيڪ وڏي ملهہ واريون ٿي گذريون آهن. مثال طور فردوسي جو ’شاهنامو‘ جنهن پاڻ چيو آهي: ”بس رنج بردم درين سال سي، عجم زنده ڪردم بدين پارسي.“ ترجمو: ”هنن ٽيهن سالن ۾ (شاهنامو لکندي) ڏاڍا ڏک ڏٺا اٿم پر پنهنجي هن فارسي شاعريءَ سان ايران کي هميشہ لاءِ زنده ۽ جاودان ڪري ڇڏيم.“ يا چيني فوجي ماهر سن زو جي 22 صديون اڳ لکيل جنگي سائنس بابت تخليق، ’جنگي حڪمت عمليءَ جو فن‘ جيڪا اڄ بہ سڄي دنيا جي فوجي اڪيڊمين ۾ پڙهائي ويندي آهي. حڪمراني ۽ ملڪي انتظام هلائڻ جي فن بابت وشنوگپتا ڪوتليہ چاڻڪيہ جو تخليق ڪيل ڪتاب ”ارٿ شاستر“ جيڪو صدين جون صديون گم رهيو ۽ جيڪو 1904ع ۾ هٿ آيو ۽ پهريون دفعو 1905ع ۾ شايع ٿيو ۽ 1909ع کان دنيا جي اهم ٻولين جهڙوڪ انگريزي، فرينچ، اطالين (رومي) ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿي شايع ٿيڻ شروع ٿيو. اهو گذريل سال 1991ع ۾ پهريون دفعو شان الحق الحقي جي ترجمي سان اردوءَ ۾ شايع ٿيو، ان جو شمار دنيا جي وڏن ۾ وڏن علمي ڪارنامن ۾ ٿئي ٿو. هن ڪارنامي وشنوگپتا

ڪوتليہ چاڻڪيہ ڪي انساني تاريخ جي سڀ ڪان وڏن عالمن ۽ تخليق ڪارن جي اڳين صف ۾ بيهاري ڇڏيو آهي. هندستان جي تخت گاهہ دهليءَ ۾ جنهن علائقي ۾ غيرملڪي سفارتڪار رهندا آهن، ان علائقي تي چاڻڪيہ جي نالي پويان ’چاڻڪيہ پوري‘ نالو رکيو ويو آهي.

# اصل لانگ مارچ!

پاڪستان پريس ۾ اڄ ڪلهه لانگ مارچ جو تمام گهڻو ذڪر آهي. اصل لانگ مارچ اڄ کان اڌ صدي اڳ چين ۾ مائوزيتنگ جي اڳواڻي هيٺ 15 آڪٽوبر 1934ع تي شروع ٿي هئي. لانگ مارچ جو ڪارڻ اهو هو جو ڏکڻ چين ۾ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي قائم ڪيل راڄ کي چيانگ ڪائي شيڪ هڪبئي پنيان پنج گهيرا وڌا هئا ۽ پارٽيءَ جي نئين چوندبيل قيادت جي غلط حڪمت عمليءَ جي ڪري آخري ٻه گهيرا سخت نقصان رسائيندڙ ثابت ٿيا هئا ۽ پارٽيءَ فيصلو ڪيو ته ڏکڻ مان مارچ ڪري اتر چين ۾ جپاني حملي آورن خلاف گوريلا جنگ ڪجي. پر غدار چيانگ ڪائي شيڪ کين ان قومي لڙائي تي وڃڻ به نه ڏنو ۽ کين تباهه ڪرڻ لاءِ لکين فوجون وٺي سندن پويان پئجي ويو.

اها لانگ مارچ انساني تاريخ ۾ توڙي دنيا جي جنگي تاريخ ۾ بيحد نرالي ۽ بي مثال ليکي ويئي آهي. ان ۾ چيني عوام، عوامي ڪارڪنن، عوامي فوج ۽ عوامي اڳواڻن جنهن بي مثال دليري، دانائي، سهپ، ثابت قدمي ۽ سورهيائيءَ جا معجزا ڏيکاريا تنهن جهڙا مثال دنيا جي تاريخ ۾ ڪي ورلا ملي سگهندا.

هن لانگ مارچ دنيا جي ڇهن ئي کنڊن جي انقلابي مردن، عورتن ٻلڪ ٻارن ۽ ٻڍن جي دلين تي پنهنجا نقش قائم ڪيا ۽ کين اهو سبق سيکاريو ته پنهنجي هيٺائيءَ مان طاقت ڪيئن ناهجي ۽ شڪستن کي همت ۽ مڙسيءَ سان ڪيئن فتح ۾ تبديل ڪجي. هيءَ لانگ مارچ هن ڌرتيءَ تي انساني عظمت جي داستان جو اهڙو رنگين ۽ روشن باب آهي جنهن مان نسلن جا نسل پنهنجون تقديرون بدلائڻ جي ويڙهن ۾ نت نوان جوش ۽ جذبا، همتون ۽ حوصلا ۽ سوڀ جو اعتماد ۽ يقين حاصل ڪندا رهندا. پورا ويهه سال اڳ 1972ع ۾ مون پنهنجي ڪتاب "مائوزي تونگ" ۾ "لانگ مارچ" جي عنوان سان ان تاريخي ۽ تاريخ ساز لانگ مارچ جو مختصر احوال لکيو هو. اهو ڪتاب عوامي ڪتاب گهر، گاڏي کاتو، حيدرآباد ۽ ٻين ڪتابن جي دوڪانن تان ملي ٿو. ان مان ان لانگ مارچ جو مڪمل تاريخي پس منظر ۽ ان جا نتيجا معلوم ٿين ٿا. اڄوڪي صحبت ۾ اسين هيٺ پڙهندڙن جي خدمت ۾ ان لانگ مارچ جو اهو احوال پيش ڪريون ٿا.

# لانگ مارچ

سَڏائتي سيڪا، ٻُڪَ نہ باسي ڪا،
جيهيءَ تيهيءَ ذات جي، جُنبش ڪانهي جاءِ؛
مون سين هلي سا، جا جيءُ منو نہ ڪري! (شاھ)

تڪيائي تر تيلھ، ڇُڪيائي ڇڙھ ڇوٽين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پَوَ مڙيئي پيل؛
اُتي رائو ريل، وينن تان واري وري! (شاھ)

انقلابي فوج جي ڇهين آرمي گروپ جو هيڊ ڪوارٽر هونان ۽ ڪيانگسِي صوبن جي سرحد واري انقلابي اڏي ۾ هو. آگسٽ 1934ع ۾ مرڪزي ڪميٽيءَ ان فوج کي حڪم ڏنو تہ هوءَ دشمن جو گهيرو ٽوڙي اوپر ڪويچو صوبي واري انقلابي اڏي جي فوج سان اچي ملي جنهن جو ڪمانڊر جنرل هولنگ هو. حڪم جي تعميل تي ۽ ٻنهي اڏن جي گڏيل فوج کي انقلابي فوج جي ٻي محاذ جي فوج جو نالو ڏنو ويو. ساڳئي مهيني ۾ انقلابي فوج جي پهرئين، ٽئين ۽ پنجين آرمي گروپن کي حڪم ڏنو ويو تہ اولھ فوڪين ۽ ڏکڻ ڪيانگسي جي صوبن مان دشمن جو گهيرو ٽوڙي اتر طرف ڪوچ ڪن. ساڳيءَ طرح زيڪوان ۽ شين سي صوبن جي سرحدي علائقن جي انقلابي اڏي جي فوجن کي گڏي چوٿين محاذ آرمي ناهي وئي ۽ ان کي حڪم ڏنو ويو تہ جڏهن پهرئين ۽ ٻئي محاذ جون فوجون سندن علائقن ۾ پهچن تہ هو وڃي وڃي انهن سان ملن.

15 آڪٽوبر تي ڪوچ شروع ٿيو. انقلابي فوج ۾ ڪل هڪ لک ماڻهو هئا. جن مان 85 هزار سپاهي ۽ 15 هزار پارٽي ۽ حڪومت جا ڪارڪن هئا. اٺندي ئي شين فينگ شهر وٽ سندن ڪومنتانگ جي فوجن سان جهڙپون ٿيون. پر انقلابي فوج گوهيون ڏيئي پاڻ بچائيندي ڪوان تنگ صوبي جو اتريون چيڙو ۽ ڏاکڻو چيڙو ڏيئي اڳتي وڌي. تان جو اچي ڪوانگ سي صوبي جي اتر ۾ شيانگ نديءَ جي ڪناري تي پهتي ۽ ندي پار ڪيائين. ندي پار ڪرڻ مهل دشمن مٿن سخت گوليبازي ڪئي، جنهن ڪري پار اڪرڻ ۾ ۾ ڪين سڄو هفتو لڳي ويو. انهيءَ وچ ۾ دشمن جي گوليبازيءَ انقلابي فوج جون پٽيون ڪڍي ڇڏيون. ڊسمبر ۾ باقي بچيل انقلابي فوج ”ڪوي چائو“ صوبي جي وچ ۾ ”وُو“ نديءَ کي پار ڪيو.

”وُو“ نديءَ کي پار ڪرڻ ۾ انقلابي فوج، خاص ڪري سندس اڳواڻ دستن بهادريءَ ۽ سر صدقو ڪرڻ جا لاثاني ڪارناما ڪيا. هوڏانهن دشمن باهه جا الا پئي وسايا ته هيڏانهن هي سورهيه دستا تختن تي چڙهي ترندا، ڦٿبا، رت ڳاڙيندا وڌندا رهيا. ڪيترا سرويچ ڦٿجي ساٿا تي درياهه ۾ ڪري غرق ٿي ويا. پر ٻيا درياهه جي پار پهچي ويا. درياهه جي پرينءَ پر هڪ پهاڙي چوٽي هئي. ان مٿان دشمن جا مضبوط مورچا نهيل هئا جن مان انقلابي فوج تي سخت توب زني پئي ڪيائون. جيڪي انقلابي سورما پراڙ پهتا سي هڪدم رسين جون ڏاڪٽيون لڳائي ان چوٽيءَ تي چڙهي ويا ۽ وجي توب زني ڪندڙ دستن تي ڪڙڪيا. دشمن سان سنگينن جي دوبدو لڙائي ڪري کين ختم ڪيائون ۽ چوٽيءَ تي قبضو ڪري ورتائون. ان کان پوءِ سڄي انقلابي فوج آسانيءَ سان درياهه پار اڪري جلد ئي پر واري سون يي شهر تي قبضو ڪيو.

## سون يِي ڪانفرنس

جنوريءَ جي پهرين هفتي ۾ ان شهر ۾ مرڪزي ڪميٽيءَ جي سياسي معاملن واري بيورو جي ڪانفرنس ٿي. مرڪزي ڪميٽيءَ جا ميمبر توڙي ٻيا پارٽي ۽ فوج جا ڪارڪن چٽين اکين سان ڏسي چڪا هئا ته جيڪي ابهرائي ۽ خام خياليءَ واريون پاليسيون گذريل انن سالن کان پارٽيءَ تي ڇانيل هيون سي ڪيتريون نه نقصانڪار ۽ ناڪام ثابت ٿيون هيون. تنهن ڪري ماسڪو مان انقلابي امتحان پاس ڪري آيل ابهري شهري نوجوان انقلابيءَ پُوڪوءَ کي مرڪزي ڪميٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل جي عهدي تان لاٿو ويو ۽ مائوزي تنگ کي مرڪزي ڪميٽيءَ جي سياسي معاملن جي بيورو جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ ڪجهه سال اڳ ڪيانگسيءَ ۾ باقاعده انقلابي حڪومت قائم ڪئي هئي. انقلابي فوج پاڻ سان انهيءَ حڪومت جو ڳرو ساز و سامان کنيو پئي هلي. انهيءَ ڪري فوج کي سفر ۾ ڏکيائي ٿي ٿئي. تنهن ڪري سون يي ڪانفرنس ڪانپوءِ مائو اهو ڦٽو ڪرائي ڇڏيو. ڪوي چائو صوبي جي پرسان شي چان صوبو آهي. شي چان جي صوبي ۾ انقلابي اڏو هو. جنهن جو اڳواڻ چانگ ڪوتاؤ هو. ان اڏي ۾ انقلابي فوج جي چوٿين محاذ واري فوج منزل ڪريو ويني هئي. مائو ان سان ملڻ لاءِ اڳتي وڌيو. چيانگ ڪائي شيڪ کي اها خبر پئجي ويئي. تنهن اتي جي مڪاني جنگي سردارن کي لکي موڪليو ته،

”پنهنجون فوجون تيار رکو.“ هتان پنهنجي فوج ٻه ڏياري موڪليائين. دشمن جي ٻنهي فوجن گڏجي مائو ۽ چيانگ ڪوتاؤ جي فوجن تي ڌار ڌار حملا ڪيا. مائو پنهنجي انهيءَ اصول تي عمل ڪيو ته ”جڏهن طاقتور دشمن پيڇو ڪري تڏهن گوهيون ڏيو!“ سو تمام وڏو چڪر ڪاٽي لوشان جبل جي لڪ وٽ ڪوئي چائو صوبي جي جنگي سردار وانگ پيالين تي پنيان وجي ڪڙڪيو ۽ کيس سخت شڪست ڏنائين. ان فتح کانپوءِ هو سڌو شي چان صوبي ۾ داخل ٿي سگهيو ٿي ۽ چيانگ ڪوتاؤ جي فوج سان ملي سگهيو ٿي. پر سڌي گس تي دشمن جا مضبوط مورچا هئا. تنهن ڪري هو سڌو گس ڇڏي وري سون يي ڏانهن موٽيو ۽ ”وو“ ندي واپس پار ڪيائين. اتان سڌو چي شان وجي ها ته واٽ تي ”ڪيويانگ“ جو شهر ٿي آيس، هن ڪيويانگ ڏانهن ويندڙ واٽ ورتي. چيانگ ڪائي شيڪ اها خبر ٻڌي پنهنجي سر پاڻ اچي ڪيويانگ شهر ۾ منزل ڪئي ۽ واٽ جهلي ويهي رهيو ته انقلابي فوج لنگهي ته مٿن حملو ڪريان. پنهنجي وڏيڪ مضبوطيءَ لاءِ پاسي واري صوبي يونان جي فوج ٻه گهرائي ورتائين. پر مائو کي ته ڪٿي ٻه ڪو سڌو گس وٺڻو ئي ڪونه هو. نڪو کيس ڪيويانگ جهڙي مضبوط مورچي تي حملو ڪرڻو هو. کيس وچان ٽئين صوبي يونان جي واٽ وٺڻي هئي. پر اتي دشمنن جي جيڪا فوج هئي ان مان جند ڪيئن ڇڏائي؟ هن رٿ رٿي ته دشمن کي ائين پنيلائجي جو هو يونان صوبي واري فوج ٻاهر ڪڍي وجي ته ان صوبي جو ميدان انقلابي فوج جي لنگهڻ لاءِ خالي ٿئي. ٿيو ٻه ائين، چيانگ يونان صوبي واري فوج ڪيويانگ ڏانهن گهرائي ورتي. هوڏانهن اها فوج ڪيويانگ ڏانهن رواني ٿي هيڏانهن مائو ڪيويانگ ڏانهن ويندي ويندي اوچتو وٺي اولهه طرف يونان صوبي ڏانهن پلٽو کاڌو ۽ سٺ ڏيئي يونان صوبو لتاڙي اڳتي نڪري ويو. ان کانپوءِ وري ڪن منگ جي شهر ڏانهن رخ رکيائين. دشمن سمجهيو ته هاڻي ڪن منگ تي حملو ٿا ڪن سو ان جي بچاءَ لاءِ هتان هتان فوج گڏ ڪرڻ جي ڀڄ ڊڪ ۾ لڳي ويا. مائو ڪجهه پنڌ ڪري ڪن منگ ڏانهن مارچ ڪري وري ڦڙتي ڪائي اتر طرف چينگ درياهه ڏانهن منهن ڪيو. انهيءَ سرڪش دريا کي پار ڪرڻ لاءِ ڀهريائين ٿورڙا جانباز روانا ڪيا ويا جيڪي ڪومنتانگ جي پوليس وارن ۽ ڪامورن جو ويس بدلائي نندڙين ٻيڙين ۾ چڙهي پراڙ ويا ۽ اُتي ڪومنتانگ جي فوجي چوڪيءَ تي قبضو ڪري باقي فوج جي دريا پار ڪرڻ لاءِ رستو صاف

ڪيائون. انهيءَ دريا پار ڪرڻ ۾ 9 ڏينهن لڳي ويا. ان ڪانپوءِ هنن شي چان صوبي جي انقلابي اڏي ڏانهن رخ رڪيو.

## موت جو وات

هاڻ هو ان خوفناڪ علائقي ۾ داخل ٿيا جنهن کي ”موت جي وات“ وارو علائقو سڏجي ٿو. ان جي هڪڙي طرف گهاٽا گجگاهه ٻيلا هئا. ٻئي پاسي پوائتيون ڏٻٽيون هيون ته ٽئين طرف خوفناڪ جابلو ندي تاتو هئي جنهن جي گجگوڙ ڪوهن ۾ ٻڌبي هئي. ان جي ٻنهي ڪنارن تي اٽانگن لڪن وارا هيبتناڪ جبل هئا. چين ملڪ جو اهو ٽڪر انسانن لاءِ جڻ اڪين ڏٺو موت آهي. اهي ٻيلا، ڏٻٽيون، ندي ۽ جبل جڻ ڪنهن اجگر ٻلا جون خونخوار چاڙيون آهن جن ۾ جيڪو ڦاٿو سو ختم. هي اهو ئي علائقو هو جتي ان کان 75 سال اڳ شيتا ڪائي پلجي اچي ڦاٿو هو. هو 1861ع واري زبردست هاري انقلاب جو فاتح هو جنهن شاهي فوجن جي سپهه سالار کي هرهنڌ نيچو نوايو هو. پر شاهي فوج آخر کين انهيءَ خوفناڪ جار ۾ ڦاسائي ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيو هو. چيانگ ڪائي شيڪ سمجهيو ته جيڪو چالاڪ شڪار هيترا سال هر دفعي سندس ڄار مان بچي ويو هو، تنهن جي قدرت آخر مت منجهائي کيس هن موت مار ڄار ۾ آڻي ڦاسايو آهي ۽ کيس گهر ويٺي شڪار ڏياريو آهي. پر هيءَ ڪا رواجي فوج ڪانه هئي. هيءَ جڳ کان نرالي فوج هئي جنهن جي سوچ دنيا کان الڳ هئي.

هي جي آيا هير، سي مون اڳ نه ڏٺا ڪڏهن،
آئون ترسان، هو تڪڙا، پٽ نه لائن پير! (شاهه)

هن فوج جي هر سپاهيءَ سمجهي سوچي مظلوم عوام سان پنهنجي سر جو سودو ڪري ڇڏيو هو. انهن سرويچ سورمن جون دليون صدين جي سمجهه ۽ صداقت جي جذبي سان روشن هيون، سندن ذهن ۽ دماغ انقلابي ايمان جا فولادي قلعا هئا. سندن اڳواٽي چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جهڙي انقلابي هاءِ ڪمان جي هٿ ۾ هئي جنهن جو ڊسيپلين رُڪ کان وڌيڪ سخت هو ۽ انقلابي ارادا پهاڙن کان وڌيڪ اڏول هئا. انهي هاءِ ڪمان کين تعليم ۽ تربيت ڏيئي سندن ذهنن ۽ روحن کي انقلابي نظريي سان هٿياربند ڪيو هو. کين هٿياربند انقلابي جدوجهد جي ڪوريءَ ۾ پچائي ڪندن ڪري ڇڏيو هو. هن وقت سندن سپهه سالار اهو ماڻهو

هو، جنهن انقلابي عوام کي اهڙي تہ بي مثال جنگي حڪمت عملي ايجاد ڪري ڏني هئي، جنهن جي پيٽ ۾ سڪندر، هيني بال، چنگيز خان، تيمور، وان مول تڪي، نيپولين، ڊيوڪ آف ويلنگٽن ۽ ڪيتل جهڙن جڳ مشهور ۽ هاڪارن جنگي ماهرن ۽ فوجي سپهہ سالارن جون حڪمت عمليون ڄڻ تہ هيچ هيون. هن اڻ موٽ فوج جا سپاهي هنن مشڪلاتن کي ڏسي ذرو بہ نہ هٻڪيا ۽ ڄڻ چئي رهيا هئا:

جبل ماري جک، جو آڏو عجيبن کي،
توٽي لکن لک، سي لنگهنديس سک سين!

ڏونگر ڏکوين کي، تپي کندين کوهہ!
تون جي پهڻ پٻ جو، تہ لڱ منهنجا لوهہ!!
جنهن چوريءَ ۾ چوهہ، سا پٿون ٿيندي پير تي!!!

مائوزي تونگ خوفناڪ ۽ موتمار تاتو نديءَ کي پار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. انقلابي فوج جهڙي نموني تاتو ندي پار ڪئي تنهن جا داستان ايامن تائين پيا ڳائبا.

درياهہ جي پراڙ واري تڙ تي دشمن جو زبردست پهرو هو. انقلابي فوج جي هڪڙي ننڍي دستي دشمن جي اوراڙ واري چوڪيءَ تي قبضو ڪري ورتو ۽ هڪڙي ٻيڙي بہ هٿ ڪئي. ان ٻيڙيءَ ۾ 18 انقلابي سرويچ پار ويا ۽ جبل جي چوٽيءَ تي نهيل دشمن جي مورچي تي اوچتو حملو ڪيائون. ان کي تباهہ ڪري فوج جي درياهہ پار ڪرڻ لاءِ رستو صاف ڪيائون. پر هيڏي ساري فوج هڪڙي ڏينهن ۾ درياهہ پار ڪونہ ڪري سگهي ها، ان ۾ ڪيترا ڏينهن لڳي وڃن ها. انهيءَ وچ ۾ دشمن جون زبردست فوجون اچي سهڙن ها، بمبار هوائي جهاز هڪ وک بہ چرڻ ڪونہ ڏين ها. تنهن ڪري مائو فيصلو ڪيو تہ اتان نہ لنگهجي. اتان سؤ ڏهہ ميل پري لوتنگ شهر وٽ درياهہ مٿان هڪڙي لٽڪندڙ پل هئي. مائو فيصلو ڪيو تہ لوتنگ هلي ان پل تي قبضو ڪري ان تان درياهہ پار ڪجي.

انهيءَ وچ ۾ انقلابي فوج جي هڪ ڊويزن فوج پراڙ پهچي چڪي هئي. انهيءَ فوج ۽ اوراڙ ۾ رهيل فوج، ٻنهي کي حڪم ڏنو ويو تہ، ”درياهہ جو ڪنارو ڪنارو ڏيئي جبل جي چوٽين تان مارچ ڪندا ٽن ڏينهن اندر لوتنگ شهر واري پل وٽ پهچو.“

وچ ۾ تاتو درياهه مست شينهن وانگر گجيو پئي. ٻنهي پاسن اوچيون ۽ سوڙهيون چيون هيون جن تي پير ڏيندا ٿڙندا ٿاٻڙندا ڪرندا ۽ زخمي ٿيندا انقلابي سپاهي اڳتي وڌندا رهيا. واٽ ۾ ڪيترن هنڌن تي درياهه مان ڦاٽ ڇڇي نڪتا هئا. انهن جي مٿان هٿرادو پليون ناهي انهن کي پار ڪيو ويو. هرهنڌ دشمن جا دستا ڪين گهيري ۾ آڻڻ جون ڪوششون ڪري رهيا هئا ۽ مٿن اوچتا حملا پئي ڪيائون. اجان انهي اٿانگي سفر جا 30 ميل پورا ٿيا ته فوج کي مارچ ڪندي اطلاع مليو ته، ”دشمن جا ڪٽڪ چئن ئي طرفن کان ڌوڪيندا اچن ۽ جيڪڏهن ڪين ٻه ڏينهن ٻيا به واٽ ۾ لڳا ته هن خوفناڪ موت جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي پوندا.“ تنهن ڪري فوج کي حڪم مليو ته، ”باقي رهيل سفر 24 ڪلاڪن اندر پورو ڪن.“ ٻئي ڏينهن شام تائين دشمن جا اڳواڻ دستا به اچي پهتا. پل تي پهچڻ لاءِ مقرر ڪيل وقت به اچي تنگ ٿيو. دشمن کان بچاءَ لاءِ هنن کي روشني ڪرڻ جي موڪل به ڪانه هئي. اونداهيءَ ۾ هنن هيبتناڪ لڪن ۾ هلڻ جڻ ڏنو وائنو موت کي سڏ ڪرڻ هو. هزارين سپاهي انهيءَ مارچ ۾ اونداهي ۾ چپن تان ٿاٻڙجي هزارين فوٽ اونهين کاهين ۾ هميشه لاءِ غائب ٿي ويا. بارود، هٿيارن ۽ رسد سان ڀريل هزارين خچر ۽ گهوڙا لڪن ۽ لانگهن جي ورن وڪڙن جو شڪار ٿي ويا. ٻئي طرف دشمن اوچتو سرچ لائٽون ڪٽي ٿي ٻاريون جن ۾ انقلابي صاف ڏسڻ ۾ پئي آيا. تنهن ڪري ڪين فورن پنهنجو رستو بدلائي وڌيڪ خوفناڪ لانگهن تان هلڻو پيو.

25 مئي 1935ع تي فجر مهل انقلابي فوج رٿيل پروگرام مطابق لٽڪيل پل وٽ وڃي پهتي ۽ دشمن جي اوراڙ طرف واري مورچي تي وڃي قبضو ڄمايائين. پراڙين طرف لوتنگ جو شهر هو جنهن جي چوڌاري هڪ مضبوط ديوار هئي. جنهن جي مٿان مشين گنون ۽ توبون رکيل هيون لٽڪيل پل لوهي زنجيرن ۽ تختن جي ٺهيل هئي. هيٺ قطار ۾ زبردست زنجيرون ٽنگيل هيون. انهن جي مٿان ڪاٺ جا شاهي تختا وڇايل هئا. هر هڪ پاسي وري ٻه زنجيرون ٽنگيل هيون جن کي جهلي ماڻهو تختن تان ٻئي پاسي ايندا ويندا هئا. انقلابي فوج جي اچڻ شرط دشمنن انهن تختن کي باهه ڏيئي ساڙي ڇڏيو. هاڻي فقط پري پري زنجيرون پئي لڏيون. انهن مٿان هلي درياهه پار اڪرڻ امڪان کان ٻاهر ڳالهه هئي. تنهن ڪانسواءِ درياهه اُڀ ڪپرو هو ۽ پراڙين طرف تمام اوچو هو. تنهن

ڪري زنجيرن تان هلڻ مهل ائين ٿي لڳو ڄڻ ماڻهو ڪنهن جبل تي چڙهي رهيو هجي.

فوج کي حڪم جي بدران عام اعلان ڪيو ويو تہ "جيڪي جوان پنهنجي خوشيءَ سان هن پل تي قبضو ڪري ان کي اچ وڃ لائق بنائڻ جي سورهيائي واري ڪم ۾ حصو وٺڻ چاهين سي وڏي اچن." سيئي مڙس تيار ٿي ويا. انهن منجهان 23 ڄڻن کي چونڊيو ويو. پرئين پاسي جيڪا انقلابي ڊويزن پهچڻي هئي تنهن جو ڪم هو تہ مقرر وقت تي پهچي پراڙين پاسي دشمن جي مورچن تي حملو ڪري ۽ ڪين تيستائين رڌل رکي. پر ان ڊويزن تي واٽ هلندي دشمن جو زبردست حملو ٿي ويو جنهن ڪري اها روڪجي پيئي. تنهن ڪري انهي ڊويزن جي مدد ڪانسواءِ ڪاروائي شروع ڪئي ويئي. 4 وڳي شام جو 23 سورما تلوارون دستي بم ۽ مشين گنون ڪٽي درياهہ ۾ ٽپي پيا. دشمن پرئين پاسي کان چٽي گولي بازي شروع ڪئي پر هي جوان ان آڳ جي بارش ۾ هڪڙي هٿ سان زنجيرن ۾ لٽڪندا ٻئي هٿ سان دستي بم اڇلائيندا، باهہ جي شعلن مان اپ ڪپريءَ تي چڙهندا ويا. سندن پويان ٻيو دستو تختا رکندو ويو. تنهن جي پنيان پيدل ريجمينٽ درياهہ پار ڪندي ويئي. سج لهڻ تائين اها ريجمينٽ درياهہ پار ڪري ويئي ۽ پراڙين پاسي جي ٻن ڊويزنن کي ڳترا ڳترا ڪري شهر تي قابض ٿي ويئي. ٿوري دير ڪانپوءِ پراڙين ڪناري کان جيڪا ڊويزن پئي آئي سا بہ اچي پهتي. ڪجھ دستا پنيان دشمن کي روڪڻ لاءِ شهر ۾ ڇڏي باقي فوج پرھ ڦٽيءَ کان اڳ ۾ اڳتي رواني ٿي ويئي. تان جو اها چاچنگ جبل جي برف سان ڍڪيل لڪن کي لتاڙي ٻاهر نڪري ويئي ۽ مائوڪنگ شهر وٽ مرڪزي فوج وچي چانگ ڪوتاؤ جي چوٿين محاذ واري فوج سان ملي ۽ ٻئي فوجون اتر طرف ڪوچ ڪرڻ لڳيون ۽ وڃي ماورڪائي شهر وٽ پهتيون.

## پارٽيءَ ۽ فوج اندر ڦوٽ

هاڻي هڪڙيءَ ٻي مصيبت منهن ڪڍيو. انقلابي فوج جي هاءِ ڪمان ۾ اندروني ڦيٽارو پئجي ويو. مائو هن لمبي، اٺانگي ۽ موتمار سفر تي هڪ سوچيل سمجهيل دوراند يشيءَ واري پروگرام کي خيال ۾ رکي نڪتو هو. ان وقت جپان جون چين خلاف ارھ زورايون وڌي ويون هيون. ان چين جي سامونڊي ڪنارن ۽ اتر اوير وارن صوبن تي ناجائز قبضو ڪري ورتو هو. چيني عوام ۾

جپان خلاف سخت تاءُ هو. سندس مرضي هئي تہ جپان سان مقابلو ڪجي. پر چيني عوام جي دشمن يعني چيني وڏن زميندارن ۽ سرمائيدارن ۽ سندن حڪومت جپان جو ڪوبہ مقابلو نہ ٿي ڪيو. سندن مرضي هئي تہ جپان ڪي پوءِ ڏنو ويندو. سڀ ڪان پهرين چيني هارين ۽ مزدورن جي انقلابي پارٽي ۽ انقلابي فوج جي پاڙ پٽي ناس ڪجي. ڪومنتانگ پارٽي ۽ خود ڪومنتانگ جي فوج اندر انهيءَ پاليسيءَ جا گهڻا مخالف هئا ۽ اها مخالفت روز بروز وڌي رهي هئي.

مائوءَ جو پروگرام هو تہ اتر اوڀر چين ۾ جتي جپان قبضو ڪريو ويٺو هو، اتي پهچي سڌيءَ طرح جپان سان مقابلو ڪجي ۽ ڪومنتانگ ڪي بہ مجبور ڪجي تہ هو انقلابي پارٽي ۽ انقلابي فوج سان لڙايون بند ڪري، جپان سان مقابلو ڪري. هن جو اندازو هو تہ ڪومنتانگ وارا اول هرگز اها ڳالهہ قبول نہ ڪندا ۽ انقلابي فوج ڪي هرحال ۾ پنهنجو بچاءُ ڪرڻو پوندو ۽ ساڳئي وقت جپان خلاف ڪارروايون ڪرڻيون پونديون. تان جو عوام چٽيءَ طرح ڏسندو تہ چيانگ ڪائي شيڪ سچ پچ ڪنهن سان ٿو وڙهي؟ چين جي دشمن جپانين سان يا اٽلو جپان سان وڙهندڙ چيني هارين ۽ مزدورن جي فوج سان! چيني عوام جڏهن ڪومنتانگ جي اصلي غداريءَ وارو روپ ڏسي وٺندو، تڏهن هو ان جو ساٿ ڇڏي اصل وطن دوست پارٽيءَ سان شامل ٿيندو. انهيءَ پروگرام جي راهہ ۾ تمام وڏيون رڪاوٽون ۽ خطرا هئا. ممڪن هو تہ انقلابي فوج ۽ پارٽي هڪڙي دشمن هٿان تباهہ ٿي مرڻينگ حالت ۾ جڏهن اتر چين پهچي، تڏهن ان تي هڪ طرف جپان تہ ٻئي طرف ڪومنتانگ جهڙيون ديوَ جيڏيون طاقتون حملو ڪن ۽ ڪين جند جي ٻن پڙن ۾ پيهي اٽو ڪري ڇڏين. پر مائو ڪي پنهنجي انقلابي، سياسي ۽ جنگي حڪمت عملين ۽ حرفتن تي رُڪ جهڙو مضبوط ويساهہ هو ۽ ڪيس خاطري هئي تہ هو انهيءَ خوفناڪ آزمائش مان بہ پار پئجي ويندا. پر پارٽيءَ جي سيني اڳواڻن ۾ ايڏو فهم ۽ ايڏي دوانديشي ۽ دانائي ڪانہ هئي. ماورڪائي شهر وٽ پهڪي چانگ ڪوتاؤ انهيءَ ڳالهہ تي ضد ٻڌي بيٺو تہ اتر ڏانهن هلڻ جي بدران موٽ ڪائي سيڪانگ ۽ تبيٽ جي طرف هليو وڃجي، جتي ڪومنتانگ جي فوج پهچي ڪانہ سگهندي. في الحال اتي هلي دم پٽجي، پوءِ وري قسمت آزمائي ڪجي. مائو چيو تہ، ”اتي هلڻ مان وڌ ۾ وڌ رڳو اهو فائدو ٿيندو جو اتي هلي ڪجهہ وقت سسي لڪائبي، پر جنهن فوج ڪي سواءِ لڪڻ ۽ ساهہ بچائڻ جي ٻيو ڪو مقصد ڪونہ هوندو اها فوج ۽ پارٽي ازخود ختم ٿي ويندي.“

چين جي اتر طرف وچ واري علائقي ۾ شين سي ۽ ڪان سو جا صوبا آهن. انهن صوبن جي سرحد وٽ هڪ انقلابي اڏو ڳچ زماني کان قائم ٿيل هو. مائو جي صلاح هئي ته، ”ان اڏي ۾ هلي هيڊ ڪوارٽر ڪجي ۽ اتان جپان خلاف ڪاروايون ڪجن.“ چانگ ڪوتاؤ اها ڳالهه نه مڃي. تان جو هو پنهنجي چوٿين محاذ واري فوج جو اڌ وٺي سيڪانگ صوبي ڏانهن نڪري ويو. نه رڳو اها فوج هتان ويئي پر ان سان گڏ مائو جو جهوني ۾ جهونو ساٿي جنرل چُوتيهه جيڪو چنگ ڪانگ جبلن واري زماني کان وٺي ساٿس گڏ هو، سو به چانگ ڪوتاؤ جي چڪر ۾ اچي ساٿس گڏ هليو ويو.

نڪو ليڪو ئي ٿيو، نڪو تتو ڏينهن،
تهان اڳي نينهن، چنو آتڻ وارين! (شاهه)

مائو پنهنجي باقي رهيل فوج وٺي منزلون ماريندو شينسي ۽ ڪانسُو وارن صوبن ڏانهن اڳتي روانو ٿيو.

# ڏيڀين جي وڪڙ ۾

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ هو ڊگهي ۽ گهاٽي گاهه جي زبردست ميدانن ۾ داخل ٿيا جنهن ۾ هر هنڌ خوفناڪ ڏيڀيون هيون. ماڻهو هلندي هلندي سڌو هيٺ هليو ٿي ويو. پرسان ڪنهن ساٿيءَ بروقت ڪا لٺ هٿ ۾ ڏيئي ڇڪي ڪڍيو ته واهه، نه ته اک ڇنڀ ۾ ماڻهو هيٺ غائب ٿي ٿي ويو. انهيءَ علائقي ۾ ”مان“ قبيلي جا غيرچيني وحشي قبيلا رهندا هئا. مائو جي فوج جتان جتان لنگهي ٿي. اتي غيرچيني قبيلن سان دوستيءَ ۽ ڀائپيءَ واري هلت هلي ٿي. اڳين چيني فوجن ڪان سندس هلت ابتڙ هئي. هنن ڪابه ڦرلٽ نٿي ڪئي جيڪا به شيءِ خريد ڪيائون ٿي، تنهن جي مناسب قيمت چانديءَ جي سڪن ۾ ڏنائون ٿي. انهيءَ ڪري هرهنڌ غيرچيني ماڻهن، ساڻن دوستاڻي هلت ڪئي. پر هي ”مان“ قبيلي وارا ماڻهو چينين جا اهڙا ته ستايل هئا، جو هو چينين جي شڪل ڏسڻ لاءِ به تيار ڪونه هئا. انقلابي فوج جي اچڻ شرط هو پنهنجا مالن جا ڌڻ ۽ لڏا ڪاهي گاهن جي ٻيلي ۾ گم ٿي ٿي ويا. تنهن ڪري انقلابي فوج ڪي چانديءَ ۽ سون تي اَن، اٽو يا ٻيو رسد نه ٿي ملي سگهيو. پاڻ جڏهن به هو ڪنهن ڏڪئي يا اٽانگي لڪ مان لنگهيندا هئا ته اهي ”مان“ قبيلي وارا ماڻهو جبلن جي چوٽين تان لڪي لڪي، وني وڏين ڇپن کي هيٺ ڏڪيندا هئا ۽ سڄي علائقي ۾ ڇپن جو طوفاني

ميـنهن وسـڻ لڳـنـدو هـو ۽ ٿـاڙو ٿـاڙ مچـي ويـنـدي هـئـي. ان کـان بچـڻ لاءِ انـقلابـي سپاهي کنهن هنڌ پناهہ وٺندا يا لڪندا هئا تہ هو وري پنهنجن زهر ڀريل تيرن سان مٿن حملو ڪندا هئا. انقلابي فوج انهن علائقن جي هريل ڪونہ هئي. اتي ڏنڏ ۽ ڪوهيڙو اهڙو هوندو هو جو اک نہ ڏسي گوڏي کي. پر ”مان“ قبيلي وارا تہ ان ڏنڌ ۽ ڪوهيڙي ۾ ڄاوا نپنا هئا، سي وجهہ وٺي انقلابي سپاهين جي ٽڙيل پکڙيل ۽ ساٿ کان وڇڙيل ماڻهن کي ماريندا هئا. جڏهن وجهہ لڳندو هون تڏهن اچي انقلابي ڪيمپن تي اوچتا حملا ڪري، هن ڦريل لٽيل ۽ ماريل فوج جو رهيو کهيو سفر جو ثمر بہ لٽي کڻي ويندا هئا.

نتيجو اهو نڪتو تہ جيڪو اَن اٽو انقلابي فوج وٽ هو سو ختم ٿي ويو. ماڻهو ۽ جانور بکن وگهي مرڻ لڳا. جڏهن سڀ جانور ختم ٿي ويا تڏهن چمڙي جا بوٽ ۽ پٽيون ٺهڪائي انهن جو پاڻي پيئڻ شروع ڪيائون. جڏهن اهي بہ ختم ٿي ويا تڏهن جهنگ جي گاهہ ۽ ٻوٽن کي اچي لڳا، جن مان ڪيترا ٻوٽا زهريلا هئا جن جي کائڻ سان ماڻهو اتي جو اتي چڙيون هڻي پورا ٿي ويندا هئا. فوج ۾ وبا ڦهلجڻ لڳي.

ايتري ۾ وري هڪڙي ٻي مصيبت منهن ڪڍيو. بارشون شروع ٿي ويون. بارشون بہ اهڙيون جيڪي ڏينهن جا ڏينهن هلنديون رهنديون هيون. هڪڙي اڳيئي قهر جي سردي هئي مٿان ٻوڙ ٻوڙان بارشون پيون، تنهن ڪري ماڻهو وينـي وينـي ڄمي ويندا هئا. چوطرف گپ ئي گپ گڏ ٿي پيئي جنهن ۾ زهر جا اثر هئا. ماڻهو فاقن، سيءَ، مينهن، مرضن جي گڏيل حملن ۾ مکين وانگر مرندا رهيا. ڪوبہ علاج ڪونہ هو. دوا درمل ڪڏهوڪا ختم ٿي چڪا هئا. هر مريض کي دوا بدران فقط گرم پاڻي ڏنو ويندو هو. ڏينهن جو سڄو ڏينهن دشمن جا هوائي جهاز هنن جي تلاش ۾ هوندا هئا. تنهن ڪري هنن کي رات جو سفر ڪرڻو پوندو هو. ٿڪي چور ٿيل، فاقن ۽ مرضن جا ماريل سپاهي بيمار ۽ ڦٽيل ساٿين جا هڏاوان پڃرا ڪڻي اڳتي وڌندا رهيا. هاڻ اصلوڪي هڪ لک فوج مان فقط ست اٺ هزار ماڻهو وڃي بچيا هئا. اڃا منزل اڳتي هئي. سامهون منشائن جبلن جون قطارون آيون. انهن کي پار ڪرڻ لاءِ ڪوبہ لڪ لانگهو ڪونہ هو. تنهن ڪري هنن اپرنديـن پاسي لات سي ڪائو واري لڪ جو رخ رکيو. اتان وري اتر طرف وڌيا ۽ ڪان سو صوبي ۾ داخل ٿيا. اتي دشمن جي هڪ زبردست فوج انتظار ۾ گس جهليو وينـي هئي. مائو ائين ڏيکاءُ ڏنو جڻ تہ ان فوج سان دوبدو مقابلو ڪندو. هو تنگ سو

شهر ڏانهن وڌيو. جتي دشمن جو هيڊ ڪوارٽر هو. پر عين ٽائيم تي هو گوهي ڏيئي وري اتر اوڀر طرف هلڻ لڳو ۽ انهن علائقن مان لنگهيو جتي مسلمان رهندا هئا. انهن کين تنگ نہ ڪيو ۽ هو خير سان اڳتي نڪري ويا. هو هوئي تنگ ۽ تنگ چينگ شهر جي وچ تي هئا تہ اتي دشمن جي فوج اچي وڪوڙين پر انقلابي فوج بي جگريءَ سان لڙي. هن دفعي بہ دشمن جي گهيري کي ٽوڙڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي ۽ لويان جبل جي برف سان ڍڪيل چوٽين ۽ لڪن مان لنگهي هو آخر شينسي صوبي ۾ داخل ٿيا جيڪا سندن آخري منزل هئي. اهڙي طرح ستن هزار ميلن جو سفر ڪري، يارهن صوبن کي پار ڪري 22 ندين 28 جبلن جي قطارن کي چيري ۽ پنهنجي ساٿين جي نوَن پتين جي قرباني ڏيئي انقلابي فوج پنهنجي منزل يعني شينسي ۽ ڪانسو صوبن جي سرحد واري انقلابي اڏي ۾ پهچي ويئي. پر ڏنائون تہ اتي اڳيئي ويل ڀريو پيو هو. سندن نوان ميزبان خود زبردست گهيري ۾ هئا! انهن تي ٿن مهينن کان وني ڪومنتانگ فوجن جو گهيرو هو، جنهن کي ٽوڙڻ لاءِ هو سر ڌڙ جي بازي لڳائي رهيا هئا. جولاءِ 1935ع ۾ اهو گهيرو شروع ٿيو. هنن دشمن جون بہ برگيڊون ناس ڪيون. سيپٽمبر ۾ هڪ ٻئي انقلابي اڏي جي انقلابي فوج جو 25 آرمي ڪور اتان دشمن جو گهيرو ٽوڙي تمام وڏو چڪر ڪاٽي اچي شينسي ڪانسو انقلابي اڏي ۾ پهتو، جو ڪيس مرڪزي ڪميٽي طرفان اهڙو حڪم مليل هو. هاڻي ٻنهي فوجن گڏجي دشمن جو گهيرو ڪندڙ فوج تي جوابي حملا ڪرڻ شروع ڪيا. تان جو آڪٽوبر ۾ مرڪزي فوج لانگ مارچ ڪري اچي هتي پهتي ۽ ٽنهي فوجن گڏجي دشمن جو گهيرو ڪندڙ فوجن کي ناس ڪيو.

## مائو جا ٻار

لانگ مارچ ۾ انقلابي مجاهدن جا ٻار ٻچا بہ گڏ هئا ڇاڪاڻ جو ڪومنتانگ وارا انقلابي مجاهدن کي تہ نهيو پر سندن ٻارن ٻچن کي بہ ڪونہ ڇڏيندا هئا ۽ جڏهن بہ خبر پوندي هين تہ هي ٻار ٻچا فلاڻي انقلابي مجاهد جا آهن تہ انهن کي بي رحميءَ سان خون ڪري ڇڏيندا هئا. مائو جي پهرين زال مائو جي ڀيڻ سان گڏ چانگ شا ۾ ڪومنتانگ وارن شهيد ڪري ڇڏي. ان ڪانپوءِ هن ٻي شادي ڪئي. جنهن مان ڪيس ٻہ پٽ هئا. لانگ مارچ واري سفر ۾ مائو جي زال پيٽ سان هئي ۽ پنهنجن ٻارن سان سفر پئي ڪيائين. واٽ تي جيڪي خوفناڪ مصيبتون ۽

مشڪلاتون انقلابي فوج ۽ ان جي قافلي وارن کي سامهون آيون، تن جي ڪري ٻارن جي جيئري بچڻ ۽ منزل تي پهچڻ جي ڪابہ اميد ڪانہ هئي. ان ڪري عيال دار انقلابي مجاهدن پنهنجا ٻار واٽ تي رحم دل ماڻهن کي ڏئي ڇڏيا تہ اسين بچون نہ بچون اهي بچي پون. مائو ۽ سندس زال بہ پنهنجا ٻہ پٽ ٻين ماڻهن کي ڏيئي ڇڏيا. اهي هنن وري ياعمر اڪين ڪونہ ڏٺا. اڄ تائين سندن پتو ڪونہ پيو آهي تہ مري ويا يا بچيا چو تہ ان افراتفريءَ ۾ جيڪو جتي ٿي رهيو سو تتي ڇٽو. اولاد کي مائٽ جي ۽ مائٽ کي اولاد جي خبر ئي ڪانہ رهي. ننڍن ٻارن کي مائٽن جا نالا نشان ئي وسري ويا.

لانگ مارچ آڪٽوبر 1935ع ۾ پوري ٿي. ٻہ مهينا پوءِ لانگ مارچ تي تبصرو ڪندي مائو لکيو "ماڻهو پڇن ٿا تہ لانگ مارچ جي اهميت ڇا آهي؟ لانگ مارچ انسان ذات جي تاريخ ۾ پنهنجي قسم جي اڪيلي نرالي مارچ آهي. لانگ مارچ هڪڙو پڌرنامو آهي. هڪڙي تبليغي قوت آهي. هڪ ٻج ڇٽڻ جي مشين آهي. جڏهن کان وني آسمان ۽ ڌرتي وجود ۾ آيا آهن تڏهن کان وني اڄ ڏينهن تائين انسان جي تاريخ هن لانگ مارچ جهڙي ٻي ڪا مارچ ڏٺي؟! ٻارهن مهينا سوين هزارين هوائي جهاز اسان تي روز چوڪسي ۽ بمباري ڪندا هئا. ڌرتي تي لکن جي فوج اسان کي گهيرا وجهندي هئي، پيڇا ڪندي هئي، اڏ ۾ روڪيندي هئي ۽ پڪڙيندي هئي. اسان کي بيان کان ٻاهر مشڪلاتون ۽ خطرا سامهون آيا پر اسان پنهنجي هنن ٻن ٽنگن سان 16 صوبا لتاڙي ست هزار ميل پنڌ ڪري اچي هتي پهتا آهيون . . . . لانگ مارچ جڻ تہ هڪ پڌرنامون آهي. ان سڄي دنيا کي اعلان ڪري ٻڌايو آهي تہ انقلابي فوج سورمن ۽ جوڌن جي فوج آهي، جنهن جي سامهون ڌاريان سرمائيدار ۽ سندن چيانگ ڪائي شيڪ جهڙا شڪاري ڪتا خسيس ۽ بيوس آهن. لانگ مارچ هڪڙي تبليغي قوت بہ آهي. انهيءَ مارچ 46 صوبن جي 30 ڪروڙ عوام کي اعلان ڪري ٻڌايو آهي تہ سندن آزاديءَ جو اهو ئي رستو آهي جيڪو انقلابي فوج ورتو آهي . . . . لانگ مارچ هڪڙي ٻج ڇٽيندڙ ناڙي آهي. انهيءَ 16 صوبن ۾ ٻي انداز اهڙا ٻج ڇٽيا آهن جيڪي اڳتي هلي ڦٽندا، پاڙون هڻندا ۽ پن ڪندا، گونچ ڪيندا، ميوا جهليندا ۽ پلا فصل پيدا ٿيندا . . . ."

# سپر پاور! سپر پاور!

اڄ جي دنيا ۾ فقط امريڪا ئي هڪڙو سپر پاور وڃي رهيو آهي. ٻي جنگ عظيم کانپوءِ هو ٻن سپر پاورن مان هڪڙو بڻيو. روس جي زوال کان پوءِ هو هن دنيا جي جهنگ ۾ اڪيلو شينهن وڃي رهيو آهي.

دنيا جو پهريون سپر پاور ايران هو، جنهن جو ايشيا، يورپ ۽ آفريڪا جي علائقن تي راڄ هو. پوءِ روم ٿيو جيڪو هيستائين جي دنيا جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏي ڊگهي عرصي تائين هلندڙ سلطنت هو. اها سلطنت ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ اٽڪل ڏيڍ هزار سال قائم رهي. پوءِ عرب مغربي دنيا جا سپر پاور ٿيا. اوپر جو سپر پاور زمانن تائين چين پئي رهيو آهي. پوءِ چنگيز وارا منگول سپر پاور ٿيا. سامونڊي شاهراهن کلڻ کانپوءِ پورچوگال، هالينڊ ۽ اسپين واري واري سان سپر پاور ٿيا. تان جو اسپين وڃي سپني جو سر موڙ سپر پاور ٿيو. ان کان پوءِ انگريز دنيا جا بالادست ٿيا. انگريز سلطنت تان سج لهندو ئي ڪونه هو. رومي شهنشاهت کانپوءِ دنيا جي وڏي ۾ وڏي سلطنت انگريز سلطنت هئي.

سوال آهي ته موجوده اڪيلي سپر پاور آمريڪا جي اڪيلي سر سپر پاوري سدائين هلندي ڇا؟ جواب آهي نه! هر قسم جي وڏي ويڙهه ۽ جنگ ۾ ماڻهن، پارٽين، قومن ۽ ملڪن کي ٿيهن نسن جو زور لڳائڻو ٿو پوي. تخت يا تختو. ان ڪري سندن صلاحيتون ۽ وسيلا گهٽجي ڇڪ ۽ دٻاءُ هيٺ اچن ٿا. انهن ۾ اها ڇڪ ۽ اهو دٻاءُ برداشت ڪرڻ جي جيتريقدر طاقت هوندي آهي اوتريقدر اهي ڇڪون ۽ اهي دٻاءُ انهن جي صلاحيتن ۽ وسيلن کي وڌائي ويجهائي ڪين وڌيڪ مضبوط ۽ طاقتور ڪندا آهن. پر مقرر سهپ کان ٻنهه ٻاهر ڇڪ ۽ دٻاءُ نه سهي اهي سسڻ ۽ گهٽجڻ بلڪ ٽٽڻ لڳندا آهن.

انهن ڳالهين کي خيال ۾ رکندي عظيم انقلابي سماجي داناءُ اينجلس اٽڪل هڪ سئو سال اڳ اوڻويهين صديءَ جي پڇاڙي ۾ پهرين جنگ عظيم کان اٽڪل پاءُ صدي اڳ چيو هو ته، ”جي هاڻ ڪا وڏي جنگ عظيم لڳي ته يورپ جا ڪيترائي تخت ۽ تاج فوٽ پاٿن تي ٿڏبا نظر ايندا.“ ٿيو به ائين. پهرين جنگ عظيم ۾ جرمن، روس ۽ يورپ جي ٻين ڪيترن ملڪن جا بادشاهه بلڪ شهنشاهه يا ته مارجي ويا، يا ته ٽپڙ ٻڌي ملڪ ڇڏي هليا ويا. ڪجهه ملڪن ۾ عوامي انقلاب

آيا. روس ۾ انقلاب ڪامياب ٿيو ۽ جرمني ۾ ناڪام. سڄي يورپ ۾ انقلاب جي لهر ٻوڙي ويئي. ٻي جنگ عظيم ۾ هارائيندڙ ملڪ جرمني، جپان ۽ اٽلي تہ بلڪل تباهہ ٿي ويا، پر سواءِ آمريڪا جي، جنهن ڪي ميدانِ جنگ کان صفا پري هئڻ ڪري جنگ جو ڪوسو واءُ بہ ڪونہ لڳو ۽ ان اٽلو ٻنهي جنگين مان خوب ڪمائي جاوا ڪيا، ٻيا فاتح ملڪ بہ ذري گهٽ تباهہ ٿي ويا. برطانيہ ذري گهٽ ڏيوالي ۾ اچي ويو ۽ برطانوي سلطنت جنهن تان سج ئي ڪونہ لهندو هو سا ڇڻ اک ڇنڀ ۾ ڏوڙ ٿي اڏامي ويئي. روس جا بہ ڪروڙ ماڻهو جنگ ۾ ختم ٿي ويا ۽ سندس اقتصادي پڄرو تباهہ ٿي ويو. ٻي جنگ عظيم ڪانپوءِ بہ هن لاءِ ويڙهہ ختم ڪانہ ٿي ۽ آمريڪا روس کي تباهہ ڪرڻ لاءِ روس تي سرد جنگ ۽ هٿيارن جي جنگ مڙهي ڇڏي. انقلاب کان اڳ سڄي يورپ ۾ زارشاهي روس هر طرح پوئتي پيل ۽ ڇٽ خاني ۾ هو. پهرين جنگ عظيم، انقلابي جنگ، امريڪا، برطانيہ، فرانس، جپان، زيڪوسليواڪيا ۽ نون ٻين ملڪن يعني ڪل چوڏهن ملڪن جي گهڻ طرفي گڏيل حملي، پسماندگيءَ، ڏڪار ۽ تباهيءَ خلاف جنگ، سرمايہ دار ملڪن جي اقتصادي، سياسي ۽ سفارتي گهيرن ٽوڙڻ لاءِ جنگ، نئون اقتصادي نظام قائم ڪرڻ لاءِ جنگ، ٻي جنگ عظيم، سرد جنگ، دوست ملڪن کي مدد ڏيئي بچائڻ جي جنگ، نون هٿيارن جي ناهڻ ۽ تيار ڪرڻ جي ڊوڙ واري جنگ، انهن لاڳيتن ۽ ساهي بہ نہ پٽڻ ڏيندڙ جنگين جي اڻ کٽ سلسلي روس جي عوامي اقتدار ۽ نظام کي هٽي ادوڙي وڌو ۽ اهو ڪجهہ وقت اڳي نيٺ ڊهي پيو.

پر امريڪا سان بہ،

هم تو ڈُوبي هين صنم!
تم ڪو ڀي لي ڈوبينگي.

وارو ڪم ٿيو. جيئن اڳ چيوسين، ٻنهي وڏين جنگين جي ڪري سندس چاندي ٿي وئي ۽ ڪيس قارون جا خزانا هٿ چڙهي ويا. رات وچ ۾ اربن ڪربن ڊالرن جا ڏک هٽي، گڙنگ شاهوڪار ملڪ بنجي ويو ۽ ڄڻ هِڪيءَ کان ٿي ڦاٽو، سڄي يورپ بلڪ سڄي دنيا جي تباهيءَ جي پيڙهہ تي سندس اقتصادي، سياسي ۽ فوجي برتري جو شاهي محل اڏجي راس ٿي ويو. پر سرد جنگ ۽ هٿيارن جي ريس، روس کي تہ سنڌن کان سڪائي ڇڏيو. پر ان امريڪا جي اقتصادي ۽ سياسي صحت کي بہ آهستي آهستي روڳ لڳائڻ شروع ڪيو. سندس ٽنگون سڄي دنيا ۾ اٽڪي پيون. سندس واسطي دنيا تي بالادستي ڪل مان ذل ٿي پوڻ شروع ڪيو.

تان جو فوجي طرح ٻه ڪيس ڪاپاري ڌڪ لڳڻ شروع ٿيا. ڪوريا ۾ ڪٿي نه سگھڻ ڪانپوءِ ويٽنام آمريڪا جي آنڊن ۾ هٿ وجهي ڇڏيو. دنيا جي مست هاٿيءَ ڪي ويٽنامي مڇرن هلاڪ ڪري وڌو ۽ سندس شان مان ڪي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو.

من گرچه در نظر يار خاڪ شدم
رقيب نيز چنين محترم نه خواهد ماند

(اسين جي ڪٽي يار جي نظر ۾ ڌوڙ ٿي وياسين ته مڙيئي خير آهي (خدا ڪندو ته) رقيب به وٽس ڪي ايڏيون وڏيون عزتون ڪونه ماڻي سگھندا!)

ڪاڏي ڪوهه ٻه ڪٿيو وڃن. اڄ سڄي دنيا جو ڏاتار ٻي دنيا جو ته ٺهيو پر خود پنهنجن شهرين جو ٻه قرضي آهي. سندس بجيٽ ڪنهن زماني ڪان ٻارهوئي ڪوٽ ۾ آهي.

اڄ ڏسين جي ڏاتار جا ڪيترائي ٻچا دانهون ڪري چون پيا ته، (اسين بکيا، اگھاڙا ۽ پارن جا ستيل آهيون.“ آءٌ امريڪا ۾ مهينو ڪن هوس ته اهو سڄو حال روبرو ۽ ٽي وي تي ڏٺم ۽ اخبارن ۾ پڙهيم. گھڻن عام ماڻهن چؤ طرف غريبيءَ ۽ بدحاليءَ ۽ بي روزگاريءَ بابت دانهن تي ڪئي.

جپان جنهن ڪي تباهه ٻه امريڪا ڪيو ۽ چين ۽ روس جي دشمنيءَ ۾ آسمان تي رسايو ٻه آمريڪا، تنهن جا ڪارخانيدار اڄ چون پيا ته آمريڪا پوئتي پيل ملڪ آهي، ڪيس بجيٽ جو حساب ڪتاب نيڪ رکڻ ۽ اقتصادي ۽ مالي ڊسيپلين قائم رکڻ نٿو اچي ۽ آمريڪي مال سنو نهيل نه هوندو آهي وغيره وغيره.

لو وه پي ڪهتي هين يه ڪه بي ننگ و نام هي
يه جانتا اگر تو لٽاتا نه گهر ڪو مين (غالب)

غازي بش جنهن آمريڪي ماڻهن ڪي خوش ڪري صدارتي اليڪشن ۾ فتح ڪي يقيني بنائڻ لاءِ عراق ڪي اول دلبو ڏيئي، ڪانئس ڪويت تي حملو ڪرائي، پوءِ وري ڦري مٿس حملو ڪري، ڪيس ساڙي ٻاري رک ڪري ڇڏيو، سو ويچارو فاتح مٿي ڪي هٿ ڏيو ڦريو ماريو مظلوم ٿيو وينو آهي. امريڪي ماڻهن نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيس.

سائنس ۾ پڙهائيندا آهن ته

Every Action has an equal and opposite Reaction

”هر عمل جو اوترو ئي ۽ ان عمل جي ابتڙ رد عمل ٿيندو آهي.“ آمريڪي اڪيلي سر سپر پاوري بہ پنهنجو رد عمل آهستي آهستي پئي ظاهر ڪري. دنيا آمريڪا جي اڪيلي فيل مستيءَ ۾ خوش ناهي. هنن کي ڪو گهرجي جو آمريڪي هڪ هٿيءَ جي هاٺوڪن ۽ آئنده جي امڪاني هاجيڪار اثرن کان ڪين نجات ڏياري يا گهٽ ۾ گهٽ هر ڳالهہ جي باوجود آمريڪا وٽ ٻين ملڪن مٿان دٻاءُ وجهڻ جي جيڪا بي پناهہ قوت آهي تنهن کي حد اندر رکي.

اڄڪلهہ دنيا جي پريس ۾ ٻئي امڪاني سپر پاور جي ايرڻ بابت آسن ۽ خوفن ڀريون قياس آرايون هلندڙ آهن. جپان جيڪو اڄ دنيا جي ٻيو نمبر اقتصادي قوت آهي سو اڪيلي سر آمريڪا کي چئلينج نٿو ڪري سگهي. سندس سائيز ننڍڙي آهي. وٽس پنهنجو ڪچو مال ڪونهي. سندس فوجي طاقت اُتاهہ ٿي سگهي ٿي پر ان جو ڳاٽي ڀڳو خرچ سندس اقتصادي حالت تي وڏو دٻاءُ وجهندو ۽ ڪيس ان ميدان ۾ پوئتي ڌڪي ڇڏيندو. جرمني تمام زور آهي پر سندس سپر پاور ٿيڻ لاءِ گهربل فوجي طاقت تي جيڪو خرچ ايندو سو سندس اقتصادي پوزيشن خراب ڪري ڇڏيندو. ٻي ڳالهہ تہ يورپ ۾ جرمنيءَ جي وري ايرڻ خلاف سخت جذبو موجود آهي. خود انگريز بہ ان ڳالهہ ۾ خوش ناهن تہ ڪو جرمني وري اهڙي پوزيشن ۾ اچي سگهي جو هٽي اڳي وانگر يورپ کي آزار ۾ وجهي ڇڏي. سيني کي خبر آهي تہ روس وري ايرندو پر ان لاءِ وقت کپي، ڪافي وقت. فرانس نيڪ آهي پر سپر پاوري لاءِ اجا ڪجهہ گهرجي. مطلب تہ في الحال دنيا جي سياسي مبصرن کي سرمايہ دار صنعتي ملڪن مان ڪوبہ ٻيو سپر پاور ٿيڻ جي وزن ڪٽڻ جهڙو نظر نٿو اچي.

مزي جي ڳالهہ اها آهي جو هاڻ ماٺهو ٻيو امڪاني سپر پاور ترقي يافتہ سرمايہ دار ملڪن بدران ٽين دنيا جي پوئتي پيل ملڪن ۾ پيا ڳولين. في الحال نالو اهڙي عجيب غريب ملڪ جو پيا وٺن، جيڪا بکي بلا ويچاري پنهنجي پيٽ ۾ جهلي پيئي آهي، جنهن کي گذريل ٻن ٽن صدين کان جڻ ٻچا وات ۾ آهن ۽ جنهن جا اجا ڪالهوڻي ڪالهہ ”غريب جي جوءِ جڳ جي ڀاڄائي“ واري ڳالهہ وانگر اوڙي پاڙي جي ماڻهن ٻوٽ پٽي پئي ڪاڏا. الائي ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو ڪاهيو اچيو سندس ڇاتيءَ تي چڙهيا وينا هوندا هئا ۽ جيڪا نرڙ تائين قڏن، فسادن، جهيڙن، جنگين جي گپ ۾ گتي پيئي هئي. ڪيترن عالمي رسالن ۾ چين جي ٻئي نمبر سپر پاور بنجڻ جي امڪان لاءِ هينيان دليل ڏنا پيا وڃن:

1 ـ ونس ملڪ وڏو ۽ قدرتي وسيلا گهڻا آهن.

2 ـ ملڪ جا ماڻهو نہ اجايا ٿورا آهن ۽ نہ اجايا گهڻا.

هونئن تہ ان ۾ تمام گهڻا ماڻهو آهن، پر جيڏو ملڪ آهي، جيترا وسيلا هينئر موجود اٿس، واڌو جيتري قدر اُهي وسيلا، مڙسي ۽ قابليت سان وڌائي ويجهائي سگهجن ٿا، ان حساب سان چين جا ايترا ماڻهو اجايا گهڻا ناهن.

3 ـ چين ٽئين دنيا جو اڪيلو وڏو ملڪ آهي، جنهن آباديءَ جي اڻ رٿيل واڌ تي فولادي ضابطو رکيو آهي، اتي زالن مڙسن کي هڪڙي ٻار ڄڻڻ جي اجازت آهي پوءِ چاهي اهو ٻار پٽ هجي يا ڌيءَ.

امريڪا ۾ ڊاڪٽر وقاصيءَ مونکي چين بابت هڪڙي زبردست فلم ڏيکاري، جنهن ۾ هڪ ڪان وڏيڪ ٻار ڄڻڻ يا نہ ڄڻڻ جي مسئلي بابت هڪڙو سچو واقعو ڏيکاريل هو. مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ پيڪا ساهرا تہ ٺهيو پر اوڙو پاڙو، جج جيوري ۽ پارٽيءَ جا نمائندا سڀ اچي گڏ ٿيا هئا ۽ جنهن اعلیٰ سطح جي سنجيدگي، ارادي جي پختگي، سياڻپ، ڏاهپ، قرب ۽ محبت جي آميزش سان اهو معاملو پيش ڪيو، ٻڌو، بحث هيٺ آندو ۽ فيصلو ڪيو ويو، تنهنکي ڏسي ماڻهو واقعي دنگ رهجي ٿي ويو، تہ بيشڪ عظيم تهذيبون ماڻهن کي عظيم سياڻپون، عزم ۽ ماڻهپا بخشين ٿيون ۽ بيشڪ اهي ماڻهو پاڻ ۾ وڏا انقلاب آڻڻ ۽ پنهنجون تقديرون بدلائڻ جا لائق ۽ ان جا حقدار آهن.

4 ـ چين هڪ وڏي علائقائي فوجي طاقت آهي، ان ۾ اقتصادي وسيلن جي سهپ سارو ۽ فقط ان حد اندر خاصيت جي ٿوڙي مقدار جي لاڳيتي واڌ پيئي آندي وڃي.

5 ـــ چين جي اقتصادي صورتحال ”رٿيل سوشلسٽ مارڪيٽ جي اقتصاديات“ (Planned Socialist Market Economy) جنهن تي سامراجي پروپئگنڊا مشينري ڇٽرون ڪري، ان کي ”سوشلزم جي ليبل هيٺ سرمايہ داري“ جو طعنو ڏيئي خوار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، تنهنجي بنياد تي نہ رڳو روس جي ڀيٽ ۾ اڳتي وڌنڊڙ آهي، پر خود ايشيا ۾ بہ چين هڪڙي اقتصادي وڏي شيءِ پيو بڻجي.

6 ـ ان جو ثبوت اهو آهي جو امريڪا ۽ يورپ سان سندس واپار ۾ سندس روانگي وڌيڪ ۽ آمدني گهٽ آهي ۽ سرسري طرح ڪيس هر سال ٻنهي هنڌان اربين ڊالر بچن ٿا.

7 ـ جپان سان سندس اقتصادي تعاون وڌي رهيو آهي. ٻنهي کي هڪ ٻئي جي سخت گهرج آهي، چين کي جپان جي ٽيڪنيڪي ڄاڻ، انتظامي تجربي، واپاري صلاحيتن ۽ پيداوار جا وسيلا پيدا ڪندڙ اعليٰ درجي جي مشنري جي ضرورت آهي ۽ جپان کي سندس اٿاهه مارڪيٽ، خريداريءَ جي ڪافي قوت ۽ تمام گهڻي ۽ گهڻن قسمن جي ڪچي مال جي ضرورت آهي.

8 ـ چين ۽ جپان جا سفارتي ۽ سياسي تعلقات نيڪ رستي تي سمجهه، ڏاهپ، ثابت قدمي ۽ دورانديشيءَ سان اڳتي وڌي رهيا آهن. تازو جپان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو جپان جو شهنشاهه چين ويو، جيڪا ڳالهه ٻنهي ملڪن جي تعلقات ۾ هڪڙو اهڙو تمام وڏو قدم آهي، جيڪو انهن لاڳاپن جي سطح کي گهڻو اوچو ڪندو ۽ سندن راهه ۾ موجود گهڻيون تاريخي رڪاوٽون دور ڪري سگهندو.

9 ـ چين جا روس سان ٻه سياسي لاڳاپا نيڪ ۽ اقتصادي لاڳاپا سڌريا آهن. روسي چين جي اقتصادي ترقي کي وڏي رشڪ جي نظر سان ڏسن ٿا. ٻه ٽي سال اڳ ماسڪو ۾ هڪڙي ڪچهريءَ ۾ روسي ڪميونسٽ پارٽي جي هڪڙي نمائندي دوست مون کان پڇيو "توهان جي خيال ۾ اڄ روس ۾ لينن کان پوءِ ٻيو نمبر مقبول ليڊر ڪير هوندو؟" مون چيو "گورباچوف." چيائين "وري ڏڪو هڻ" مونکي صحيح جواب ڪونه سجهيو. چيائين "ڳاٻا ڳتا؟" مون چيو "ڳتا." چيائين "ڊينگ شيائو پينگ!" تن ڏينهن ماسڪو ۾ چيني ڪارخانن ۾ ٺهيل سامان جي نمائش پئي ٿي. گريگري مونکي ائين ڪاهي اوڏانهن وٺي هليو، جيئن هڪڙا سنگتي ٻين کي گهلي ڪنهن وڏي ميلي تي وٺي ايندا آهن. روسي، مردن، عورتن ۽ ٻارن جي وڏي تعداد، وڏي چاهه سان چيني مشينري ۽ شيون پئي ڏٺيون. روس ڳري مشينري ۾ ته دنيا جي چوٽيءَ تي هو پر ننڍي مشينري ۽ روزمره جي استعمال جي معمولي شين کي وڏي پئماني تي پيدا ڪرڻ ۽ ماڻهن جي روزمره جون ننڍڙيون دل گهريون خوشيون ۽ ضرورتون پوريون ڪري، سندن دل خوش ڪرڻ جي ننڍڙي ۽ معمولي ڳالهه لاءِ اڃان وقت ڪيڏي ڪونه سگهيو هو ۽ اڃان انهن جو وارو ڪونه آيو هو، ان ڪري اهو، روسي اقتصادي مشين لاءِ ٻاراٽي ڪيل جهڙي ان ننڍڙي خسيس ڪم ۾، پوئتي رهجي وڃڻ ڪري، مار ڪائي ويو.

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو پهرين وڏين ڳالهين کي پورو ڪري، پوءِ ننڍڙين ڳالهين کي پورو ڪرڻ جي چڪر ۾، وڏا وڏا ڌڪ کائي ويندو آهي.

10 ـ چين دنيا ۾ تهذيبي ۽ ثقافتي وڏو ۽ اڳواڻ ٿي رهڻ جو هزارين سالن جو نفسياتي، انتظامي، سماجي، فوجي، سفارتي ۽ ثقافتي تجربو رکي ٿو. تاريخ جي ننڍڙن وقفن کي ڇڏي، وڏو ٿي رهڻ، چين جي قومي عادت ۽ قومي ريت رهي آهي. ان ڪري سپر پاور جي سمورين تقاضائن ۽ ڍنگن، فضيلتن ۽ آدابن بابت اهو قومي طرح قابل ۽ سڄاڻ آهي. ڪيس ان مرتبي کي رسڻ ۽ ان تي قائم رهڻ ۽ ان جي حفاظت ڪرڻ ۾ ڪابہ قومي نفسياتي مشڪلات پيش ڪانہ ايندي.

11 ـ چين جي ليڊرشپ نهايت تجربي ڪار آهي. اها جدوجهد، جنگ، دوستي، دشمني، سڪار، ڏڪار، ڪوٺ، واڌ، شڪست ۽ فتح جا سمورا امتحان فل پاس ڪريو ويٺي آهي، تنهنڪري ان لاءِ سياسي، اقتصادي، سفارتي ۽ فوجي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ توڙي ضرورت مهل هڪڙي هنڌ بيهي يا چپ هٽي ويهي رهڻ يا مورڳو گمنام ٿي وڃڻ آسان ڳالهہ ۽ هلي چلي آهي.

12 ـ چين جي شاندار جنگ آزادي، گوريلا جنگين، چيانگ ڪائي شيڪ، جپان ۽ آمريڪا خلاف سورهيائي واري جنگ، لانگ مارچ، مائوزي تنگ جي شخصيت ۽ ٻين سڀني جي ڪري هيترن سارين اڻ وٽندڙ ڳالهين ۽ روسي ـ آمريڪي مخالف پروپئگنڊا جي باوجود، چين جي نالي ۾ اجا تائين هڪڙو سحر، هڪڙو جادو ۽ هڪڙي خاص ۽ غيرمعمولي ڪشش آهي.

13 ـ جڏهن روس جيڏو سپر پاور پنهنجا اندروني سياسي ۽ اقتصادي مسئلا حل ڪري نہ سگهيو ۽ آمريڪي سي آءِ اي جي روس اندر ڪيل سازش کي منهن ڏيئي نہ سگهيو، تڏهن چين جي ثابت قدميءَ سڄي دنيا ۾ سندس واسطي عزت پيدا ڪئي آهي ۽ غيرجانبدار ماڻهن کي قائل ڪيو آهي تہ چيني واقعي سمورين سخت مخالف حالتن کي ڪاميابي سان منهن ڏيئي ڄاڻن.

14 ـ ويجهڙائيءَ ۾ هندوستان جنگ، خانہ جنگي ۽ بدحالي جي ايڏن ڏکهن دورن مان ڪونہ لنگهيو آهي جيڏو چين. پر چين ان ساريءَ تباهي مان بي پناهہ طاقت حاصل ڪري اڳتي وڌيو آهي، بهرحال چين هڪ دفعو وري دنيا جي اڳيان هڪڙو معجزو بنجي نظر اچي رهيو آهي، اڳي اهو معجزو رڳو نظرياتي، فوجي، سياسي ۽ سفارتي هو، هاڻ اهو اقتصادي بہ آهي.

چين في الحال سپر پاور بنجي سگهي يا نہ، پر اها ڳالهہ بلڪل صاف پئي آهي تہ ڪلهہ واري مئل ماريل ۽ بدحال چين جو سياڻي واري دنيا ۾ شمار، دنيا جي وڏن سياسي، اقتصادي ۽ فوجي مهاندن ۾ ٿيڻو آهي.

اها ڪرامت هوندي دنيا جي عظيم انقلابي اڳواڻ مائوزي تنگ جي نظرئي ۽ رهبري ۽ چيني ڪميونسٽ پارٽي ۽ عوام جي اتڪل هڪ صديءَ ڪان ٻہ مٿي عرصي واري سخت، اٽانگي ۽ ورن وڪڙن واري جدوجهد ۽ سندن حوصلن، سهپ، ثابت قدمين، سورهيائين ۽ قربانين جي.

ڪڙي ۽ ڪڙهي، پر ۾ پير پنهون جو،
سڪ ٻڌائين سندرو، جانب لاءِ جڙي،
لانچي لڪ لطيف چئي، منڊ جهيڙي ۽ جهڙي،
پٽيءَ تان نہ پڙي، جي عمر سپ ائين ڪري.
(لطيف)

# ڪاش! سنڌ ۾ هيئن ٿئي

(1) سنڌ ۾ هنگامي ۽ جنگي بنياد تي هر سطح جي تعليم نئين سر ۽ وڏي پئماني تي رائج ڪئي وڃي. ڪاپي ڪرائيندڙن ۽ ڪوڙيون مارڪون ڏيندڙن کي، سرعام گڏهه تي چاڙهي، سندس سرگس ڪڍيو وڃي ۽ پچاڙيءَ ۾ ڪين شهر جي چؤنڪ ۾ ڦٽڪا هنيا وڃن.

(2) ماسترن مقرر ڪرڻ جو حق وڏيرن کان واپس ورتو وڃي ۽ ماستري ۽ ٻيون نوڪريون لياقت جي بنياد تي باقاعدي ۽ ايمانداريءَ سان ورتل امتحانن جي حقيقي نتيجي طور، ڏنيون وڃن ۽ نه پارٽي ميمبريءَ جي بنياد تي.

(3) هر سنڌي ماڻهو پنهنجي دماغ کي روزانو گهٽ ۾ گهٽ پنج منٽ وڏيرڪي سوچ ۽ وڏيرا پرست مڊل ڪلاسي سوچ ۽ پروپيگنڊا جي زنجيرن مان آزاد ڪري، کيس ڪجهه وقت، آزاديءَ سان سوچڻ جي مهلت ڏي. گهٽ ۾ گهٽ انهن پنجن منٽن ۾ وڏيرڪي ڪوڙي ۽ فراڊي قومپرستيءَ جي چرس جي سوٽو هڻڻ، وڏيرڪي، ”جمهوريت پسنديءَ“ ۽ ”عوام دوستي“ جو ينت واپرائڻ لکنوي، دهلوي ٽائيپ مطلبي ”روشن خيالي“ منافق ”ترقي پسندي“ جعلي “انسان دوستيءَ“ جي هيروئن کان مڪمل پرهيز هجي.

(4) سنڌي ماڻهو وطن جي حب جي آڙ ۾ ڪني پاڻيءَ جي تلاءَ جا ڏيڏر ٿيڻ بند ڪن. حرڪت ۾ برڪت ۽ سفر کي ظفر (سوڀ) جو وسيلو سمجهڻ، لطيف جا ڪاهوڙي، رمتا جوڳي، لامڪان لاهوتي بڻجن.

”هو فسيروا في الرض، والبتو امن فضل الله لعلکم تفلحون“ جي قرآني حڪم تي عمل ڪن (پوءِ سڄي دنيا جي سير ڪري سڄي دنيا ۾ الله جي مهربانين جي ڳولا ڪريو ته جيئن توهان جي ڀلائي ٿئي).

کهڙي هڪڙي ٿوهر، ڪرڙ يا ڄار جي پاسي کي يا ڪنهن ڳوٺ جي هڪڙي جهوپڙيءَ يا گهر کي پنهنجو وطن سمجهڻ بدران سڄي جهان کي، ان جي سمورين ڪنڊن، برن ۽ بحرن، برفاني ميدانن ۽ هماليائن جي بلندين کي، پنهنجو وطن سمجهن. سفر ڪرڻ ۽ بهتر گذر جي وسيلن ڏانهن لاڳيتي لڏ پلاڻ ڪي عادت بڻائين. سدائين حرڪت ۽ برکت جي حالت ۾ رهن.

(5) سنڌي ماڻهو پنهنجو مقابلو ٻين پاڻ جهڙن "لکي لکانو، پڙهي الله ڏنو" قسم جي سنڌين سان ڪرڻ بدران، دنيا جي پڙهيلن سان ڪن ۽ پنهنجو آدرش سڄي دنيا جي اڄوڪن توڙي اڳوڻن چوٽيءَ جي عالمن، اڪابرن، سائنسدانن، اديبن، شاعرن، ايجادون ڪندڙ ۽ ڪاروبار، سياست، جنگ ٽيڪنالاجي، سماجي سڌارن ۽ انقلاب جي ميدان جي شهسوارن کي بنائين. سنڌي پڙهيل ماڻهو فقط ٿيٽرو ۽ افساني لکڻ کي لکڻ پڙهڻ جو معراج سمجهڻ بند ڪن. سنڌي بيروني، ذڪريا رازي، ابن رشد، ارسطو، ليوناردو ڊاوچي، نيوٽن، آئنسٽائن، گليلو، هني بال، نيپولين، ڪارل مارڪس، مائو، هوچي منهه، ڪاسترو، ڪمال سنگهه، شيڪسپيئر، ڊي ليسي، پس، ڪاپر نيڪس، گاگارين، مارشل زوڪوف، جنرل گڊيرين، ٽائيمبي ۽ ٻيا اهڙا هزارين پهاڙن جيڏا سائنسدان، مفڪر، ٽيڪنالاجيءَ جا ماهر، قومن جا نجات ڏياريندڙ، انسانيت کي مٿي کڻندڙ، اديب، عالم، مؤرخ ۽ ٻيا زندگيءَ جي ميدانن جا شهسوار پيدا ڪري.

(6) سنڌ شيدي وانگر پنهنجي پٽ کي يوسف ثاني سمجهڻ بند ڪري، دودي، درياءُ خان، هوشوءَ ۽ هيمون جي نهايت ابتدائي قسم جي مڙسيءَ ۽ همٿ بابت اجائي بي سبب ۽ بي سمجهه ڊيگهه تي پيٽ پارڻ بدران حقيقت سان اکيون ملائي، پنهنجو ۽ پنهنجي قومي هيرن جو دنيا جي هيرن جي حساب سان، صحيح قومي قد ڪاٺ معلوم ڪري، ان کي بلند ڪرڻ جي ڪم ۾ جنبي وڃي.

(7) وڏيرا شاهي ۽ ٽاٽي جي ناجائز تعلق ختم ڪيو وڃي ۽ ان ناجائز تعلق مان پيدا ٿيل ناجائز سماجي پيدائش يعني ڪوڙن ڪيسن، ٽارچرن ۽ جيل جي اذيت گاهن مان خدا جي خلق جي جان آزاد ڪئي وڃي.

(8) سنڌي ماڻهو سچ جي هيٺين ۽ ٻين غلط اندازن مان جند ڇڏائين.

(الف) اها غلط سوچ تہ جيڪا ڳالهہ يا شئي دل کي وڻندڙ هوندي سا ضرور صحيح هوندي ۽ سورهن آنا صحيح هوندي. ان ۾ ڪو بہ قابل زڪر نقص يا ڪب قابل ذڪر غلطي ٿئي ئي نٿي سگهي. اها وڻندڙ ڳالهہ يا شيءِ دل کي وڻڻ جي باوجود مجموعي طور ۽ گهڻي ڀاڱي غلط يا نقصانڪار بہ ٿي سگهي ٿي، تنهن امڪان جو تہ سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي.

(ب) ساڳي طرح، اها غلط سوچ تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو يا ليڊر دل کي وڻي، تہ ان جا ڪم ضرور ماڻهن لاءِ فائديمند هوندا، نقصانڪار نہ هوندا.

(ت) اها غلط سوچ تہ جيڪو ماڻھو مقبول هجي، سو هر ڳالھ ۾ ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ صحيح نيڪ نيت ۽ ماڻهن جو گهڻ گهرو هوندو.

(ث) اها غلط سوچ تہ جنهن جو ليڊر عظيم ۽ شاندار هوندو اهو پاڻ بہ ضرور عظيم ۽ شاندار هوندو.

(ح) اها غلط سوچ تہ جيڪو جنهن جا گڻ ڳائيندو، اهو ان جهڙو ئي اعليٰ عظيم هوندو.

(خ) اها غلط سوچ تہ جيڪا ڳالھ بار بار پئي ساراهي پئي وڃي ۽ جنهن جي ڪابہ شڪايت ڪانہ پئي ٿئي سان ضرور سني هوندي.

(د) اها غلط سوچ تہ مقبوليت صحيح، سني ۽ حق تي هجڻ جو قطعي دليل ۽ ثبوت آهي، جيڪا ڳالھ مقبول آهي سان صحيح ضرور هوندي، جيڪو ماڻھو مقبول آهي اهو سورنهن آنا حق تي بہ ضرور هوندو.

(9) سنڌ جا باصلاحيت، باڪمال، باضمير، حق پرست ۽ دلير پڑهيل جاڪوڙي اونهي ۽ وسيع مطالعي، عقل ۽ سمجھ جون شمعون ٻاري ڪوجنا ۽ تحقيق جي ميدان ۾ ۾ ٽپي پون ۽ ٻين ڳالهين جي مامرن سان گڏ، اسان جي سنڌي زندگيءَ جي اهم مامرن جي تحقيق ڪري، تر توري، سچ ۽ ڪوڙ کي الڳ ڪري، ڏند ڪٿائن ۽ افسانن کي پاسيرو ڪري، سڪٽي ساراھ جي قصيدن ۽ اجائي گلا ۽ اجاين بهتانن واري پروپئگنڊا کي پري اڇلائي، ڪير جو ڪير ۽ پاٽيءَ جو پاٽي ڪن. سياسي ميدان ۾ تحريڪن، پارٽين ۽ اڳواڻن بابت سموريون حقيقتون معلوم ڪري نروار ڪن ۽ رڪارڊ تي آڻين. انگريزن خلاف آزاديءَ جي تحريڪ، خلافت تحريڪ، مسلم ليگ، پيپلزپارٽي، قومي تحريڪ ۽ ٻين سياسي تحريڪن ۽ پارٽين جا گهرا تجزيا پيش ڪن ۽ گانڌي، نهرو، مولانا آزاد، مولانا محمد علي جوهر، قائد اعظم محمد علي جناح، علامہ اقبال، ذوالفقار علي ڀٽو، شيخ مجيب ۽ ٻين جي مثبت خواھ منفي فڪر، پاليسين ۽ سياسي ڪردارن بابت هر ڳالھ ڇڻي ۽ پڌري ڪن ۽ انهن جي تاريخي رول بابت پنهنجي تڪ تور پيش ڪن تہ ڪهڙين ڳالهين ۾ هنن اسان لاءِ نيڪ ڪم ڪيو ۽ ڪهڙين ۾ نہ. خاص ڪري ذوالفقار علي ڀٽي کي سندس دشمنن طرفان ملڪ دشمن ۽ قوم دشمن ۽ پرستارن طرفان ديوتا ڪري پيش ٿو ڪيو وڃي. سنڌي قوم جي بنيادي ۽ دائمي مقصدن جي روشنيءَ ۾ هو در اصل ڇا هو؟ پيپلز پارٽي ڇا هئي، ڇا آهي ۽ ڇا ٿي رهي آهي؟ ان مان ڪهڙي توقع رکي سگهجي ٿي، ڪهڙي نہ؟ ساڳي اونهي

تحقيق ۽ چنڊ ڇاڻ سنڌ سطح تي سنڌي قوم گهڻگهرائيءَ جي دعويدار ننڍي وڏي ليڊر پش جي حوالي سان ڪري سگهجي ٿي ۽ لازمي طرح ڪرڻ کپي ۽ سنڌي قوم جي ذهنن ۽ ضميرن ۽ قومي فيصلي کي نلهي ڪوڙي سچي روز مرهہ جي اخباري بيان بازيءَ ۽ پروپئگنڊا جي رحم ڪرم تي نہ ڇڏي ڏيڻ گهرجي.

(10) اسين مجموعي طور قومي طرح ڪم چور ۽ بي همت ۽ نلهو ٿائيم پاس ڪندڙ ماڻهو سمجهيا وڃون ٿا. ان حقيقت جو ذڪر گذريل ٽن چئن صدين کان تاريخ ۾ ٿيندو اچي ٿو.

انگريزن سڄي دنيا جي گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيتو هو. انهن بہ اها ڳالهہ نوٽ ڪئي آهي تہ سنڌين جهڙو ڪم جو ٺوٺي دنيا ۾ ڪونهي، سر چارلس نيپيئر ان باري ۾ پنهنجي دلچسپ ٻوليءَ ۾ دلچسپ تبصرا ڪيا آهن.

ڪم نہ ڪرڻ کي اسان وٽ عيب بدران ثواب ۽ معتبري ليکيو وڃي ٿو ان لعنتاڻي کي سنڌي قوم مٿان لاٿو وڃي ۽ پنهنجين ٿيهن نسن سان وڌ ۾ وڌ وقت ڪم نہ ڪرڻ ۽ هر روز، هر گهڙي اڳتي ۽ ان کان اڳتي وڌندو نہ هلڻ کي، ذاتي ۽ قومي بداخلاقي ٺهرايو وڃي ۽ نڪمي ۽ ڪم چور ماڻهوءَ کي ويجهي وڃڻ بہ ڪرهت سمجهي وڃي.

(11) سمورا سنڌي سياسي ڪارڪن، سنڌي قوم جي گهڻ طرفن گڏيل، بنيادي ۽ دائمي مفادن کي، پنهنجي ذات، گروپ، تنظيم ۽ پارٽيءَ جي مفادن کان اوليت ڏين. جيڪو پنهنجي ذاتي مفادن خاطر قومي مفادن کي اهڙي اوليت نہ ڏئي ان کي قوم دوست ماڻهن جي لسٽ مان خارج سمجهيو وڃي ۽ ان جي ڳالهہ اڻ ٻڌي جوڳي ٺهرائڻ گهرجي.

(12) سنڌ هن وقت وڏي ڪشمڪش ۽ مقابلي جي حالت ۾ آهي، ان کي هينئر اهڙن مردن ۽ عورتن جي ضرورت آهي، جيڪي نسبتن گهڻ پاساوان ۽ مڪمل انسان هجن، پر سفر ۽ لڏپلاڻ نہ ڪرڻ ڪري ۽ تعليم نہ هجڻ، ٿوري هجڻ يا محدود ۽ هڪ طرف هجڻ جي ڪري، سنڌ جا ماڻهو زندگيءَ جي ڊوڙ ۾، پنهنجي مقابلي جي ماڻهن کان پوئتي رهجي وڃن ٿا. اسان وٽ اهڙن ماڻهن جو هڪ تعداد آهي، جيڪي پنهنجي پنهنجي شعبي جهڙوڪ: ڊاڪٽري، انجنيئري، زمينداري، واپار وغيره ۾ نيڪ ناڪ آهن. پر هو فقط پنهنجي مخصوص لائين ۾ نيڪ ناڪ آهن. ٻي دنيا جي اڪثر ڪين ڪاٻہ خبر ڪانہ هوندي آهي. ان ڪري هو جڏهن پنهنجي شعبي کان ٻاهر جي ڳالهہ ڪندا آهن، تڏهن سندن حالت

افسوس جوڳي ۽ رحم جهڙي هوندي آهي ۽ سندن هوائي ڳالهيون ٻڌي اندر ئي سڙي ويندو آهي.

ان جي ابتڙ اسان جا مخالف تمام گهٽي ۽ گهڻ طرف چاڻ ۽ تجربو رکن ٿا. ان کري خالص ڊاڪٽر جي ڳالهن کي ڇڏي هنن جو ڪمپائونڊر بہ اسان جي ڊاڪٽر کان وڌيڪ گهڻ طرفو وزنائتو انسان لڳي ٿو، جو سندس ڳالهين ۾ گهڻ طرفائي کري وڌيڪ رس ۽ چس هوندو آهي. اسان جي سنڌي محفلن ۾ جيئن تہ رڳو پنهنجي ڌنڌي سان واسطو رکندڙ، ٻي سڄي دنيا کان بي خبر، ان سان ڪابہ دلچسپي نہ رکندڙ، سماجي محفل جي دلچسپيءَ جي تقاضائن کان اڻ واقف، سکل بند ۽ اڻ گهڙيل ڪاٺ قسم جا ماڻهو وينا هوندا آهن، جن وٽ سندن پيشي يا ڌنڌي سان تعلق نہ رکندڙ ڪابہ ڳالهہ ڪرڻ ۽ سمجهڻ جهڙي نہ هوندي آهي، ان ڪي وسيع معنيٰ ۾ اسان جي مجلسي زندگي چاڪيءَ جي اٺ وانگر فقط ڪنهن هڪڙي ڌنڌي يا پيشي جي چوگرد پيئي ڦرندي آهي. اها خطرناڪ صورتحال ختم ٿيڻ کپي ۽ سنڌ ۾ گهڻ طرف مطالعي، گهڻ طرفي سوچ ويچار، گهڻ طرفين دلچسپين، معلوماتن، گفتگوئن ۽ لاڳاپن وارا، ماڻهو پيدا ٿيڻ کپن، جيڪي سنڌي معاشري کي، هڪڙي نئين زندگي، نئون ولوولو ۽ نئين تازگي بخشين تہ جيئن سنڌي ماڻهو وڏي شوق سان پاڻ ۾ سدائين ملندا ۽ قومي مامرن بابت خيالن جي ڏي وٺ، صلاح مصلحت، فيصلا ڪندا رهن.

(13) سنڌ جي تاريخ بابت اهم ڪتاب انگريزيءَ ۾ موجود آهن. انهن کي الائي ڪهڙي مصلحت تهت ترجمو ٿيڻ نہ ڏنو ويو آهي.

مثلن: ”تاريخ نواءِ معارڪ“ نيپئر جي ڀاءُ جون لکيل تاريخون، ”سنڌ جي فتح“، ”نيپئر جو انتظام“، ”ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي بورڊ آف ڊئريڪٽرس اڳيان پيش ڪيل سنڌي بابت لکپڙهہ“ وغيره سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌ الاجي اهي شايع ڪن.

(14) حافظ شيرازيءَ چيو آهي:

خامي و ساده دلي، شيوه بازان نيست
خبر از بر آن دلبر عيار بيار

(ڪچائي ۽ وائڙپ مڙس ماڻهن جو ڪم ناهي، اسان جو يار عيار آهي. ان چالاڪ دلبر جي خبر چار (ڪٿان ب بہ ڪيئن بہ) هٿ ڪري اچ.)

اسين چؤطرف چالاڪ وڏيرا شاهي، سرمائي داري، ايجنسين ۽ سندن مڊل ڪلاس ساٿاري، سازشين جي گهيرن مٿان گهيرن ۾ آهيون. ان ڪري اسان جي ماڻهن ڪي ٻـ چالاڪ ۽ هوشيار تيڻ ڪپي، چالاڪ ۽ عيار ماڻهن، تنظيمن ۽ ڪاروان بابت ادب ۽ احوال پڙهڻ گهرجي، خاص ڪري ٻي جنگ عظيم جي سازشي جاسوسي تنظيم ۽ فردن ۽ سندن ڪارنامن بابت احوال.

# وڏيرڪي راڄ جي ڪوڙه

ماڻهو جهڙي ڪم ۾ پڙ هوندو، اهڙي ۽ اوتري سمجهه، قابليت ۽ همت هوندس. حڪومت ۽ بادشاهي ڪرڻ بہ هڪڙو ڪم ۽ هڪڙو ڌنڌو آهي ۽ ان لاءِ اهڙي ۽ اوتري سمجهه، قابليت ۽ همت گهرجي.

حڪومت جا ڪئين ڏاڪا آهن. اڪيلي جان جي مالڪي، گهر ۽ ڪٽنب جي چڱ مڙسي، راڄ جي وڏيرپ، قبيلي جي سرداري، بادشاهت، بادشاهت مٿان بادشاهت يعني شهنشاهيت. بلوچستان، سرحد ۽ پنجاب ڪڏهن بہ بادشاهت جي منزل ڪي نہ پهتا. پاڪستان جي قوميتن ۾ اڪيلي سنڌ آهي جيڪا 15 صديون اڳ بہ بادشاهيءَ جي مالڪ هئي. سنڌ جو پهريون ڄاتل سڃاتل شاهي گهراڻو "سهاسي گهراڻو" هو.

بادشاهيءَ لاءِ سوچون، سمجهون، اڳ ڪٿيون، دور انديشيون، رٿائون، منصوبي بنديون ۽ حوصلا بہ بادشاهي سطح جا گهرجن.

ڪامياب بادشاهيءَ لاءِ بادشاهين جا اندروني ۽ خارجي انتظام ۽ بندوبست صحيح رکڻ، مخالفن سان ڪامياب چٽاڀيٽيون ڪرڻ، سندن اڳراين ۽ دست اندازين ڪي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ رٿابنديون ۽ سٽاءَ سٽڻ، سندن سخت قسم جا گهيرا ٽوڙڻ، لاڳيتيون ۽ توڙ تائين ثابت قدم، اڻ ورچ ۽ اڻ موٽ ويڙهيون ڪرڻ ۽ سويون پائڻ، سؤ دفعا مري، سؤ دفعا وري جيئرو ٿيڻ، هارائڻ، کٽڻ، وري هارائڻ، وري کٽڻ، وري هارائڻ، وري کٽڻ، پوءِ بہ ضرورت کان زياده دلي طرح آڻ نہ مڃڻ، ٿورو پوئتي هٽي وري پيش قدمي ڪرڻ، هر موقعي جو فائدو وٺڻ، وڏي نظر ڏارڻ، پنهنجي رفيقن، پنهنجي سپاهہ، پنهنجي اتحادين، پنهنجي ڪُٽم ۽ قوم، پنهنجي پوئلڳن جي سار سنڀار لهڻ، مٿن نظرداري رکڻ، کين ڊسيپلين ۾ آڻڻ ۽ رکڻ ۽ ٻيا اهڙا سوين ضروري ڪم ڪرڻ ۽ بندوبست رکڻا آهن.

سنڌ جي گذريل اٽڪل ٽن صدين جي تاريخ، سنڌي حاڪم طبقن جي حڪومت ڪرڻ جي لائق نہ هجڻ جي تاريخ آهي. صدين جي غلاميءَ ۽ ڪلهوڙا دؤر جي خانہ جنگي، افراتفري ۽ خونريزيءَ ڪانپوءِ ميرن جي راڄ سياسي ۽ انتظامي جوڙجڪ جي خيال کان، سنڌ کي چوڏهن پندرهن صديون پوئتي ڌڪي ڇڏيو ۽ پندرهن سورهن صديون اڳ جي قائم ٿيل هڪڙي يڪي مملڪت جي

بادشاهي نظام کي ٿوڙي، پيچي ڊاهي، ان کي عملن هڪڙي قبائلي، سرداري راڄ طرف پوئتي ڌڪي ڇڏيو ۽ سنڌ عملي طرح هڪ مملڪت بدران ناراڻي، ماڻڪاڻي، سهراباڻي وغيره قبائلي راڄن ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويئي. تان جو رڳو شڪارپور جو شهر ٻه درجن کن حصيدارن ۾ ورهايو پيو هوندو هو.

ڏندڪٿائون:

هر قوم جي تاريخ ۽ ثقافت جو ڪافي حصو ڪوڙين ڏندڪٿائن تي ٻڌل ٿئي ٿو. سنڌي تاريخ جي وڏيڪ مشهور ڏندڪٿائن مان ٻه ڏندڪٿائون اهي آهن ته سنڌ ۾ مثالي مذهبي رواداري پئي رهي آهي. اها ڳالهه تاريخ جي غلط بيانن مان هڪڙي آهي. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دؤر کي ته ڪٽي ڇڏجي پر خود ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دؤر ۾ اسان جا سنڌي هندو ڀائر جنهن گهٽ ٻوسٽ، خاموش دٻاءَ ۽ مذهبي ظلم زبردستي جي اشڪنجي ۾ جڪڙيل هئا، تنهن جو رڳو متاچرو تصور ڪرڻ لاءِ شاهه ولي الله اڪيڊميءَ طرفان ڇپايل ڪتاب ”تيرهين صديءَ هجريءَ جا مشاهير“ پڙهي ڏسڻ ئي ڪافي ٿيندو. سلام ڪرڻ گهرجي اسان جي انهن سنڌي ڀائرن کي جيڪي قبائلي، جاگيرداري ۽ ملاشاهيءَ واري ظالم اونده انڌڪار ۾ نه رڳو جيئرا رهيا پر متي اُڀريا، چمڪيا، سڄي جهان ۾ ڦهلجي ويا ۽ جت ڪٿ پنهنجي نالي سان رهيا پيا آهن. متي ذڪر ڪيل پهرين ڪوڙي ڏندڪٿا وري هڪڙي ٻيءَ ڪوڙي ڏندڪٿا کي جنم ڏيڻ ۾ مدد ڪئي.

سنڌي قبائلي سردارن، وڏيرن ۽ تعصبي ملن خلاف روشن خيال وچين طبقي جي قدرتي شديد نفرت جو هڪڙو نتيجو اهو به نڪتو جو ڪيترن سنڌي وچولي طبقي جي پڙهيل ماڻهن وٽي اهو چوڻ، وسهڻ ۽ ويساهڻ شروع ڪيو ته سنڌي هندو واپاري سنڌي عوام ۽ قوم جا وڏا گهڻگهرا هئا. ان ڪان وڌيڪ غلط فهمي ٻي ڪانه ٿيندي. سرمايه دار سامراجي انگريزن ذات پات، قبيلي پرستي ۽ وڏيراشاهيءَ جي مڪروه دهشتگرديءَ جي صدين ڪان سٿيل هندستان ۾ ڊانو به گهڻو ۽ اڏيو به گهڻو. پر پوءِ به جيترو ڊاهڻ کپندو هون اوترو نه ڊانائون ۽ نه وري جيترو اڏڻ کپندو هون اوترو اڏيائون.

صليبي جنگين واري صلاح الدين ايوبيءَ جي حريف رومانوي شخصيت بادشاهه شيردل رچرڊ جي ننڍي ڀاءُ جان بادشاهه ڪان مئگناڪارٽا جو آئيني دستاويز زوري لکائي وٺڻ ڪانپوءِ انگريز ماڻهو پنهنجي قومي تاريخي وجود جون پوريون 14 صديون دهشتگرديءَ جي سڀ ڪان وڏي علامت يعني آپيشاهه بادشاهت خلاف

وڙهيا. ان وقت هو هڪڙو حقي تاريخي ڪردار ادا ڪري رهيا هئا. پر هندستان ۾ هو ڪافي حد تائين ظلم ۽ ناحق جو ڪردار ادا ڪري رهيا هئا. ان ڪري هندستان ۾ مڪاني ناحق جي نظام جي هڪ حد تائين حمايت ڪرڻ ۽ ان کي هڪ حد تائين قائم رکڻ هنن جي ناحق پرست مقصدن لاءِ لازمي ٿي پيو هو.

سنڌين جي هاٺوڪن عذابن جون پاڙون ان انگريزي پاليسيءَ ۾ به کتل آهن. هنن قبائليت ۽ جاگيرداري کي نه رڳو قائم رکيو پر ان کي زور به ونايو. قبائليت، جاگيرداري ۽ وڏيراشاهيءَ جي سماجي مرض سنڌي قوم کي سڪائي مڙهه بنائي ڇڏيو آهي.

انگريزن جي هڪڙي ٻي پاليسيءَ سنڌي هندن ۽ پنجابي مسلمانن جي سنڌي مسلمانن مٿان برتريءَ ۽ بالادستيءَ کي گهڻو وڌايو ۽ زور ونايو.

ٻين حاڪمن وانگر انگريزن جي به پاليسي هئي ته سندن هندستان جي علائقن تي قابض ٿيڻ وقت جنهن جنهن علائقي ۾ جيڪي جيڪي گروهه طبقا ۽ فرقا ۽ مذهب ڪمزور هئا تن تي هٿ رکيو وڃي ۽ کين زور ونايو وڃي ۽ جيڪي ڏريون ڪانئن اڳ عروج تي هيون، تن کي هيٺو ڪري هيٺ ڪيرايو وڃي.

پنجاب ۾ انگريزن کان اڳ پنجاب جا حاڪم سک هئا. ان ڪري هنن پنجاب ۾ پنجابي مسلمانن تي هٿ رکيو ۽ کين ورسايو. سنڌ ۾ ڪانئن اڳ حاڪم مسلمان هئا ۽ هندو ماڻهو مظلوم هئا. هنن ان ڪري هندو واپاري ۽ ڪاموري ڪلاس کي ورسائي، زور ونائي، کين پنهنجو گماشتو ۽ سنڌ جو چوٿو مالڪ بنائي ڇڏيو. سنڌي عوام کي، ان ڪري، پاڪستان ٺهڻ کان اڳ، نااهل ۽ جاهل وڏيراشاهيءَ جي عذاب سان گڏ سنڌي هندو ٻائرن جي بالادستيءَ جو ۽ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پنجابي مهاجر مهربانن جي بالادستيءَ جو شڪار ٿيڻو پيو.

انگريز چوندا آهن ته، ”جيڪي ڳالهيون ۽ حالتون عام دستور ۽ هليءَ چليءَ جي ابتڙ ٿين ٿيون، سي عام دستور ۽ هليءَ چليءَ کي ناثابت نه ٿيون ڪن. اٽلو اهي ان عام دستور ۽ هليءَ چليءَ جي ثابتي ڏين ٿيون“ (Exception proves the rule) اتي ۾ لوڻ جيترن ٿورن نيڪ نيت، روشن خيال ۽ موتين ۽ گلابن جهڙن خوشبودار محبوب صفت اعليٰ انسانن کي ڇڏي، عام واپاري طبقي جي سنڌي هندوءَ جو سنڌي عوام ڏانهن رويو دشمني ۽ حقارت وارو هو. هو انگريز جو دادلو ۽ سنڌي وڏيري جو بالادست هو. سندس سوچ مطابق سنڌي عوام سندس جتيءَ

برابر هئا ۽ هو وڏيرن، سردارن سان ڀائيواري ڪري، سنڌي هارين کي پوليس ۽ وڏيرن هٿان دٻارائي، لکن ڪروڙن جو مالڪ ٿي ويو هو. سندس بنيادي ڪردار سنڌي وڏيري جهڙو سنڌ دشمن هو. ڪن ڳالهين ۾ هو وڏيري کان وڌيڪ خطرناڪ هو، ڇو تہ هو وڏيري کان وڌيڪ پڙهيل، وڌيڪ چالاڪ ۽ وڌيڪ لياقت، پهچ ۽ هلنديءَ وارو هو. ان ڪري هو سنڌي قوم جو وڏيري کان وڌيڪ نقصان ڪري سگهيو ٿي ۽ پهچ آهر وسان ڪونہ گهٽايائين. هن ڪئين سال سنڌ کي صوبو بنجڻ نہ ڏنو. هن ڪيترا سال سنڌ يونيورسٽي بنجڻ نہ ڏني. هن سنڌي عوام جي هر گهر کي دٻائڻ ۾ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳايو. هن سنڌي ڳوناٺي کي غلام کان بي ڪنهن بہ حيثيت ۾ ڏسڻ نٿي گهريو. اسان جا نوان مسلمان ڀائر، اسان جي سنڌي هندو واپاري ڀاءُ کان بہ سنڌ دشمنيءَ ۾ چوٽ چڙهي ويا، تنهن ۾ اسان جي سنڌي هندو واپاري ۽ ڪامورن ڀائرن جو ڏوهہ ڪونہ هو. هنن وسان ڪونہ گهٽايو پر ڀلان ڀليءَ جو ڇيهہ آهي ئي ڪونہ. اهڙيءَ طرح پاڪستان کان اڳ اسان جن وڏيرن ۽ اسان جي واپاري ۽ ڪامورن ڀائرن ۽ ان ڪانپوءِ اسان جي وڏيرن، اسان جي هندستاني ڀائرن ۽ اسان جي پنجابي مهربانن اسان کي هن حالت تي رسايو آهي.

انهن سيني ۾ مکيہ ڪردار وڏيراشاهيءَ جو آهي.

سنڌ ۾ بمبئي کان جدائيءَ لاءِ فقط سنڌين جون ڪوششون ڪتب نہ آيون، ان ۾ سڄي هندستان جي مسلمانن جي ڪوشش جو بہ وڏو دخل هو. چاڪاڻ جو گڏيل هندستان جي مسلمان سياست جي گهرج اها هئي تہ هندو اڪثريت وارن صوبن جي ڀيٽ ۾ ڪافي تعداد ۾ مسلمان اڪثريت وارا صوبا بہ صوبائي خودمختياري رکندڙ هجن. 1936ع ۾ صوبائي خودمختياري ملڻ ڪانپوءِ جي سنڌ جي صوبائي تاريخ سنڌي وڏيراشاهيءَ جي نڪمائي، نااهلي ۽ مجرمانہ بي افعالائي، هيچ ۽ ڪوتاهہ نظريءَ جي تاريخ آهي. هنن جو ڌنڌو هو انگريزن ۽ هندو سيٺين جي چيٺين تي نچڻ ۽ سڄو ڏينهن خصيص لالچن پويان پاڻ ۾ وڙهڻ ۽ هڪڙيون وزارتون ڊاهڻ، ٻيون ناهڻ ۽ وري ڊاهڻ. محمد علي جناح صاحب سان ڪيل خط و ڪتابت جو رڪارڊ، جيڪو هاڻ بازار ۾ ملي ٿو، سو پڙهي ڏسبو ۽ ان ۾ سر غلام حسين، گدر ۽ ٻين جا محمد علي جناح صاحب کي لکيل خط پڙهي ڏسبا تہ ماڻهوءَ کي شرم ايندو تہ سنڌ جي قيادت ههڙي سطح جي ماڻهن حوالي هئي.

پاڪستان نهڻ ڪانپوءِ پيپلز پارٽيءَ جي دور جهڙي چانس سنڌي وڏيراشاهيءَ کي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ ڪانہ مليو. مرڪز جي اقتدار تي سندن قبضو هو. بظاهر قبضو بہ قبضن جهڙو. جيڪڏهن پيپلز پارٽيءَ جي مالڪ وڏيرن ۾ ڪو انتظامي افعال، ڪا لياقت، ڪا دوراند يشي، ڪا پنهنجائپ هجي ها، ڪا پنهنجا پيٽ پرڻ، وير ورائڻ ۽ غريبان مار ڪرڻ ۽ ٻين هلڪڙاين کان واندڪائي هجي ها، منجهن پنهنجن ووٽ ڏيندڙن ۽ ڪرسين تي ويهاريندڙن لاءِ اکين ۾ ڪا ديد ۽ ڪا وفاداري هجي ها ۽ منجهن حڪومت ڪرڻ جي صحيح لياقت هجي ها تہ هو سنڌ جا ڪافي درد دور ڪري سگهن ها ۽ ڪنهن کي مجال ئي ڪونہ ٿئي ها جو سنڌي قوم ڏانهن اک کڻي نهاري سگهي ها. مثلن هو لياريءَ سميت ڪراچيءَ جا ڳوٺ پڪا ڪري سگهيا ٿي. انهن کي مڪمل سهوليتون ڏيئي سگهيا ٿي. انهن کي حيوانن بدران انسانن جون بستيون بڻائي سگهيا ٿي. ان سان گڏ هو جيڪڏهن سنڌ جي اندروني ضلعن جي ماڻهن کي ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ٽنڊي آدم، ٽنڊي الهيار وغيره سنڌي شهرن ۾ اجها ۽ بستيون ڏئي ڪين رهائش ۽ گذر جون سهوليتون بہ مهيا ڪري ڏين ها تہ اڄ لکين ڌارين بدران سنڌ جي اندرين حصن جا لکين سنڌي ماڻهو اڄي ڪراچيءَ ۽ ٻين سنڌي شهرن ۾ آباد ٿيل هجن ها. ڪراچي اڄ سنڌين جو شهر هجي ها ۽ ان ۾ ڪوچڙاشاهي هيئن من مستيون نہ ڪري سگهي ها. اهڙي طرح هو نهايت آسانيءَ سان حيدرآباد کي بہ سنڌين جو شهر بنائي سگهيا ٿي. هزارين اهڙا ڪم ڪري سگهيا ٿي، جيڪي مخالفن جي مُرلي بند ڪري ڇڏين ها ۽ هي ڌاڙا ۽ هي دهشتگرديون ۽ هي من مستيون ٿيڻ ۽ روز حڪومتن ڍاهڻ جا قصا ئي نہ ٿي سگهن ها.

هر نئين وڏيرڪي حاڪم ٽولي سنڌ جا صوبائي اختيار، جنهن لاءِ سنڌي ماڻهن هيترا سال واجهايو ۽ ويڙهيون ڪيون، تنهن ۾ ڪو واڌارو تہ نہ ڪيو، پر اٽلو هر دفعي ان مان هڪڙو وڏو حصو ٽين وال ڪري ويرين جي حوالي ڪري ڇڏيو.

پيپلز پارٽيءَ جي پهرين حڪومت ۾ سواءِ هڪ ٻن جي ٻيا سڀ وزير سنڌي هئا.

دراصل سنڌي وڏيرو پاڻ کي سنڌ جو وارث سمجهي ئي نٿو. هن کي ان تي ڪابہ غيرت نٿي وٺي تہ سنڌ جي صوبائي اختيارين مان سنڌي ماڻهن جي

ڪيتري پٽي وجي ٽي بچي. هن ڪي جيڪو مليو سو ڪار، سندس گهر پرجي پوءِ سنڌي قوم جي اقتدار مان بيو ڪير چا ٿو ڪٽي تنهن ۾ هو ارهو ڪونهي.

اهڙيءَ ريت وڏي جدوجهد ڪانپوءِ حاصل ڪيل سنڌي صوبائي اختيار وڏيراشاهي تين وال ڪري ڦرائي چڪي آهي. جي اها وڏيڪ وقت اقتدار ۾ رهي، جي اها ئي سنڌ جي ماڻهن جي وڪيل، سندن نمائندي ۽ سندن پاران سودا ڪرڻ جو اختيار رکندڙ رهي، ته پوءِ ايندڙ هڪ ٻن ڏهاڪن اندر سنڌي وڏيراشاهي سنڌ تان سنڌين جو حق ۽ واسطو عملي طرح اٿي ۾ لوڻ برابر وجي ڇڏيندي.

سنڌ جي سياست ۽ اقتدار تان سنڌي وڏيراشاهيءَ جي صدين جي بالادستي ۽ هڪ هٽي ڏاڪي ٻه ڏاڪي ختم ڪرڻ ۽ سنڌي اقتدار ڏاڪي ٻه ڏاڪي سنڌي عوام جي حوالي ٿيڻ کانسواءِ سنڌي ماڻهن جو قومي وجود بچائڻ ناممڪن آهي.

# خوشيءَ جهڙي خوراڪ

چونـدا آهـن تـہ ”خوشـيءَ جهـڙي خـوراڪ ڪـانهي، ڳڻتـيءَ جهـڙو مـرض ڪونهي.“

خوش طبعي ۽ چرچو زنده دليءَ جون نشانيون آهن. جيئن لوڻ بنان ڪاڌي جو سواد ڪونهي، تيئن موقعي مهل آهر، نيڪ دليءَ واري خوش طبعي ۽ کل ڀوڳ بنان زندگيءَ جي صحيح لذت حاصل نٿي ٿئي. خوش طبعي روح جي قوت آهي ۽ عمر وڌائي ٿي. شادين ۽ شادمانن جي موقعي تي بہ جي منهن سڄيل آهي ۽ پيشانيءَ ۾ گهنج آهي تہ اها شادي بہ ان ماڻهوءَ لاءِ غمي ٿي. ڦاسي گهاٽ ۾ بہ ماڻهو کل ڀوڳ ڪن ٿا تہ هڪڙي پل لاءِ اهو وسريو وڃي تہ ماڻهو موت جي چائنٺ وٽ بيٺل آهي. سنڌائتو چرچو وڏن وڏن جابرن ۽ قهارن جي جبر ۽ قهر جي هيبتناڪ ديوارن ۾ ڏار وجهيو ڇڏي. قربائتو چرچو سالن جا رنل پرچايو ڇڏي. جيڪا ڳالهہ هونئن ڪجي تہ لٺ لڳي پوي سا جي کل ڀوڳ ۾ چئي ٿي ڇڏجي تہ ڦٻيو وڃي.

اسڪاٽ لئنڊ جي مشهور اديب ٿامس ڪارلائل (1841) چيو آهي، ”کو ڀوڳ چرچو اهڙو بہ هوندو آهي جيڪو سنجيدگيءَ ۽ غمگينيءَ مان ائين اسرندو آهي، جيئن اونداهي طوفان مان اندلٺ جا ست رنگ ايرندا آهن. فقط هڪڙي سچي پچي همت واري دل ئي اهڙو ڀوڳ چرچو پيدا ڪري سگهندي آهي.“

اڌ صدي پوءِ جڳ مشهور آمريڪي ترقي پسند ڀوڳائي اديب مارڪ ٽوين (1897) ساڳي ڳالهہ هنن لفظن ۾ چئي، ”چرچي ڀوڳ جو مخفي ذريعو خوشي نہ پر غم هوندو آهي.“

آمريڪي صحافي، اديب، نقاد ۽ ناول نويس لوئي ڪروتسبرگ (1954) چرچي ڀوڳ جي گهڻ طرفي ۽ تخليقي سماجي ڪارج جو ذڪر ڪندي چيو آهي، ”ڀوڳ چرچو ساڳئي وقت زخمي بہ ڪري ٿو ۽ زخم چٽائي بہ ٿو. اهو تهمت بہ هڻي ٿو ۽ معاف بہ ڪري ٿو. سُسائي بہ ٿو ۽ وڌو بہ ڪري ٿو. اهو ماڻهوءَ جو ٻاهريون نفعو گهٽائي سندس اندريون واڌارو ڪري ٿو. جن کي ڀوڳ چرچو ڪرڻ جو ڏانءُ ايندو آهي ۽ اهي ان ڏانوَ کي ايمانداريءَ سان استعمال ڪندا آهن، سي پاڻ کي گهٽ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي، درحقيقت پاڻ کي وڏيڪ ڪندا آهن.“

فرينچ ناول نويس ۽ سفارتڪار رومئن گئري (1961) يوڳ چرچي جي اهميت جو هڪڙو انوکو پاسو هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي، ”يوڳ چرچو اظهار آهي انساني وقار جو ۽ اعلان آهي ان ڳالھ جو تہ انسان سان پل تہ کھڙي بہ ڪٺي هلت ٿئي، پر هو ان حالت کان برتر ۽ اعليٰ آهي.“

يوڳ چرچو زباني بہ ٿئي ٿو ۽ لکت ۾ بہ.

مزاحيہ ادب ۽ صحافت جو مزاحيہ ادب ۽ صحافت جي دنيا ۾ وڏو مرتبو آهي. پي. جي. ووڊ هائوس، عصمت چغتائي جي ڀاءُ عظيم چغتائي، شفيق الرحمان، مجيد لاهوري، مشتاق يوسفي، ڪرنل محمد خان، آرٽ بخوالڊ جهڙا سوين هزارين ملڪي، علائقائي ۽ عالمي مزاح نويس اديب، صحافي ۽ ڪارٽونسٽ ادب ۽ صحافت جي دنيا جا هيرا ليکجن ٿا. هزارين لکين ماڻھو سندن لکڻين ۽ ڪارٽونن پٺيان چريا هوندا آهن.

اسان وٽ سنڌيءَ ۾ ڪيترن ماڻھن ادبي ۽ صحافتي مزاح ۽ کل يوڳ ذريعي ماڻھن جو روح راضي پئي ڪيو آهي. علي احمد بروهي، رشيد ڀٽي، قمر شهباز ۽ ٻين جا شائق هزارن جي تعداد ۾ آهن.

مون کي ياد آهي تہ هڪڙي دفعي مون اديب جي ذميوارين بابت ڪو مضمون لکيو يا ڪا تقرير ڪئي. ان تي اخبار ۾ قمر شهباز جو ڪالم آيو، جنهن ۾ هن منهنجي موقف تان هڪڙو مزيدار چرچو ناهيو ۽ ائين ظاهر ڪيائين، ڄڻ منهنجي نظر ۾ ترقي پسند اديب اهو آهي، جيڪو 24 ڪلاڪ هٿيارن پنهوارن سان مسلح ٿيو، جنگ لڙڻ لاءِ تيار ٿيو وينو هجي.

ان ڪالم واري اديب جي فرضي حلئي ۽ ڊائلاگ کي ياد ڪري مون کان اڄ بہ کل نڪري ويندي آهي.

ٻين ڳالهين وانگر خوش طبعي، کل يوڳ ۽ چرچي جون بہ هڪڙيون فضيلتون ۽ هڪڙيون پرهيزيون هونديون آهن. کل يوڳ جو اصل مزو ۽ اصل لطف تڏهن هوندو آهي، جڏهن اهي زنده دلي، من جي موج ۽ اعليٰ ظرف جي پيداوار هجن ۽ نہ حسد، ساڙ، ڪيني ۽ بغض جي.

جيئن ٻي هر شيءِ ۽ هر ڳالھ جو غلط ۽ ناجائز استعمال ٿي سگهي ٿو ۽ ٿئي پيو، تيئن يوڳ، چرچي، مزاح ۽ طنز جو بہ ٿي سگهي ٿو. مثلن ڪڏهن ڪڏهن قلمي ڦشري بازي، غنڊاگردي ۽ ڏاڏاگيريءَ تي پوش وجهڻ لاءِ مزاح ۽ طنز جي ليبل استعمال ٿيندي نظر ايندي آهي. جتي ادب جي مختلف صنفن گهربل حد

تائين ترقي نہ ڪئي هجي ۽ عام ماڻهن ۾ ادبي ذوق ۽ سمجهہ شروعاتي ڏاڪن تي هجي، اتي ڪيترين حالتن ۾ هڪ طرف ڪريل قسم جي ڏچرپي، خرمستيءَ ۽ ٻئي طرف مهذب ڪل ڀوڳ ۽ چرچي ۾ جيڪو زمين آسمان جو فرق آهي سو سمجهڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪيتريون اهڙيون لکڻيون سامهون اچي سگهن ٿيون، جيڪي حقيقت ۾ هجن تہ بدذوق ڏچرپي، ترڊ ڪلاس خرمستيءَ ۽ واهيات ڦشري بازيءَ جي خانن ۾ داخل ٿيڻ جوڳيون، پر پڙهندڙن جي مخصوص درجي جي ذهني سطح جي ڪري، ناجائز طرح، چرچي ۽ مزاح جي خاني ۾ داخل ٿي ويل هجن. نڪما ذهن ۽ اپاهج روح جيڪڏهن رڳو نڪما ۽ اپاهج نہ هجن، پر منجهن نڪمائي ۽ اپاهج پڻي سان گڏ فطرتي ڪميڻپائي، ساڙ ۽ بغض بہ شامل ٿي وڃي ۽ انهن جي اظهار لاءِ ڪم ٿپائڻ جيتري ٻولي لکڻ بہ ايندڙ هجي ۽ چرچي ڀوڳ جو ليبل بہ ميسر هجي تہ پوءِ گهٽ ڇو ڪجي؟ اڪثر گهٽ ٿيندي بہ ڪانهي. نفسيات جي سموري خارش، سوچ جي سموري غلاظت ۽ روح جي سموري ڪوڙهہ جيستائين پني تي نٽي اوتجي پوري ٿئي تيستائين مخصوص قسم جو قلم بس نٽو ڪري سگهي.

ان قسم جي صورتحال کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪئين طريقا ٿي سگهن ٿا. پهريون تہ آهي اهو تہ مزاح ۽ ظرافت جي ملڪي، علائقائي ۽ عالمي شهپارن جا گهٽي ۾ گهٽا ٽڪرا ترجما ڪري سنڌيءَ ۾ آندا وڃن تہ جيئن ماڻهو معياري ادبي مزاح ۽ بيهودي ڦشري بازيءَ ۾ فرق سمجهڻ شروع ڪري سگهن. ٻيو آهي تہ سنڌي تنقيدنگار ادبي ڀوڳ چرچي ۽ مزاح جي باري ۾ لکندڙن ۽ پڙهندڙن جي رهنمائي ڪن. ان رهنمائيءَ جون بہ ٽي صورتون ٿي سگهن ٿيون. هڪڙو تہ مضمون لکي سمجهايو وڃي تہ صحيح مزاح ٿيندو ڇا آهي ۽ ڇا کي چئي سگهجي ٿو. ٻيو تہ سني مزاحيہ لکڻين جي نشاندهي ۽ ساراهہ ڪئي وڃي. آخر ۾ سڪٽي ڏچرپي ۽ بيهودي ڦشري بازي جي بہ نشاندهي ۽ اپٽار ڪئي وڃي.

ڀوڳ چرچي ۽ صاف سٿري طنز وارو ادب علمي ادب جي هڪڙي انتهائي مزيدار، ڪارائتي ۽ قيمتي صنف آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ان صنف جي حفاظت ڪرڻ، ان کي وڌائڻ ۽ عالمي سطح جي ويجهو آڻڻ هڪڙو اهم ادبي، ثقافتي ۽ قومي فرض جي بجا آوري ٿيندي.

# سنڌ جي عظيم ثابت قدم ڌيءَ زرينه بلوچ

زرينه بلوچ هڪڙي ٿوري پڙهيل غريب گهر جي ڌيءَ هئي. سندس ناناڻا ڪراچيءَ جا بلوچ هئا، سندس زندگيءَ تي جيترا سندس ورثي ۽ ماحول جا اثر هئا، اوترا ئي سندس ذاتي سوچن، همتن، ڪوششن ۽ جاکوڙن جا اثر هئا.

جنهن زماني ۾ 1964ع ڌاري اسان جي ملاقات ٿي تڏهن هوءَ پرائمري استاد به هئي ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ميوزڪ ۽ ڊراما جي ان دور جي مزاج ۽ معيار مطابق فنڪاره هئي.

ان وقت ون يونٽ لڳي چڪو هو ۽ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي قوم جو وجود سخت خطري ۾ پيل هو. ڪن ون يونٽ جي مخالفن طرفان اوطاقن ۾ ڪچهريون ۽ اسيمبلي ۾ تقريرون ٿينديون هيون. ترقي پسند تحريڪ ۽ ادب جي اثر ۽ سنڌي ادبي سنگت جي غير رسمي اڳواٽيءَ هيٺ، سنڌي ٻولي ۽ فن جي بچاءَ جي جدوجهد جاري هئي. ادبي نشستون ٿينديون هيون. هڪ ٻن رسالن ۾ انقلابي، وطن دوست شاعري، مضمون، مقالا ۽ افسانا وغيره ڇپبا هئا. ادبي، فڪري ۽ فني تنقيدون ٿينديون هيون. مخالف ڌريون به زور شور سان سرگرم هيون ۽ اسان وطن دوست اديبن کي ڪافر سڏينديون ۽ لکنديون هيون. ڏينهون ڏينهن شاگرد ۽ اديب سجاڳ ٿيندا رهندا هئا.

آئون انهن ڏينهن ۾ نئين ۾ وڪالت ڪندو هئس ۽ پوءِ اتان لڏي حيدرآباد آيس، جتي ڪورٽ جو ڪم لاهي اڪثر ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس ۾ وڃي ويهندو هئس. آئون ان وقت ڌاري ان پختي راءِ وارو ٿي ويو هئس ته هڪ اڌ وطن دوست وڏيري جي اوطاق، ادبي سنگت جي ميڙاڪن ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ ادبي رسالي ۽ ڪچهريءَ تائين محدود جدوجهد، تيزيءَ سان بگڙجندڙ حالتن کي منهن ڏئي نه سگهندي، ان لاءِ رفته رفته عام ماڻهن جي وڏن ٽولن کي شريڪ ڪرڻ جي ضرورت پوندي، ان لاءِ مالي وسيلا ڪونهن ته فڪر ڪونهي. جي رٿابندي سان ڪوشش ڪري، ڪي عوام ۾ مقبول فنڪار نئين فني سکيا ۽ نئون قومي شعور ڏيئي، اهڙا تيار ڪري سگهجن، جي قوم خاطر پنهنجي سمجهه، فن ۽ لياقت جي سطح وڌائين ۽ بنا معاوضي جي، قومي عوامي جلسن ۾ وقت جي ضرورت مطابق نوان انقلابي وطن دوست ڪلام ڳائي، پنهنجي فن جو

مظاهرو ڪن ته عوام کي گڏ ۽ منظم ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ کڻي ۽ ثابت قدميءَ سان، ڏاکي به ڏاکي، ڪاميابي جي درجي تي پهچائي سگهجي ٿو.

دوستن سان صلاحون ٿيون، ها ها ٿي، پر معاملو اڳتي وڌيو ڪونه. ڪلامن جي باري ۾ عام خيال اهو رهيو ته فن جو معراج آهي ته ئي شاهه سچل ۽ ٻين صوفي شاعرن جو مقبول عام ڪلام. مثلن "پيرين پوندي سانِ، چوندي سانِ، رهي وڃ رات پنيور ۾" استاد منظور علي خان ۽ محمد جمن جي بهترين طرزن مطابق ڳائي زبردست داد حاصل ڪرڻ. آخر هٽي هٽي ان دور جي هڪڙي باهمت ۽ مقبول فنڪاره زرينه بلوچ ان ڳالهه تي هائوڪار ڪئي ۽ اسان ٻنهي، جڻ ته اها ٻن ڄڻن جي انقلابي ثقافتي ڪميٽي ناهي، سنڌ ۾ انقلابي ثقافتي ساجاهه آڻڻ جو پروگرام شروع ڪيو. شروعات ۾ ماڻهن کي اسان جي ڳالهه ٻنهه سمجهه ۾ نه ٿي آئي، مون کي ياد آهي ته پبلڪ اسڪول حيدرآباد ۾ جڏهن پهريون دفعو شاهه ۽ سچل جي روايتي مقبول عام ڪلامن بدران زرينه لطيف جا چونڊ انقلابي بيت ۽ اياز جا نئين قسم جا انقلابي گيت ڳايا ته ٻڌندڙ منجهي پيا ته هي ڇا آهي. ڪا هڪڙي به تاڙي ٻڌڻ ۾ نه آئي. موٽندي زرينه روئڻ هارڪي ٿي ويئي. مون چيس ته پرواهه نه ڪر اڳتي ڏسج ته ڇا ٿو ٿئي. مون اها ڳالهه نوٽ ڪري ڇڏي هئي ته ڪيترا انقلابي معنيٰ ۽ مقصد وارا عاليشان ڪلام ڪنهن روايتي ڌن جي قالب ۾ پئجي پنهنجو اعليٰ تاثير وڃائي ڇڏين ٿا. ان ڪري آئون ڪلام جي صحيح ترجماني ڪرڻ لاءِ صحيح ڌن ناهڻ ۽ نهرائڻ کي بنيادي اهميت ڏيندو آهيان.

زرينه راڳ جي تربيت ريڊيو تي ورتي ۽ ڪلام ڪهڙا ڳائجن ۽ انهن جون ڌنون ڪهڙيون هجن، سا سکت هن گهر ۾ ڪئي. ڪي ڪيترا سال اسان جو گهر فنڪارن جو مرڪز ۽ هڪڙي ننڍڙي ميوزڪ اڪيڊمي بڻيو پيو هو. سائين جويو صاحب، استاد جمن، استاد ابراهيم، زيب النساءِ، مائي ڀاڳي، عابده پروين ۽ ٻيا راڄ فنڪارن جا پير پيا گهمائيندا هئا. انقلابي ڌنون پيون نهنديون هيون، قوم ۽ وطن دوستيءَ جا آلاپ پيا ٻرندا هئا. مطلب ته اسان سنڌي عوام کي هڪ نئين ثقافت ڏيڻ جي جدوجهد جو ڪم پوري عزم، همت، محنت ۽ خود اعتمادي سان شروع ڪري ڇڏيو. آئون جلسن ۾ لطيف جي عوامي انقلابي شاعريءَ بابت تقريرون ڪرڻ لڳس ۽ زرينه لطيف، سچل، اياز، تنوير، سرويچ، منشي، مجيدي ۽ ٻين انقلابي عوامي شاعرن جا نت نوان ڪلام ڳائي سنڌ جي ثقافتي زندگيءَ ۾ ڪشمور کان ڪيٽي بندر تائين زبردست هلچل مچائي، ون يونٽ خلاف قومي

تحريڪ جو پيغام جڻ تہ گهر گهر پهچائي ان کي هڪڙي بلڪل نئين ڏاڪي تي رسائي ڇڏيو.

زرينہ هڪ طرف ماڻهن جهڙو ماڻهو هئي. سائين جويو صاحب اڪثر اياز جي هڪڙي وائي مدهوش ڪندڙ ڏن ۾ آلاپ سان ڳائيندو هو،

”ڪهڙي ڪاريهر جو ڏنگ،
چورائي آيو آ چنگ،
ها ڪتي هوءَ سير مئي،
جنهن جي لاءِ رڙي تو ڪنگ.“

منجهس اهي سمورا گڻ ۽ اوگڻ هئا، جيڪي اسان جهڙن عام ماڻهن ۾ هوندا آهن. جهيڙي جو موقعو هوندو تہ اجايو گهٽو پوئتي نہ پئبو. ڪاوڙ بہ خيرن سان نڪ تي رکيل هوندي هئي. هڪڙي ڀيري 1971ع جي شروعات ۾ تہ مون سان جهيڙو ڪري ماٺ مِنيءَ ۾ اسلم، اياز ۽ مسعود کي وٺي وڃي مشرقي پاڪستان (بنگلاديش) کان نڪتي ۽ ڪيترا ڏينهن ڍاڪا جي محمد پور علائقي (جتي هاڻ بهاري رهن ٿا) ۾ منزل انداز ٿيو ويني هئي. ٻئي طرف هوءَ جنهن چڱي ڪم ۾ هٿ وجهندي هئي، تنهن ۾ سمجهي سوچي، اڳ پوءِ جاچي پوءِ وجهندي هئي ۽ ان تي ثابت قدميءَ سان اڳتي وڌندي رهندي هئي ۽ پوئتي ورڻ جي وائي نہ ڪندي هئي. مجموعي طور جيڪا ذميواري کڻندي هئي تنهن کي هميشہ پورو ڪندي هئي. هر ڪارائتي پر خطرناڪ ڳالهہ سکڻ ۽ ڪرڻ لاءِ هميشہ هڙئون وڙئون ذهني ۽ جذباتي تيار هوندي هئي. هوءَ هميشہ ماضي کي ڇُهَڻ بدران نت نيون ڳالهيون ۽ ڪم شروع ڪرڻ لاءِ ذهني طور تي تيار هوندي هئي. هن چڱي موچاري حد تائين انقلابي ادب ۽ شاعري پڙهي هئي.

ابتدائي انقلابي عوامي نظريي ۽ واٽ کان بنيادي طور باخبر هئي. قوم دوستي ۽ قومي فرض شناسي جو احساس ۽ عزم هن ۾ سدائين موجود رهندو آيو هو. روس جي زوال ۽ ان ڪانپوءِ جي عالمي سامراجي چاڙهہ ۽ ذري گهٽ مڪمل سامراجي بالادستيءَ جي ڌماڪن سڄي دنيا ۾ ترقي پسنديءَ جا وڏا وڏا آسمان سان سسيون گسائيندڙ ڪوٽ ڪيرائي پيچي پور پور ڪري ڇڏيا.

وڏا وڏا فيل مست مها انقلابي مڙس توبهہ تائب ٿي پُچ پائي ڪئن جي ٻرن ۾ گهڙي ويا ۽ ڪي يار علي الاعلان جڙتو نظريا ناهي وجي وقت جي ارغونن ترخانن جا وفادار ۽ ٽاپرو بنيا، پر زرينہ جيڪا پائيندي هئي تہ گهرو خرچ ۾ پائي

پائي جي ڪفايت ڪريان ۽ ڪالهوڪي اتي لپ ۽ ماني جو ٽڪر بہ زيان ٿيڻ نہ ڏيان، تنهن کي اهڙي خطرناڪ عالمي بحران ۾ نہ غربت، جيل ۽ جبر جهڪايو ۽ نہ ئي نالي ناموس شهرت ۽ مال جي لالچ هرڪايو. هوءَ بنيادي طرح جهڙي ويڙهو، ثابت قدم ۽ وطن سان وفادار هئي، تهڙي رهي. مون کي منهنجي گهر واري زرينہ بلوچ جي ذاتي ۽ قومي خودداري، وفاداري ۽ ايمان ۾ ڪنهن بہ قسم جي بنيادي کوٽ ڪڏهن بہ نظر نہ ايندي هئي ”منڌ نہ منجهان تن پسي لڪ لڏن جي، جا پر ڪاهوڙين سا پر سکي سسئي“. جيڪڏهن انهن قوم دوست سنڌي ماڻهن جي ننڍڙي لسٽ ناهجي، جن هر حال ۾ مارڳ نہ مٽايو، ڪنهن بہ طرف لوٽو ڪونہ هنيو، پڇتايو ڪونہ، ڊنا ڪونہ، ٿڪا ڪونہ، وينا ڪونہ، ڇڙي رپ ڪونہ ٿي پيا، انهن ۾ زرينہ بلوچ جو نالو پهرين نالن ۾ شامل هوندو.

دراصل سندس نالو ويهين صدي جي پوئين اڌ صدي جي سنڌ جي قومي تحريڪ جي ثقافتي سرواڻن جي فهرست ۾ مٿان ئي مٿان نظر ايندو. زرينہ جهڙي تمام مقبول ۽ نرالي سنڌي قومي ۽ انقلابي فنڪاره هئي، اهڙي ئي هڪڙي بهادر ۽ جاکوڙي قومي ڪارڪن ۽ هڪڙو پلو، گهڻ طرفو، سچو ۽ شاندار سنڌي ماڻهو هئي. جنهن سنڌ جي هن دور جي قومي جدوجهد جي تاريخ تي نہ مٽجندڙ نشان ڇڏيا آهن، پويان ايندڙن لاءِ هڪڙي چٽي ۽ روشن واٽ گهڙي ڇڏي آهي. مون کي، سنڌي قوم کي ۽ هن خطي جي سمورن مظلوم ماڻهن کي زرينہ بلوچ تي فخر آهي.

❋

( ماهوار ”ڪاپڙي“ حيدرآباد، نومبر 2005 ع )

ٽيڪسٽ اِنٽري ۽ اِي بُڪ ڪمپوزنگ: سڪندر علي ابڙو، قمبر علي خان

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڪِلڪ ڪريو: http://geocities.com/sindhiawami